

سنڌ جا املهه هيرا
مير نادر علي ابڙو

# سنڌ جا املھ هيرا

(مضمون)

## مير نادر علي ابڙو

ڪامريڊ تاج محمد ابڙو
يادگار ڪاميٽي، سنڌ

*

سنڌ سلامت

ڪتاب گھر

سنڌ جا سچڻو سلام .........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو **ٻٽيهون (32)** ڪتاب **سنڌ جا املھ هيرا** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب سنڌ جي اهم شخصيتن تي لکيل ڪالمن يا تاثرات تي شامل آهي. هن ڪتاب جو ليکڪ محترم **مير نادر علي ابڙو** صاحب جن آهن. پاڻ سنڌ جي علمي ۽ ادبي گھراڻي سان تعلق رکن ٿا.

اسين ٿورائتا آهيون مير نادر علي ابڙو جا جنهن نہ صرف هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏني پر ان سان گڏ هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت بہ ڏني. اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڄاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين ، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**

**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**

**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**

salamatsindh@gmail.com

# ارپنا

سنڌ جي نامور اديب، دانشور، جج، سياستدان، سماج سڌارڪ، تعليمدان ۽ ارڏي صحافي ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي والده ماجده ۽ منهنجي ڏاڏي پنهنجي دؤر جي عربيءَ فارسيءَ جي ڄاڻو، نيڪ نمازڻ، تهجد گذار،

**عزيز خاتون** جي نالي

جنهن وڏي پوٽي جي حيثيت ۾ منهنجي ننڍپڻ ۾ پالنا ۽ پرورش ڪئي ۽ پيار منجهان مون تي 'مير' نالو رکندي پنهنجي منڍي مادري سرائڪي ٻولي ۾ مونکي لولي ڏيندي (ميڏا مير ڪاسي ڪندون کير) ڇئي دعائون ڏيندي ڏيندي هن فاني دنيا کي الودا ع ڪيو.

اڄ جيڪي ڪجهه آهيان، انهيءَ جي دعائن بدولت آهيان.

**مير نادر علي ابڙو**

# مهاڳ

## يادگيرين کي تازگي مهيا ڪندڙ ڪتاب

منهنجو دلبند، دلبر ۽ دل گُهري دوست ڪامريڊ تاج محمد ابڙو هڪ دوست نواز، انسان نواز، سنڌ جو مشهور شخص هيو. ڪامريڊ تاج محمد حيدرآباد جڏهن بہ ايندو هيو تہ مون وٽ مون مٿان احسان ڪري منهنجي گهر اچي ڪچهري ڪندو هو ۽ مون کي ساڻ ڪري ادبيات حيدرآباد توڙي سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو گڏ وٺي ويندو هيو. جتي گڏجي ڪتاب ڏسي نوان ڇپجندڙ ڪتاب خريد ڪبا هئا. اهو سلسلو ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جي وفات تائين يعني ڪافي سالن تائين جاري ساري رهيو.

مون کي اڄ بہ چڱي طرح ياد ٿو اچيم تہ تاج محمد ابڙو سان گڏ سندس وڏو فرزند مير نادر علي هميشہ گڏ ئي گڏ رهندو هيو. ٽيهہ سال کن اڳ جڏهن ڪامريڊ تاج محمد ڊسٽرڪٽ سيشن جج خيرپور ميرس هيو تہ اتان پٽ مير نادر علي سان گڏ منهنجي گهر آيو. ان وقت ٻئي دوست مير نادر علي کي ساڻ ڪري سنڌي ادبي بورڊ وياسين. اهو ڏينهن فقط مير نادر علي صاحب جي لاءِ ڪتابن وٺڻ جو ڏينهن هيو ۽ جيڪي بہ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ٻاراڻي ادب جا ڪتاب ڇپجي چڪا هئا، سي سڀ جا سڀ مير نادر علي کي سندس والد پرائمري سٺن نمبرن ۾ پاس ڪرڻ تي تحفي طور وٺي ڏنا. ڪتاب ڪيترا هئا، سڄي جي سڄي گاڏيءَ جي ڊگي ڀرجي وئي. پڻ ڪجهہ بنڊل شهزادي نادر علي پنهنجي هٿن ۾ رکيا. همراهہ خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپيو.

اڄ اهو نادر علي وڏو ٿي جوان مڙس ٿيو آهي ۽ سنڌ جي اينٽي ڪرپشن جهڙي اهم کاتي ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ميرپورخاص ۾ ڊيوٽي ڪري رهيو آهي. مون کي هن جي بدلي ٿيڻ جي خبر اخبارون پڙهندي ائين پئجي ويندي آهي جو سندس جنهن ضلعي ۾ مقرري ٿيندي، اتي وجي ادبي ميلا مچائيندو آهي. اڪثر پيو اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن جون ورسيون ۽ سالگراهون ملهائيندو ۽ پيو انهن جي زندگيءَ تي ڪنهن هڪ نہ بلڪہ سنڌ مان شايع ٿيندڙ سڀني سنڌي اخبارن ۾ مضمون ڇپرائيندو وتندو. مطلب تہ هن پوليس آفيسر کي چپ ڪري ويهڻ اچي ئي ڪونہ، يا پيو ڪتاب پڙهندو يا پيو لکندو يا پيو ادبي پروگرام ڪندو وتندو. اهو سڄو ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جي تربيت جو اثر آهي، نہ تہ ڪٿي پوليس ۽ ڪٿي ادب، ڪوڙو ئي ڪونہ ٿو لڳي پر هي نوجوان پوليس ۾ بہ وڏو نالو ڪمايو ويٺو آهي.

اڄ سچ پچ تہ آءُ وڏي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان تہ منهنجي جگري جهوني دوست جي فرزند ارجمند مير نادر علي ابڙي پنهنجي والد صاحب جي دوستن ۽ واقفڪارن بابت پنهنجون يادگيريون پنهنجي محترم امر والد جي حوالي سان ساري سنڀالي گڏ ڪيون آهن ۽ خوب لکيون آهن.

هي ڪتاب **سنڌ جا املھ هيرا** جي عنوان سان پڙهندڙ حضرات لاءِ سنڌ جي شخصيات جي حوالي سان هڪ تاريخي ڪتاب ثابت ٿيندو ۽ مون کي يقين آهي تہ هي ڪتاب پڙهندڙن لاءِ واقعي املھ تحفي طور يادگار رهندو.

هن کان اڳ مير صاحب، ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جي زندگيءَ بابت **سنڌ جو املھ هيرو** نالي سان ڪتاب پڻ شايع ڪرائي چڪا آهن. ان سلسلي ۾ هي ڪتاب پڙهندڙن جي يادگيرين کي تازگي مهيا ڪندو. گذريل وقت جا هي احوال گڏ ڪري منهنجي پياري دل گهُري دوست جي فرزند، مير صاحب نادر علي ابڙي پوري محنت ۽ حوصلي سان هن تصنيف کي پڌرو ڪيو آهي. جنهن لاءِ هو اسان جون مبارڪون لهڻي.

سچ پچ تہ سنڌ جون هيڏيون هستيون هڪ جاءِ تي گڏ ڪري، هن جوانَ هڪ اهڙو تہ گلدستو جوڙيو آهي، جو نئين ٽهيءَ جي اديبن ۾ ڪو مثال ڪو نہ ٿو ملي. اڄ اگر اسان جو دوست ڪامريڊ تاج محمد ابڙو زندهہ هجي ها تہ هن ڪتاب کي پڙهي، پنهنجي فرزند کي خوشيءَ منجهان چمي ڏئي ها. هن پنهنجي والد جيان ادب جي ننڍڙي عمر هوندي خوب خدمت ڪئي آهي. سندس اهڙو جذبو واقعي وڏي قدر لائق آهي.

اسان جي دعا آهي شال وڏي حياتي ماڻي ۽ اجان اهڙا وڏيڪ ڪتاب پيو لکي ۽ پنهنجي والد جي نالي روشن ڪرڻ سان گڏ پنهنجو نالو بہ روشن ڪندو رهي.

**محمد ابراهيم جويو**

**حيدرآباد سنڌ**

25 مارچ 2012

## ٻه اکر

# محبتن جو هڪ جهان

مير صاحب نادر علي ابڙو هڪ نه نوجوان، پيو پوليس آفيسر - پوءِ به ادب ۽ اديبن تي ايترو لکي، اِها ڳالهه جهڙوڪر اڻ ٿيڻي هئي پر هتي وري حسب نسب ڪم آيو. مير صاحب ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو لائق فرزند آهي، ڪامريڊ تاج محمد ابڙو سينئر اديبن، اديبن ڪي منظم ڪري سنڌي ادبي سنگت هلائيندڙ، هارين جي هلچل ۾ حصو وٺي، سنڌ هاري ڪاميٽيءَ کي منظم ڪري جاکوڙيندڙ رهيو آهي.

آدرشي انسان ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو لائق پٽ هجڻ ڪم آيو ۽ مير صاحب ادب جي ميدان ۾ لهي پيو. سندن پولي تمام سٺي ۽ سلوٽي آهي، پيا پڙهوور نه ٿيندو ُ !

مير صاحب پلو صاحب قلم به آهي، پوءِ پلي نوڪري سانگي جتي به رهيو آهي، اتي ادبي تنظيمون ناهڻ، تاج اڪيڊميون ناهڻ يا لائبريريون منظم ڪرڻ ۾ اڳ اڳرو رهيو آهي. اسين سڀ ادبي لڏي جا ماڻهو دعاگو آهيون ته مير صاحب صحت مند رهي ۽ ادبي ميدان ۾ نوان نوان ليک لکندو رهي. پاڻ ادبي ميگزينن ۽ روزاني اخبارن ۾ پڻ ادبي مضمون لکندو رهيو آهي.

مون کي بجا طور خوشي آهي ته مير نادر سنڌ جي بيحد اهم ادبي، سياسي، سماجي شخصيتن تي تفصيلن تحقيق ڪري هن ڪتاب جي صورت ۾ ڪين هميشه لاءِ تاريخ جي سونن ورقن ۾ سهيڙي ڇڏيو آهي. هن ڪتاب جي قيمتي مضمونن جي اهميت ۽ افاديت کي علمي حلقو يقينن سمجهي سگهي ٿو، اتي مان نادر کي مبارڪباد پيش ڪندس، جنهن اها ڪاوش سر انجام ڏني ۽ مون کي بلاشڪ هڪ سرهائي محسوس ٿي رهي آهي.

مير نادر حقيقت ۾ نوجوان هوندي پنهنجي بزرگن سان ڪيتري محبت ۽ لڳاءُ رکي ٿو، ان جو اندازو سندس هنن مضمونن مان لڳائي سگهجي ٿو. سندس لکڻ جو اسلوب برجستو، سونهن ۽ سوپيا وارو آهي. مضمونن ۾ مختلف هستين بابت سندس تحقيق ۽ کوجنا جي ڪيتري قدر و قيمت آهي، سا لکيل ڍڪيل نه آهي. مان سندس محنت، محبت کي خراج عقيدت ۽ خراج تحسين پيش ڪيان ٿو ۽ مون کي خوشي ٿي ٿيئي ته اسان جا نوجوان پنهنجي تاريخ ۽ بزرگن کي زنده جاويد رکڻ چاهين ٿا.

مير نادر جو والد صاحب ۽ منهنجو بيحد پيارو دوست ڪامريڊ تاج محمد ابڙو پاڻ به هڪ علمي ادبي، سياسي، سماجي شخصيت هيو، نادر به پاڻ ملهايو آهي. پنهنجي والد جي نالي

تي 'بزمِ ڪامريڊ تاج محمد ابڙو ڪاميٽي' جو بنياد وڌائين. هفتہ روزه اخبار 'تاج' جي نالي سان بہ ڪيڍي رهيو آهي. ان ڪان علاوه اهم شخصيتن جي ورسين ۽ سالگراهن تي نادر مضمون لکڻ ڪڏهن بہ نہ وساريندو آهي. هُو پنهنجي ادب سان رشتو جوڙيندو ٿو اچي.

هن ڪتاب ۾ اهڙن مٽيادار ماڻهن ۽ تاريخ ساز هستين ڪي هڪ هنڌ ميڙي سچ پچ تہ نادر محبتن جو هڪ جهان ميڙيو آهي.

مان سمجهان ٿو تہ هي ڪتاب شخصيات جي اهميت جي بنياد تي تاريخ ۾ هڪ خاص جاءِ پيدا ڪندو.

**ڪامريڊ جام ساقي**

**اڳوڻو صلاحڪار - وزيراعليٰ سنڌ**

## ليکڪ پاران:

# تاريخ جو هڪ باب

منهنجو هي ڪتاب **"سنڌ جا املھ هيرا"** جڏهن پڙهندڙ پڙهڻ شروع ڪندا تہ يقينن اهو ضرور سوچيندا تہ ليکڪ سنڌ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتن يعني هڪ ٻئي سان زمين آسمان جيڏا شديد نظرياتي اختلاف رکندڙ هڪ تسبحي ۾ پوئيا آهن. مون گهڻو ڪري ڪتاب ۾ انهن شخصيات تي قلم کنيو آهي، جيڪي منهنجي والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جا دوست ساٿي آهن يا سندس واسطيدار آهن. حقيقت ۾ منهنجو ننڍپڻ ملڪ جي تمام وڏين شخصيتن جي ملاقاتن سان ٽمٽار رهيو آهي. انهيءَ جو وڏو سبب منهنجي والد مرحوم جي اوطاق ٿي آهي، جتي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ منجهان سياستدان، اديب، شاعر، ليکڪ، ليبر، صحافي، سردار ۽ ڪامريڊ ايندڙ ويندڙ هئا ۽ مون کي بابا سائين مرحوم هميشہ پنهنجي پرسان ويهاريندڙ هيو. اهڙي طرح انهن ڪچهرين ۾ مان بہ ملڪ جي بيشمار چوٽيءَ جي نامور هستين سان ننڍپڻ ۾ شامل رهيس. هتي سندن نالا لکندس تہ پنا ڪُٽي ويندا پوءِ بہ انصاف ڪري ڪونہ سگهندس. جيڪي بہ اتي ڪچهري ۾ اديب شرڪت ڪرڻ لاءِ ايندا هئا، اُهي اڪثر پنهنجا ڇپيل ڪتاب ضرور بابا سائين کي تحفي طور ڏيندا هئا. پير حسام الدين شاهہ راشدي، پير علي محمد شاهہ راشدي جڏهن بابا سائين وٽ ايندا هئا يا وري بابا سائين بہ انهن وٽ ويندو هو، انهن پنهي پائرن جا لکيل ڪتاب "اُهي ڏينهن اُهي شينهن،" "هُو ڏوٿي، هو ڏينهن" مون ننڍپڻ ۾ پڙهيا ۽ ڪچي ذهن تي مون کي شخصيتن تي لکڻ جو شوق پيدا ٿيو. لکڻ جي شروعات تہ مون 1981ع ڌاران شروع ڪري ڇڏي هئي، ان وقت اسان وٽ سرڪاري طرح سنڌي اخبارون چار ايندڀون هيون، جن ۾ روزانہ آفتاب، مهراڻ، عبرت ۽ هلال پاڪستان. مان انهن چئني اخبارن ۾ ٻارن جي صفحن ۾ لکڻ شروع ڪيو. انهي کان علاوه گل ڦل توڙي اردو ٻارن جا رسالا نونهال وغيره ايندا هئا. شروع ۾ مون مذهب تي لکيو، بعد ۾ نفسيات تي لکيم. آخرڪار منهنجو قلم وڃي شخصيتن تي راضي ٿيو. انهيءَ جو وڏو سبب اهو هيو تہ 10 مارچ 1986ع تي بابا سائين وفات ڪئي. جيڪو منهنجو زندگيءَ جو ڪارو ڏينهن هيو. بابا سائين جي

وفات ڪان پوءِ منهنجو ڪو بہ دنيا ۾ وڏو ڪونہ هيو، نہ چاچا نہ ماما. اتي بابا سائين جا دوست ئي هيا، جيڪي منهنجا چپر چانوَ هئا. انهن ۾ پٽيوالي ڪان وزيراعظم، چيف جسٽس، چيف منسٽر، ميمبر صوبائي/ قومي اسيمبلي، سفير، وزير مطلب تہ انهن ۾ هر طبقي جون شخصيتون شامل هيون، جن ۾ شاعر، اديب، صحافي، وڪيل، واپاري، زميندار، سردار، هاري ۽ ناري. جڏهن بابا سائين جي اڪين پوٺڻ ڪان پوءِ انهن جو بہ آهستہ آهستہ هي فاني جهان ڇڏڻ جو سلسلوشروع ٿيو تہ مون انهن محسنن، منهنجي وڏڙن جا احسان لاهڻ لاءِ، سندن زندگيءَ ۾ مون ڪي ڏنل پيار جو قرض لاهڻ لاءِ متن قلم کنيو. ڇو تہ انهن شخصيات جون اهي شامون جيڪي والد مرحوم جي اوطاق تي گذريون هيون، مون تي انهن جي ڪچهرين ۽ ڳالهين ڪافي گهرو اثر ڇڏيو هيو. سندن هي جهان ڇڏڻ بعد سندن چهرا منهنجا سامهون ڦرندا رهندا هئا، سندن قول ۽ ڪلام منهنجي ننڍپڻ جي يادگيرين جو هڪ اڻ وسرندڙ حصو رهيا، ڇو تہ ڪجهہ شخصيتون اهڙيون هونديون آهن، جن جا تصور احساس ۽ عمل وسارڻ جوڳا نہ هوندا آهن. اهو ئي سبب هيو جو مون والد مرحوم جي انهن دوستن کي هميشہ لاءِ تاريخ جو هڪ باب بڻائي ڇڏيو. ۽ سندن زندگيءَ تي مضمون لکي اخبارن ۾ شايع ڪرايم ۽ پڻ ڪوشش ڪري سندن ورسيون بہ انهي ڏينهن ملهائڻ لڳس تہ ڇڻ روح کي سڪون ملڻ لڳو.

هتي مان هڪ ڳالهہ واضح ڪندو هلان تہ جڏهن مون پهريون مضمون هڪ شخصيت تي لکيو هيو تہ اهو پنهنجي استاد ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻيءَ کي وجي پڙهايم. ڪامريڊ پڙهي ڏاڍي تعريف ڪئي ۽ هڪ خط اخبار جي ايڊيٽر کي لکي ڏنو تہ هي مضمون اخبار ۾ ضرور شايع ڪندا ۽ پوءِ انهي مضمون شايع ٿيڻ ڪانپوءِ ئي مون باقاعده اخبارن ۾ شخصيات جي حوالي سان لکڻ شروع ڪيو ۽ مون کي سڄي سنڌ مان شاباسي ملي تہ ويتر روح کي اتساهہ مليو.

اڳتي هلي ڪافي دوستن چيو تہ هاڻي تمام گهڻا مضمون شايع ٿي چڪا آهن، هاڻي انهن کي ڪتابي صورت ۾ آڻيو تہ ڏاڍو چڱو ٿي پوي. دوستن جي بيحد اصرار تي آخرڪار هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. جئين تہ ڪتاب سهيڙڻ وقت اصل مضمونن جي نہ ليجڻ جي ڪري، هي سڀ مضمون سنڌ جي مختلف اخبارن تان کنيا ويا آهن، اخبارن ۾ هميشہ گهڻو ڪري ليکڪن جا مضمون گهٽائي ڇاپيا ويندا آهن ۽ سندن ڪاٽ ڪوٽ ڪئي ويندي آهي. ان لاءِ اگر ڪنهن بہ مضمون ۾ ڪنهن قسم جي ڪا ڳالهہ رهجي ويل آهي تہ اها منهنجي پاران نہ بلڪ اخبارن جي غلطي سمجهي وڃي. پوءِ بہ انهيءَ ڪمي پيشي لاءِ مان معذرت خواهہ آهيان.

مون بغير ڪنهن مذهبي، سياسي ۽ قومي تفريق جي، دل جي گهراين سان هي مضمون لکيا اٿم. فهرست ۾ نالا بہ الفابيٽيڪلي يعني الف، ب موجب رکيا اٿم، جو مون لاءِ هن ڪتاب ۾ ڏنل سڀ شخصيات محترم ۽ قابل احترام آهن، تنهن ڪري مون آڏو ڪنهن کي مٿي، ڪنهن کي هيٺ رکڻ ڏاڍو ڏکيو هيو. بهرحال شخصيات جي حوالي سان مان سمجهان ٿو تہ هي ڪتاب سنڌ ۾ اڳ شايع ٿيل ڪتابن کان منفرد ۽ خاص حيثيت رکندو. انشاءالله.

**مير نادر علي ابڙو**

Cell: 0333-26-18748

سنڌ سلامت

# الله بخش انيس انصاري

## سنڌ جو ناليوارو افسانا نويس

سائين انيس انصاري سان منهنجي پهرين ملاقات 1986ع ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڪرائي. ڊاڪٽر صاحب منهنجو تعارف ڪرائيندي چيس تہ هي مرحوم تاج محمد ابڙو ڊسٽرڪٽ سيشن جج جو فرزند آهي. اهو ٻڌندي ئي سائين انيس مون سان وڏي محبت ۽ پاڀوهہ منجهان ڀاڪر پائيندي مليو ۽ چيائين تہ ’تون تہ منهنجو ڀائيٽو آهين. تنهنجو والد ۽ مان ٻئي پرائمري اسڪول کان هڪٻئي جا پراڻا دوست آهيون.‘ انهي پهرين ملاقات ۾ ئي سائين انيس منهنجي ايترو تہ ويجهو ٿي ويو ڄڻ تہ ڪو منهنجا سالن کان پراڻا واسطا هجن، انهي کان پوءِ سائين انيس سان منهنجيون تڪڙيون تڪڙيون ملاقاتون ٿينديون رهيون. اسان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهري ۾ مگن هوندا هئاسون. سائين انيس مون کي پنهنجي سروس دوران آيل تجربن بابت ڄاڻ ڏيندو رهندو هو. سائين انيس 1982ع ڌاران اي ڊي ايم طور رٽائر ڪيو هيو. هو پنهنجي سروس ۾ هڪ ايماندار ۽ روب تاب وارو ڪامورو مشهور رهيو. مون کي تڏهن حيرت لڳي جڏهن سائين انيس مون کي ٻڌايو تہ هن پنهنجي سڄي حياتي ۾ باوجود وڏو آفيسر هوندي بہ پنهنجي رهڻ لاءِ ڪا بہ جاءِ نہ ٺاهي آهي. رٽائرمينٽ کان پوءِ هڪ دوست جي جاءِ ۾ ڪرائي تي رهان پيو. حالانڪہ ڪامورا تہ وڏا وڏا بنگلا ٺهرائي رهندا آهن. جڏهن بہ سائين انيس کي ٻاهر ڏسبو هئو تہ هو هميشہ پنڌ نظر ايندو هو. ٻين ڪامورن کان بلڪل ابتڙ بغير گاڏي جي، ڪپڙو لٽو بنهہ سادو، ڳالهائڻ ۾ محبت. مون کي ياد آهن اهي ڏينهن جڏهن مان بيروزگار هئس ۽ سائين انيس مون کي منهنجو هٿ ڏسي اڪثر منهنجي قسمت جو حال ٻڌائيندو هو تہ تون عنقريب معتبر آفيسر ٿيڻ وارو آهين ۽ واقعي بہ ائين ئي مان جڏهن اينٽي ڪرپشن ۾ سرڪل آفيسر ٿيس تہ مون کي سائين انيس واري ڳالهہ بلڪل سچي لڳي ۽ مان ڪيس يڪدم مٺائي وٺي پهچايم. مٺائي ڏسي مون کي چيائين تہ منهنجي ڳالهہ آخر سچي ثابت ٿي. پر هاڻي ياد رک تو تي الله جي ذات وڏا بار رکيا آهن. هميشہ خدا جو خوف دل ۾ رکجانءِ، مسڪينن ۽ يتيمن جي دل سان مدد ڪجاءِ. سائين انيس اديب ۽ ڪاموري هجڻ سان گڏ سنو دستِ شناس بہ هئو. جنهن جي عام ماڻهن کي گهٽ خبر آهي، هُن جن بہ دوستن کي قسمت جو حال ٻڌايو، اهو سچو ثابت ٿيندو هئو. سائين انيس ۾ وڏائي ۽ مغروريت بنهہ ڪونہ هئي، دوست ۽ يار اڪثر پاڻ ملڻ گهر ايندا هئس. سواءِ غمي ۽ خوشي جي سائين انيس دوستن وٽ ڪو نہ ويندو هئو. بلڪہ اهو وقت لکڻ ۽ پڙهڻ کي ڏيندو هو. مون سان هن جي انتها درجي جي محبت هوندي هئي. مان 1993ع ڌاران لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪئي. انهي دوران ڊاڪٽر قمر الدين بوهرا، لاڙڪاڻي ۾ سيشن جج ٿي آيو. جنهن کي ادب سان بي پناهہ چاهہ هئو. جنهن مون کي گهرائي چيو تہ نادر تون سنڌ جي ادبي گهراڻي جو فرد آهين، تنهن ڪري تون منهنجي مدد ڪري سگهين ٿو. مان جنهن مون ضلعي ۾ بہ جج رهيو آهيان انهي ضلعي تي ڪتاب لکندو آهيان ۽ هاڻي مان لاڙڪاڻي ضلعي تي بہ ڪتاب لکڻ چاهيان ٿو، تنهن ڪري اگر تون مون کي لاڙڪاڻي جي اديبن سان ملاقات ڪرائين تہ مان ڪانئن

لاڙڪاڻي تي مواد وٺان. انهي سلسلي ۾ مون ڪافي اديبن کي چيو مگر سيني جج صاحب ڏانهن هلڻ کان معذرت ڏيکاري، هڪ سائين انيس انصاري ئي هئو، جنهن چيو تہ مان جج ڏانهن هلندس. جج ڏانهن هلڻ ۾ مان لهي تہ ڪونہ ويندس ۾ پوءِ مون سان گڏجي هليو ۽ ڊاڪٽر قمرالدين بوهرا کي لاڙڪاڻي متعلق مواد ڏنائين پر جج صاحب جي جلدي بدلي ٿيڻ ڪري سندس لاڙڪاڻي تي ڪتاب لکڻ واري خواهش اڌوري رهجي وئي.

سائين انيس منهنجي والد جو پراڻو ۽ نيڊپڻ جو دوست هو، تنهن ڪري هن منهنجي والد جي وفات تي هڪ تفصيلي مضمون لکي سنڌ جي سيني اخبارن ۾ شايع ڪرايو هو، جيڪو هڪ مڪمل، شاهڪار ۽ يادگار مضمون آهي.

لاڙڪاڻي ۾ سي ايس ايس سينٽر کليو جنهن ۾ سائين انيس اچي ليڪچر وغيره ڏيندو هو. هن کي ڏاڍو چاهہ هئو تہ مان بہ سي ايس ايس ڪيان ۽ ڪنهن چڱي پوسٽ تي پهچان. مان سندس اسرار تي سي ايس ايس سينٽر وڃڻ لڳس پر ڪجھ وقت وڃڻ کان پوءِ گهريلو مصروفيت ڪري سلسلو منقطع ٿي ويو.

سائين انيس کي ادب ۽ تعليم سان ڏاڍو چاهہ هوندو هئو. جڏهن سندس ڪتاب 'انيس جا افسانا' شايع ٿيو ۽ مشهور ٿيو تہ سائين انيس ڏاڍو خوش هئو ۽ تحفي ۾ مون کي انهي جي هڪ ڪاپي بہ ڏنائين. هو چوندو هو تہ نادر مان اي ڊي ايم جي پوسٽ تي علم سان شوق ۽ محنت ڪري پهتو آهيان. مون پنهنجي اولاد کي بہ سٺي تعليم ڏياري آهي، اهو ئي سبب آهي جو منهنجا فرزند ۽ نياڻيون سڀئي آفيسر آهن، اهي بہ تعليم سان شوق ۽ محنت سبب پنهنجي قابليت تي ئي انهن عهدن تي رسيا آهن.

سائين انيس کي لاڙڪاڻي جي تاريخي ماڳن سان دلچسپي رکڻ تي وقت جي ڊپٽي ڪمشنر ڪيس لاڙڪاڻو هسٽاريڪل سوسائٽي جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ۽ ڪيس ڊي سي آفيس سان لڳ آفيس بہ فراهم ڪيائون، جتي سائين انيس ويهي تاريخي ماڳن تي تحقيقات ڪندو هئو. مان انهن ڏينهن ۾ بيروزگاري سبب واندو هئس. سائين انيس مون کي فون ڪري گهرائي پاڻ سان گڏ ويهاريندو هئو، ساڻس ويجهڙائي ڪري منهنجا ادبي لڏي سان تعلقات بہ وڌيا ۽ وري منهنجي ادبي پرورش بہ ٿئي.

سائين انيس کي زندگي جي آخري دؤر ۾ صحت وفا نہ ڪئي ۽ هو اڪثر بيمار رهڻ لڳو، پيو تہ سندس چنگھ جو هڏو وهنجڻ دوران ترڪي پوڻ سبب ٽٽي پيو، جنهن ڪري بہ هو ڪافي ڏينهن تڪليف ۾ رهيو. سندس آخري ڏينهن ۾ هڪ وڏو صدمو بہ رسيس، سو هو سندس گهرواريءَ جي وفات جو، جنهن لاءِ سائين انيس اڪثر چوندو هئو تہ ڪامياب مرد جي ڪاميابي پٺيان ڪنهن نہ ڪنهن عورت جو هٿ هوندو آهي. منهنجي ڪاميابي پٺيان منهنجي گهر واريءَ جو هٿ رهيو آهي، جنهن مون سان زندگي جي لاهن چاڙهن، خوشي ۽ غمي ۾ مڙس ماٺهو ٿي ساٿ ڏنو.

آخرڪار سنڌ جي هن نامور شخصيت اديب، مارچ 2000ع تي هن فاني دنيا کي خدا حافظ چئي، وڃي پنهنجي خالق حقيقي سان مليو. خدا شال جنت ۾ جايون ڏيس.

---

**عوامي آواز، عبرت، هلال پاڪستان، مهراڻ، سچ، سنڌو، شام**

# آصف علي زرداري

## جو صدارتي حلف ۽ سنڌ ۾ قائم اميدون

اڄ آصف علي زرداري ملڪ جي چوڏهين صدر طور قسم کڻي رهيو آهي تہ ٻئي طرف صدارتي اليڪشن ۾ آصف علي زرداري جي ڪاميابي تي سموري ملڪ ۾ جشن ملهايا پيا وڃن. ماڻهو هڪ ٻئي کي مبارڪ ڏئي ڏئي نہ پيا ڍاپن. پنگڙا ڊانس پئي ڪئي وڃي. فضا ۾ ”زنده هي بي بي زنده هي“ جا نعرا پيا گونجن. ماڻهن ۾ عيد کان وڌيڪ خوشي ڏسجڻ ۾ ملي پئي. لاڙڪاڻي کان نوابشاهہ ڪارونجھر کان ڪشمور تائين رقص ڪيو پيو وڃي. ماڻهن جي خوشين جو اندازو لڳائڻ ڏکيو آهي. گهڻي وقت بعد ماڻهن ۾ هڪ ئي امنگ جنم ورتو آهي. هيل تائين محترم آصف علي زرداري جي زندگي تي مختلف اخبارن ۽ ٽي وي چئنلن ڪوڙ سارا تجزيا ڏيکاريا. پڙهيا شايع ڪيا آهن. پر انهن منجهہ ڪافي ڳالهيون اهڙيون آهن، جن جو ذڪر ناهي ٿي سگهيو. جن جو ذڪر هن موقعي تي ٿيڻ کپي، بابا مرحوم ڪامريڊ تاج محمد ابڙو ۽ چاچا حاڪم علي زرداري جا تمام ويجهائي وارا ناتا هئا ۽ ٻئي ڪامريڊي لڏي جا قائل ۽ نظرياتي طور تي ڪامريڊ رهيا. ٻنهي ڄڻن نيشنل عوامي پارٽي ۾ گڏجي ڪم ڪيو.

هن دؤر ۾ جڏهن سياست ڪرڻ ڪو سولو عمل نہ هو. بابا جڏهن نوابشاهہ جو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج هو تہ هن دؤر ۾ سندن بنگلي تي روز شام جي پهر ۾ ڪچهريون سجنديون هيون. جن ۾ چاچا حاڪم علي زرداري، رسول بخش پليجو، امداد محمد شاهہ ۽ پيا گڏبا هئا. وڏا سياسي بحث مباحثا سياست کان ادب تاريخ تائين ڪيا ويندا هئا. اهي تاريخي ڪچهريون اڄ بہ نوابشاهہ جا چڱا خاصا جهونا ياد ڪن پيا ۽ سارين ٿا. سن 1983ع ۾ بابا مرحوم ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي بدلي نوابشاهہ کان حيدرآباد ٿي تہ سندن گهاٽي دوست حاجي سائينداد خان زرداري اسان جي سموري ڪٽنب جي دعوت پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪئي. جتي وٽس آصف علي زرداري آيو ۽ منهنجي پهرين ملاقات آصف علي زرداري سان اتي ٿي. هن دؤر ۾ آصف علي زردي مون کي هڪ باڪردار، جاکوڙي، پرڪشش شخصيت نظر آيو.

ڪجهہ وقت لاءِ ساڻس ڪچهري ٿي پر بعد ۾ زماني جي مصروفيتن پيهر ملاقات جو موقعو نہ ڏنو. نوابشاهہ واسي لاڙڪاڻي جي تاج محمد ابڙو خاندان ۽ نوابشاهہ جي زرداري خاندان کي هڪ نگاهہ سان ڏسن ٿا. 1987ع واري دؤر ۾ لاڙڪاڻي ۽ نوابشاهہ جو پاڻ ۾ واسطو شهيد بينظير ڀٽو ۽ آصف علي زرداري جي شادي جي صورت ۾ ٿيو ۽ اتان کان ئي آصف علي زرداري ملڪي سطح جو سياسي اڳواڻ ٿي اڀريو. هن کان اڳ ئي آصف علي زرداري پنهنجي سياسي ڄمار جي شروعات ضلعي ڪائونسل نوابشاهہ کان شروع ڪئي ۽ هن کي ڪئين سياسي مشڪلاتون ڏسڻيون پيون. هاڻوڪي صدارتي چونڊ ۾ آصف علي زرداري جي ڪاميابي پويان حاڪم علي زرداري جا پراڻا تعلقات بہ نظر ٿا اچن. جيڪي

هن صدارتي مهم ۾ ڪم آيا آهن. ولي خان سان حاڪم علي زرداري جا گهريلو تعلقات به هتي ڪم آيا ۽ تاريخ ۾ ڪڏهن به زرداري فيملي نوابشاهه جي سياسي ميدان کي خالي نه ڇڏيو ۽ هميشه سيد ۽ جتوئي گروپ جو مقابلو ڪيو پر جڏهن آصف علي زرداري جي شهيد بينظير ڀٽو سان شادي ٿي ته هن خلاف سازشون شروع ٿي ويون ۽ ڪئين چئلينجن کي منهن ڏيڻو پيو.

مختلف موقعن تي سنڌن خلاف قياس آرايون ڪيون ويون پر هي ڪنهن موقعي تي نه منجهيو، نه جهڪيو. جيستائين آصف علي زرداري جي بهادري جو سوال آهي ته پاڻ شهيد بينظير ڀٽو سان شادي کان اڳ ئي تمام گهڻو بهادر رهيو. جڏهن نواب شاهه ۾ غنڊه گردي عروج تي هئي ته پاڻ بلوچستان جي سردار جي پٽ کي تنبيهه ڪئي ته هو پاسو ڪري ۽ ڪيس سزا طور ٽنڊي ۾ ٻڌي ڇڏيو. هن وقت آصف علي زرداري ۽ سندس ڀيڻ فريال ٽالپر سنجيدگي سان ملڪي معاملا سمجهي جاڪوڙي رهيا آهن. انهن جي انهيءَ جاڪوڙ تي ڪين قوم سٺن لفظن سان پڪاري ٿي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ جڏهن آصف علي زرداري صدارتي حلف کڻي رهيو آهي ته سڀ کان وڏا جشن ۽ خوشيون سنڌ ۾ ملهايا پيا وڃن ۽ سنڌ اسيمبلي پنهنجي محبوب ليڊر کي سمورا ووٽ سڀ ويچا وساري سوکڙي طور گفٽ ڪيا آهن ۽ محبتون آڇيون آهن.

حرن جي روحاني پيشوا حضرت پير صاحب پاڳاري کان ويندي ايم ڪيو ايم جي الطاف حسين تائين جنهن ٻڌي جو مظاهرو ڪيو. سو تاريخ لائق آهي، جنهن لاءِ انهيءَ جي جيتري به تعريف ڳائجي سا اٽڪوري هوندي. هتي جي عوام کي ڀروسو آهي ته، آصف علي زرداري جي صدر ٿيڻ کان پوءِ شهيد راڻي محترمه بينظير جا ڏٺل سمورا خواب پنهنجي منزل ماڻيندا ۽ سنڌن نعرو روٽي، ڪپڙا اور مڪان وارو عملي جامو پائي وٺندو، اڄ سنڌ جو هر ماڻهو آصف علي زرداري جي ڪاميابي کي پنهنجي ڪاميابي سمجهي ٿو ۽ فخر ٿو ڪري ته شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جو ور ملڪ جو صدر چونڊبو آهي.

---

خبرون، تعمير سنڌ، فيصلو، عبرت ، سنڌو، مهراڻ، سنڌ، هلال پاڪستان، سوڀ، مقدمو، عوامي آواز، هلچل، سنڌو ڊائجسٽ

# ابراهيم منشي

## قومي ۽ عوامي شاعر

اڄ اهڙي شخصيت تي لکي رهيو آهيان، جيڪا ڪنهن به طرح سان تعارف جي محتاج نه آهي. ابراهيم منشي تي لکڻ ڪتان ڪان شروع ڪجي. ڪٿي ختم ڪجي. آئون منجهي پيو آهيان، هن کي پيٽا ڏيڻ لاءِ لفظ به ڪو نه ٿا ملن ته منشي جهڙي سنڌ جي وڏي قدآور شاعر تي ڪيئن شروعات ڪريان.

منشي سان منهنجي پهرين ملاقات 1988ع ڌاران ٿي، جڏهن هو لاڙڪاڻي ۾ ممتاز علي پٽو سان ملڻ سندس وائيٽ هائوس بنگلي تي آيو ۽ مان به ان ڏينهن تي ممتاز علي پٽو سان ملڻ آيو هئس. اتفاق سان رش هئڻ سبب منشي پرسان جاءِ خالي هئڻ ڪري ساڻس پرسان ويهي رهيس. پرسان ويهڻ شرط پڇيائين ته 'ابا ڪير مڙس آهين؟' ٻڌايو مانس ته 'ابڙو آهيان' چيائين 'ڪهڙن ابڙن منجهان آهين؟' مون چيو ته 'اوهان ڪهڙن کي ٿا سڃاڻو؟' چيائين ته 'جمال ابڙو'، مون چيو ته 'مان تاج محمد ابڙي جو فرزند آهيان.' انهي تي يڪدم اٿي بيهي چيائين ته 'ڀاڪر پاءِ' مان اٿي ساڻس مليس. چيائين ته 'تون ته اسان جي محسن جو شهزادو آهين.' پوءِ هڪ پنهنجو واقعو ٻڌايائين ته "مون تي مارشلا جي دؤر ۾ هڪ ڪوڙو ڪيس مڙهيو ويو هو. تنهنجو والد تڏهن ڊسٽرڪٽ سيشن جج نٿو هو. جڏهن مون کي سندس ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو ۽ سندس روبرو آيس ته ڪامريڊ تاج محمد ابڙي رڙ ڪري چيو ته منشي توهان! ڪامريڊ تاج محمد ابڙي پوليس کي چيو ته هن کي منهنجي چيمبر ۾ وٺي اچو. جڏهن مان سندس چيمبر ۾ جوابدار جي حيثيت ۾ ويس ته ڀاڪر پائي وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي آڌر ڀاءُ ڪندي چيائين ته "منشي! هاڻي ڀلا ڪو ماڻهو ضامن، ٿورن پيسن ۾ هاڻي جو هاڻي هٿ ڪري سگهندين." چيم "ها سائين ٿي ويندو." چيائين ته "پوءِ وارو ڪر ته هاڻي ٿو ضمانت ڏيان." مون چيو ته "ڪامريڊ! تون ٻچڙيوال آهين، خبر اٿئي ته مون تي مارشلا تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي." ان تي ڪامريڊ تاج محمد ابڙي وڏو ٽهڪ ڏئي چيو ته "توکي هاڻي جو هاڻي ضمانت تي آزاد ڪندس. باقي منهنجي نوڪري چڙهي آڳوني تي." سو مان انهي ڏينهن ضمانت تي آزاد ٿيس." اهي لفظ چئي منشي وڏو ٿڌو ساهه ڀريو ۽ ڪجهه گهڙيون خاموش ٿي ويو.

ابراهيم منشي 15 جنوري 1934ع ۾ ٽنڊو محمد خان ويجهو ڳوٺ جنهاڻ سومرو ۾ اک کولي. هن جي والد محمد اسحاق، منشي ابراهيم کي ملان مڪتب ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو. منشي چوٿين درجي ۾ هو ته سندس والد وفات ڪري ويو. جنهن ڪري هو اڳتي پڙهائي جاري نه رکي سگهيو. 1949ع ڌاران هن رومانٽڪ شاعريءَ جي شروعات ڪئي. سندس والد به مولود لکندو هو. 1970ع ڌاران اليڪشن ۾ جلسن

اندر شاعري پڙهڻ شروع ڪئي. تنهن ڪري ئي ذوالفقار علي ڀٽو سان ڪافي ويجهو رهيو. جيئن تہ منشي غريب طبقي سان واسطو رکندڙ هو، 1960ع ڌاران هڪ ٺيڪيدار وٽ بطور منشي ٿي بيٺو، تنهن ڪري ئي هن تي منشي نالو پيو، جيڪو اڳتي هلي ادبي دنيا ۾ سندس تخلص طور مشهور ٿيو. منشي ابراهيم جي 1965ع کان باقاعده شاعري منظر عام تي ۽ اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيڻ لڳي. سندس شاعري جا 5 مجموعا پڻ ڇپيا. منشي قومپرست پارٽين ۾ شاعري جي حوالي سان جلسن ۾ جوشيلي شاعري ڪري عوام کي جذباتي ڪري جوش ولولو پيدا ڪرڻ جي حوالي سان سنڌ صوبي ۾ تمام ئي گهڻو سياسي طرح سان مشهور ٿيو. شروع ۾ سندس وابستگي جي ايم سيد سان رهي. جنهن ڪري 1970ع کان 1975ع تائين جيل جي ياترا بہ ڪرڻي پيس ۽ پوءِ بہ 3 دفعا جيل ۾ رهي آيو. جي ايم سيد جي وفات کانپوءِ سندس واسطو ممتاز علي ڀٽو سان رهيو. ڪافي وقت ان سان گڏ سنڌ نيشنل فرنٽ ۾ ڪم ڪيائين. جنهن بعد متحده قومي موومينٽ جي سربراه الطاف حسين سان ويجهو رهيو. جيڪو سلسلو زندگي جي آخر تائين جاري رهيو. توڙي سندس سياسي وابستگي ڪافي سياسي پارٽين سان رهي پر سندس شاعريءَ جو محور فقط ۽ فقط سنڌ ڌرتي ئي رهيو. ابراهيم منشي جيتوڻيڪ مسڪين ماڻهو هو پر سندس دوستي جو دائرو پاڪستان جي وڏن وڏن سياستدانن سان بغير ڪنهن لالچ جي رهيو. جيڪي هن جي دلي طرح عزت ۽ احترام ڪندا هئا. جن ۾ مير علي احمد خان ٽالپر، غلام مصطفيٰ جتوئي، حاڪم علي زرداري، معراج محمد خان، ذوالفقار علي ڀٽو، جي ايم سيد، شهيد فاضل راهو، ممتاز علي ڀٽو، رسول بخش پليجو ۽ ٻيا ڪوڙ سارا سياستدان سندس محبت ۾ جڙيل رهيا.

مان 1993ع ۾ بيروزگار هئس اوچتو ابراهيم منشي سان حيدرآباد ۾ ملاقات ٿي وئي. پڇيائين تہ نادر لاڙڪاڻي کان حيدرآباد ڇو آيو آهين. مون چيو تہ روزگار جي ڳولا پيو ڪريان. اهو ٻڌندي ئي چيائين تہ مير منور علي ٽالپر ايڪسائيز جو وزير منهنجو دوست آهي. جنهن مون سان واعدو ڪيو آهي تہ منهنجي پٽ کي ايڪسائيز جو انسپيڪٽر ڪندو. سو تون منهنجي مرحوم دوست ۽ محسن جو پٽ آهين. اها نوڪري مان توکي ٿو وٺرائي ڏيان. منهنجي پٽ جو ڀاڳ منهنجي پٽ سان. اهو ٻڌي مون الاهي تہ ڪيئن منٿون ايلازون ڪري ابراهيم منشي کان معافي وٺي جند ڇڏائي. تہ توهان جي پٽ جي نصيب تي مان قبضو ڪونہ ڪندس. اها هئي هن جي مرحوم دوست جي اولاد سان سچائي ۽ مرحوم دوست جي قبر کي عزت ڏيڻ .

هو زندگيءَ جي آخر ۾ دل جگر ۽ شگر جي مرض ۾ مبتلا رهيو ۽ ڪافي ڀيرا اسپتال ۾ بہ داخل ٿيو. 2001ع ۾ ڪيس دل جي تڪليف ٿي پئي ۽ هو ديوان مشتاق وارڊ ۾ داخل ٿيو. جتي مان ساڻس مزاج پرسي لاءِ عيادت ڪرڻ ويس ۽ مونکي ڏسي يڪدم اٿي ويهي رهيو ۽ خوشي مان ڀاڪر پائي وڏي گرم جوشي ۽ محبت منجهان مليو ۽ چيائين تہ نادر بابا ٻن ٽن ڏينهن کان اسپتال ۾ بستر مرگ آهيان پر ڪوئي بہ لڙي پڇڻ بہ ڪونہ آيو آهي. اها ڳالهہ ڪري اکيون آليون ڪري ويٺو. سندس زندگيءَ جا آخري

ڏينهن ڪسمپرسي واري حالت ۾ گذريا، سندس دل جا ٽي وال بند هئا، ڪافي دفعا اسپتال ۾ داخل به ٿيو، مالي وسيلا نه هجڻ سبب سندس دل جو آپريشن نه ٿي سگهيو. بار بار اپيلن باوجود سرڪار ڪيس لنڊن نه اماڻيو. آخرڪار هي موتين جهڙو سنڌ جو عظيم پلوڙ شاعر 31 جولاءِ 2003ع تي دل بيهڻ سبب هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

ابراهيم منشي سومرو ڪير سڃاڻي. منشي جهڙا شاعر ڌرتي صدين ڪانپوءِ پيدا ڪندي آهي. سندن خال واقعي به پرڻ مشڪل آهي.

---

خبرون، تعمير سنڌ، فيصلو عبرت، سڪار سنڌو مهراڻ، سنڌ، هلال پاڪستان، سوڀ، مقدمو عوامي آواز، هلچل، سنڌو ڊائجسٽ

# احمد فراز

## ٻه اسان کان وڇڙي ويو!

نالي وارو انقلابي ۽ رومانوي شاعر احمد فراز نيٺ زندگي کان ويڙهاند واري جنگ هارائي ويٺو ۽ قوم هڪ اهڙي عظيم شاعر کان محروم ٿي وئي، جيڪو هر پل پنهنجي قوم لاءِ سوچيندو هو. احمد فراز هند ۽ پاڪ جو عظيم ۽ اردو جو بي مثال شاعر ٿي اپريو هو. هن جي شاعري وڏي عمر کان ويندي نوجوانن تائين وڏي چاهه سان پڙهي ۽ ٻڌي ويندي هئي. احمد فراز 14 جنوري 1931ع ۾ نوشهره شهر ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو سيد احمد شاهه ۽ تخلص فراز هو. احمد فراز جي مادري ٻولي پشتو هئي. هن پشاور مان اردو ۽ فارسي ۾ ماسٽرس ڪئي ۽ هن پشاور جي مشهور ايڊورس ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪئي. احمد شاهه فراز ترقي پسند ۽ انقلابي شاعرن فيض احمد فيض ۽ سردار علي جعفري کان گهڻو متاثر هو. سندس خاندان ڪوهات جي مشهور بزرگ حاجي بهادر سان تعلق رکندڙ هو. سندس والد بعد ۾ لڏي پشاور ۾ رهائش اختيار ڪئي. سيد احمد شاهه فراز هڪ اخبار کي ڏنل پنهنجي انٽرويو ۾ چيو هو ته هو هاڻ ايڏو جهور ٿي چڪو آهي جو شاعري پڙهڻ دوران ڪيس ڏکيائي پيش اچي ٿي. رياضي ۽ جاگرافي ۾ هو پاڻ کي انتهائي ڪمزور سمجهندو هو. ايستائين جو ڪيس نقشا به ياد نه رهندا هئا. احمد فراز ننڍپڻ ۾ هڪ عيد تي والد پاران آندل ڪپڙا وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ اهي ڪپڙا ڪيس نه وڻيا، بعد ۾ ڪپڙن جو جوڙو پنهنجي وڏي ڀاءُ حوالي ڪيائين ۽ انهيءَ دؤر ۾ پنهنجي زندگيءَ جو پهريون شعر لکيو ته

*"ليے ہيں سب کے لئے کپڑے سيل سے*

*لئے ہيں ہماری لئے کمبل جيل سے"*

احمد فراز کي گرمين جي موڪلن دوران پنهنجي ڪلاس فيلو چوڪري وٽ رياضي پڙهڻ لاءِ موڪليو ويو، پر هو اتي رياضي پڙهڻ بدران بيت بازي ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيندو هو ۽ اڪثر فراز پنهنجي ڪلاس فيلو چوڪري کان بيت بازي جي مقابلي ۾ هارائي ويندو هئو پر پاڻ جڏهن شعر لکڻ شروع ڪيائين، تڏهن هن پنهنجي ڪلاس فيلو چوڪري کي بيت بازي ۾ شڪست ڏني. نالي واري شاعر احمد فراز پنهنجي عملي زندگي جي شروعات ريڊيو پاڪستان تان اسڪرپٽ ليکڪ سان ڪئي. هن پشاور يونيورسٽي ۾ اردو پڙهائي. 1976ع ۾ اڪيڊمي آف ليٽرز جو باني ڊائريڪٽر بڻيو، بعد ۾ اتان کان ئي چيئرمين جي حيثيت ۾ رٽائر ٿيو. احمد فراز ڪيترن ئي سالن تائين نيشنل بوڪ فائونڊيشن اسلام آباد جو چيئرمين رهيو.

نالي وارو رومانوي ۽ انقلابي شاعر احمد فراز حڪومت ۾ فوج جي مداخلت جو سخت مخالف رهيو. هن 2004ع ۾ مليل هلال امتياز ايوارڊ 2006ع ۾ حڪومتي پاليسين خلاف احتجاج ڪندي واپس ڪيو. ضياءَ جي مارشل لا واري دؤر ۾ هن فوجي مداخلت خلاف ڪيترائي نظم لکيا، ضياءَ دؤر ۾ ئي هن حڪومت خلاف هڪ نظم پڙهي رهيو هو تہ ڪيس گرفتار ڪيو ويو پر بعد ۾ هو پاڻ مرادو ئي جلاوطن ٿي ويو. ٽن سالن جي جلاوطني دوران پاڻ برطانيہ، ڪينيڊا ۽ يورپ جي مختلف ملڪن ۾ رهائش اختيار ڪئي. جتي پاڻ سوين انقلابي رومانوي نظم تخليق ڪيائين. احمد فراز ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ کيس بيشمار قومي توڙي عالمي ايوارڊ پڻ مليا. احمد فراز جي مشهور ڪتابن ۾ دردِ آشوب، تنها تنها جانان جانان، ناياب، سب آوازين ميري هين، بي آواز گلي ڪوچون ۾، آئينون ڪي شهر ۾ نابينا، غزل بهانا ڪرون، خواب، گل پريشان هي، سخن آراستہ هي، اي عشقِ جنون ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. جڏهن تہ احمد فراز ڪيترائي نظم لکيا. ان مان انقلابي نظم محاصره سڀ کان وڌيڪ مشهور ٿيو. جيڪو هن جلاوطني جي جيون گهارڻ دوران لکيو هو. احمد فراز جي لاڏاڻي بعد ملڪ هڪ عظيم ۽ وڏي شاعر کان محروم ٿي ويو آهي ۽ ادبي دنيا مڪمل طور تي سوڳوار ٻڏيل ٿي نظر اچي.

دعا آهي تہ شل رب ڪريم هن عظيم انقلابي انسان کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي.

*خود بہ زبان فراز اس تنوع کا ذکر، سنتی چلی*

*کون اپنی طرح کہ جس،*

*نی غم جہان کی ستم بہی*

*جہلی ہون، عاشقی بہی کمال کی ہو*

---

شام ، مهراڻ، عبرت مئگزين، هلچل، عوامي آواز، هلال پاڪستان، سنڌ، سڪار، فيصلو، سنڌو، عبرت، تعمير سنڌ

# ارباب امير حسن

## جي لاڏاڻي تي هر اک آلي

ٿر جو هڪ مهان تاريخ ساز انسان، جنهن جي جيءَ ۾ ٿري ماروئڙن جي دردن ۽ تاريخ جا بيشمار باغ سمايل هئا. اهو چهرو ڪلهه يادن جا اڻميا باب ڇڏي جيري جي ڪينسر وگهي، ڪراچي جي آغا خان اسپتال ۾ زندگي ۽ موت سان ويڙهاند ڪندي هن پلاري مهيني رمضان شريف ۾ پنهنجي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو. ارباب امير حسن جي لاڏاڻي تي سموري ٿر جي سياست سانت ٿي چڪي آهي. هن کي سياسي حوالن سان فيصلن ڪرڻ جو تمام وڏو ڏانءُ حاصل هو. سنڌس بهادري کي ڏسندي هتي جي رهواسين ڪيس ٿر جي بي تاج بادشاهه جي نانءُ سان نوازيو. پاڻ بزرگ سياستدان هجڻ سان گڏ، نهڙيا برادري جو سردار هو. ڪيس ٿر جي سياست تي تمام گهڻو عبور حاصل هو. ڪڏهن ڪنهن آڏو ڪونه جهڪيو، مختلف وقتن ۾ ايم اين اي به رهيو. سنڌس شمار سياسي ماڻهن ۾ مٿانهين ڪيٽيگري ۾ ڪيو ويندو هو. ٿر جي راڄن پاڳن جا فيصلا پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڪندو هو. ٿر جي ارباب سياست ۾ ڪيس تمام وڏي اهميت حاصل هئي. سنڌس لاڏاڻي جي خبر بعد سموري ٿر ۾ سوڳوار ماحول ڇانيل نظر ٿو اچي. مون کي اهو ٿو محسوس ٿئي ته ٿر سياسي حوالي سان اڄ محروم بڻجي چڪو آهي، پاڻ انتهائي اعليٰ شخصيت جو مالڪ هو. ماڻهو ڪيس دلين ۾ جايون ڏيندا هئا، سنڌن قرب سان 1960ع کان 1970ع تائين 10 سال ڪلوئي يونين ڪائونسل جو چيئرمين رهيو. تنهن بعد 1970ع جي ڏهاڪي ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي دؤر ۾ مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان سنڌ مان صرف ٻن ايم پي ايز طور چونڊ کٽندڙ ۾ سنڌس شمار ڪيو ويو. انهيءَ کان علاوه پاڻ پراڻي ٿر پارڪر مان ايم پي اي چونڊاڻو. 1980ع ۾ جنرل ضياءُ الحق جي مجلس شوريٰ جو ميمبر رهيو. تنهن بعد 1985ع ۽ 1988ع ۾ ٿر جي واحد قومي اسيمبلي جي سيٽ اين اي 176 تان به پيرا آزاد ايم اين اي بڻيو. سنڌس لاڏاڻي بعد اولاد ۾ پنج پٽ ارباب نعمت الله، ارباب امان الله، ارباب لطف الله، ارباب محمد عالم، ارباب انعام الله ۽ به ڌيئرون آهن. سنڌس ٽي پائر آهن، جن ۾ اڳوڻو وڏو وزير ارباب غلام رحيم، ايم پي اي ارباب حاجي عبدالله، يوسي ڪلوئي جو ناظم ارباب عبدالخالق ۽ پيا شامل آهن. سنڌس ٿر جي حوالي سان خدمتون ڪنهن کان به ڳجهيون نه آهن. آئون جڏهن ٿرپارڪر ضلعي جو سرڪل آفيسر هئس ته مون کي دلين ۾ جايون ڏيندي چوندو هو ته تون منهنجي ڀاءُ ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جو فرزند آهين ۽ هن سان اسان جا گهرا ناتا هئا. پاڻ بابا جي شخصيت کان تمام گهڻا متاثر هوندا هئا ۽ اڪثر ڪچهرين ۾ سنڌن مثال ڏيندا هئا ۽ مون کي به جيڪا محبت هن وٽان ملي تنهن کي آئون لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهان. اسان جو پاڻ ۾ روحاني رشتو سمايل هو. مون سان جڏهن ۽ جتي به مليو انتهائي پرجوش نموني ڀاڪر پائي ڪلندي مليو. ڳالهائڻ

لاءِ ويھندو هو تہ لفظ هن جا محتاج ٿي ويندا هئا ۽ هو ڳالهائيندو ئي رهندو هو، ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحثن ۾ ڪٽي ويندا هئا. مون کي اڪثر اها ڳالھ چوندو هو تہ نادر پٽ تو لاءِ ڪيتلاري جا دروازا هميشہ لاءِ کليل آهن. سندس وٽان جيڪا محبت ملي، اها آئون جيون ڀر وساري نٿو سگهان. سندن لاڏاڻي بعد ٿر جي سياسي ميدان ۾ تمام وڏو خال پيدا ٿيو آهي ۽ وري اهڙو انسان جيڪو قرب ۽ محبتون ورهائي اهو شايد ٿرين کي نہ ملندو. سندن جيءَ ۾ ٿرين جا مسئلا ۽ ان جا دردِ داستان سمايل هوندا هئا، ان جو خواب هو تہ ٿر جديد ٿر بڻجي ۽ هتي جي ماروئڙن کي جيون جي هر سهولت ميسر هجي.

اڄ سندن تڏو ڳوٺ ڪيتلاري ۾ وڇايو ويو آهي، جتي سندس يادون تازه پيون ڪيون وڃن پر ٿر جا دڙا ۽ ڀٽون سوڳوار آهن، ڇو جو انهن جي رکوالي ڪندڙ انهن کان الڳ ٿي چڪو آهي. سمورا شهر سوڳ ۾ بند، هر اک آلي، آب هاري ارباب امير حسن کي ٿي ساري، تہ هو انهن کي اڪيلو ڇو ڪري ويو پر موت برحق آهي، سو اڄ ٺو آهي سو ايندو.

ارباب امير حسن پنهنجي حصي جو ڪم ٿرين لاءِ ڪري ويو، انهيءَ جي ڪاج کي اڳتي وڌائڻ اسان سڀني تي فرض ٿو ٿئي.

---

سنڌو، تعمير سنڌ، هلال پاڪستان، خبرون، مهراڻ، سوڀ، هلچل، فيصلو، سنڌ

# انور پيرزادو

## پتائي جي لاڏلي جو وڇوڙو

سياري جي سرد هوائن ۾ مٺي شهر جي پٽن وچ ۾ انور پيرزادي جي لاڏاڻي واري خبر پڙهي سرير مان سياٽيون نڪري ويون. سنڌ کان هڪ مهان ڪردار، هن لاءِ سپنا سانديندڙ، پتائي جو پارکو، سچو انسان جدا ٿي ويو، جنهن ڪڏهن ڪنهن موڙ تي جهڪڻ نه سکيو، هميشه حق ۽ سچ جو علم هٿ ۾ کڻي انسانيت جو پرچار ڪندي بغير ڪنهن لوڀ لالچ جي بلند رکيو.

انور پيرزادي جي وڇوڙي بعد سنڌ جي صحافتي ۽ ادبي دنيا ۾ نه پرجڻ جيڏو خال پيدا ٿيو آهي. مون کي ياد آهي ته ساٽس منهنجي پهرين ملاقات 1986ع ۾ ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي وٽ ٿي هئي. تڏهن هن سنڌ جي پياري انسان انور پيرزادي مون کي اڻ ميو پيار ڏيندي پڇيو هو 'ابا ڪنهن جو پٽ آهين؟' مون وراڻيو 'ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جو'، ته پاڻ وري اٿي اچي ڀاڪر پائي ڀيهر مليو هو. ان ڪانپوءِ ڪڏهن ڀيهر انور پيرزادي سان ملڻ جو موقعو نه ملي سگهيو، وقت جي گهٽتائي ۽ زماني جي مسئلن سبب لک ڪوشش باوجود وري ڪڏهن ملڻ جو موقعو نه مليو. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي، ته هو سنڌ جو انتهائي وڏو ذهن، پارکو انسان هو. جڏهن ڳالهائڻ لاءِ ويهندو هو، ته لفظ گهٽجي ويندا هئا، وقت ختم ٿي ويندو هو پر هو ڳالهائيندو رهندو هو، جيڪو اڄ هميشه لاءِ ماٺ ڪري، منهن موڙي اسان کان هليو ويو. اڄ سموري سنڌ هن جي لاڏاڻي تي سوڳوار آهي. ادبي لڏي کان ويندي صحافتي لڏي تائين سمورا حلقا انور پيرزادي جي لاڏاڻي کي سنڌ لاءِ اڻ ميو نقصان قرار ڏين پيا. شايد وري ڪڏهن سنڌ ۾ اهڙو ڪردار جنم وٺي سگهي. هڪ ته اسان وٽ اڳيئي اهڙن ماڻهن جي کوٽ هئي ته ٻئي طرف انهن جي لاڏاڻن سموري ادبي ڪيتر جي ماحول کي سوڳوار ڪري ڇڏيو آهي. ڪاش اهڙن مهان انسان جي قدر داني سندن زندگي ۾ ٿئي؟!

انور پيرزادو ڪيترو وقت موت سان اکيون اکين ۾ ملائي وڙهندو رهيو ۽ هن وچ ۾ هن جي دل تان ڇا ڇا گذري هوندي ۽ اسان جا هن لمحي جيڪي رويا هن سان رهيا، يقينن، انهن به هن کي ڪجهه گهڙين لاءِ احساس جي دنيا ۾ جهاتي پائڻ تي مجبور ڪيو هوندو. منهنجو بابا سائين ڪامريڊ تاج محمد ابڙو اڪثر اها ڳالهه ڪندو هو ته پنهنجي علم دوست ڄاڻن جي قدر ڪرڻ جو فن سکو، اها ئي قوم ترقي ڪري سگهندي، جيڪا انهن جي سار لهندي پر اسان اهو سڀ فن وساري ويٺا آهيون. اهو ئي ڪارڻ آهي. جو اسان مان وقت سان گڏ قدرداني وارو فن پنهنجي موت پاڻ مرندو ٿو وڃي، اسان انهن مهان انسانن لاءِ ڪجهه به ناهيون ڪري سگهيا، سواءِ انهن جي لاڏاڻن تي لڙڪ هارڻ جي.

هاڻ اسان کي اها لڙڪ هارڻ واري رسم پوري ڪرڻي پوندي، انهن جي جيون ۾ ئي انهن لاءِ ڪجهه ڪرڻ جي سگهه پيدا ڪرڻي پوندي، انور پيرزادي جيڪي سنڌ لاءِ خدمتون سر انجام ڏنيون، هن جي موت ۾ هن لاءِ ڪهڙا مسئلا پيدا ٿيا، هن کي ڪيترو ڪجهه ڀوڳڻو پيو، اهو سنڌ جي تاريخ جو هميشه هڪ وڏو حصو رهندو. اسان ماڻهن کي انهن مهان ڪردارن مان ڪجهه حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ انهن ڪردارن کان هاڻ فراريت اختيار ڪرڻ جو وقت پورو ٿي چڪو آهي. اها وقت جي اهم ضرورت آهي ته انور پيرزادي جيڪي رٿائون جوڙيون اسان تن تي عمل ڪريون- هن جا سنڌ لاءِ ڏٺل خواب پورا ڪيون. انهي عمل سان جتي انور جي روح کي سڪون ملندو ته اتي وري انهن جا سپنا پنهنجي منزل ماڻي سگهندا.

ڏٽي در دعا آهي ته شل الله پاڪ ڪيس سنڌ جي لاڏلي لطيف گهوٽ جي پارکو هن امر انسان انور پيرزادي کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي.

---

هلال پاڪستان، عوامي آواز، سنڌ، عبرت، هلچل، سنڌو، مقدمو، سڪار، خبرون، فيصلو، تعمير سنڌ، سوڀ

# ايم ايڇ پنھور

## سنڌ جي تحقيقدان جو وڇوڙو!

اڄ آئون سنڌ جي هڪ اهڙي محقق ڪردار تي لکڻ وينو آهيان، جيڪو ڪالھ اسان سان هو پر اڄ هن جون يادون اسان ساڻ آهن، هن جيڪا جاکوڙ سنڌي قوم لاءِ ڪئي، تنهن کي زمانن تائين ياد رکيو ويندو. ايم ايڇ پنھور جو نالو وٺڻ سان ئي ذهن جي ڇؤگرد سندس جدوجهد وارا پل گهمڻ تا لڳن. پاڻ هميشہ اصولن سان نڀاءُ ڪندي جيڪو ڪردار هن ڌرتي لاءِ ادا ڪيو، تنهن کي زمانن بعد بہ شايد اسان وساري سگهون.

ايم ايڇ پنھور جي لاڏاڻي تي هر دل دکي آهي، هڪ اهڙو انمول هيرو سنڌ کان وڇڙي چڪو، جنهن هر وقت علم جي واڌاري خاطر پنهنجو نور نچوڙيو. اڄ جڏهن هو ناهي رهيو تہ هڪ وڏو خال پيدا ٿي چڪو آهي. زرعي شعبي کان ويندي هر ڏس ۾ هن تحقيق ڪئي ۽ پنهنجي ڏاهپ وسيلي پاڻ مڃرايو. سنڌ جي ناليواري محقق آرڪيالاجسٽ، زرعي سائنسدان ۽ برک ڏاهي ايم ايڇ پنھور جو پورو نالو محمد حسين پنھور هو . هن 25 ڊسمبر 1925ع تي دادو ضلعي ۾ ڦلجي ويجهو ڳوٺ ابراهيم پنھور ۾ جنم ورتو. 1949ع ۾ اين اي ڊي يونيورسٽي ڪراچي مان مڪينيڪل ۽ اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ بي اِي ڪئي. جنهن کان پوءِ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا روانو ٿيو. جتي هن آمريڪن يونيورسٽي مان ايم ايس سي ڪئي. جنهن بعد زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ ڪافي عرصي تائين خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو ۽ 1952ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور مقرر ٿيو. جنهن بعد کيس ڊائريڪٽر ايگريڪلچر اينڊ ريسرچ مقرر ڪيو ويو. جنهن عهدي تان هو رٽائرڊ ٿيو. ايم ايڇ پنھور 1945ع ۾ مسلم عورت جي نالي تي انگريزي ۾ پهريون ڪتاب تحرير ڪيو. انهيءَ کان علاوه هن ڪيترين ئي نيون زرعي جنسون متعارف ڪرايون. جن ۾ صوف، ڪيلا، انب، انگور، زيتون، ليمان، مالٽا ۽ چانورن جون مختلف جنسون پڻ شامل آهن، تنهن کان علاوه پاڻ سنڌ ۾ زير زمين پاڻي، آبهوا ۽ زرعي جنسن تي 30 کان مٿي ڪتاب لکيا.

ايم ايڇ پنھور "سومرا دؤر - سنڌ جي تاريخ ۾" هڪ ڪتاب پڻ لکيو ۽ پاڻ سنڌ جي آرڪيالاجي تي پڻ وڏو ڪم ڪيو ۽ هڪ ماهر طور سموري دنيا ۾ مڃتا ماڻي ۽ سنڌ جو نالو روشن ڪيائين. هن ڪوئيٽا ۽ قلات ڊويزن جي زير زمينن تي پڻ ڪتاب لکيو. ايم ايڇ پنھور زرعي سائنسدان سان گڏ هڪ وڏو محقق، تاريخدان ۽ برک ڏاهو هو. هن دنيا جي تبديل ٿيندڙ آبهوا ۽ ڏڪار واري صورتحال تي پڻ

تحقيق ڪئي. ايم ايڇ پنهور کي سنڌن خدمتن جي مڃتا عيوض ستارا امتياز سميت ڏيهي توڙي پرڏيهي ايوارڊ ڏنا ويا. هن دنيا جي مختلف ملڪن جي ڪيترن ئي قيمتي پٿرن ۽ نوادرات کي گڏ ڪري انهن کي پنهنجي گهر جي زينت بڻايو ۽ سوين ڪتابن سان گڏ ڪيتريون ئي ناياب شيون پڻ سنڌن گهر ۾ محفوظ پيل آهن. سنڌن لطيف آباد يونٽ 2 وارو گهر ميوزم جي حيثيت رکي ٿو.

ايم ايڇ پنهور سان بابا سائين ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جا دلي رشتا هئا، هو هڪ ٻئي تي ساهہ ڏيندا هئا. ڪجهہ وقت اڳ ۾ هڪ ٽي وي چينل کي ڏنل انٽرويو دوران ايم ايڇ پنهور بابا سائين ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو تذڪرو ڪندي چيو تہ ڪامريڊ تاج محمد ابڙو سنڌ جي تاريخ جو روح هو ۽ اهڙن ڪردارن کي اسان ماڻهو فراموش نہ ٿا ڪري سگهون. ڏکي دؤر مان نڪرڻ لاءِ اسان کي اهڙن ماڻهن جي راهہ تي هلڻو پوندو.

هاڻي ضرورت ان شيءَ جي آهي تہ ايم ايڇ پنهور جي ڇڏيل تحقيق جي ڪم کي اڳتي وڌائجي ۽ هن جي نالي پويان سنڌ ۾ هڪ وڏو تحقيقي ادارو قائم ڪري اتي تحقيق جي حوالي سان ايندڙ نسل کي تعليم ڏني وڃي، ٻئي صورت ۾ اهو ڪم ۽ تحقيقي سلسلو اتي ئي دم ٽوڙي ويهندو. اڄ سموري سنڌ سوڳوار آهي. هر نيڻ آلو آهي، ڇو جو هڪ مهان تحقيقدان سنڌ ڌرتي کان الڳ ٿيو آهي، پر تنهن باوجود بہ جيسين هي دنيا آهي اوستائين ايم ايڇ پنهور جو نالو هن ڌرتي تي قائم ۽ دائم رهندو ۽ سنڌي ماڻهو هن کي تا دم ياد ڪندا رهندا. منهنجي اها دعا آهي تہ شل رب ڪريم سنڌ جي هن مهان ڏاهي کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي ۽ سنڌن ونيءَ ۽ خاندان کي صبر عطا فرمائي.

# برڪت علي بلوچ

## نامور قانوندان

مان پاڻ کي دنيا جو تمام وڏو خوشنصيب سمجهندو آهيان ڇو جو مون کي منهنجي والد جي مشهور اوطاق تي ملڪ جي چوٽيءَ جي سياستدانن، اديبن، ججن، سردارن، سماج سڌارڪن ۽ نامور دانشورن ۽ ڏاهن شخصيتن سان ڪچهرين ۾ گڏ ويهڻ جو نندپڻ کان ئي موقعو مليو. اهڙين ئي شخصيتن منجهان هڪ بابا سائين جو پراڻو دوست برڪت علي بلوچ بہ هئو. برڪت علي بلوچ جو والد غلام رسول جاگيراڻي قبيلي جا ڪيس بابا سائين ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو اصيل هئو ۽ پنهنجي ڳوٺ توڙي جاگيراڻي قبيلي جا ڪيس بابا سائين کي ئي ڏياريندو هئو. تنهن ڪري چاچي برڪت علي سان منهنجو ناتو منهنجي ڄمڻ کان اڳ جو هئو. 1978ع ڌاران بابا سائين جڏهن سيشن جج جيڪب آباد مقرر ٿيو تہ مان شام جو روز سندس گهر سندس ننڍي ۽ دادلي فرزند سرفراز علي سان راند ڪيڏڻ ويندو هئس. چاچي برڪت علي کان جيترو پيار سندس دادلي فرزند سرفراز کي ٿي مليو، اوترو ئي مون کي بہ ۽ وري خرچي ۾ بہ ڳالهہ ساڳي ئي هوندي هئي. چاچي برڪت علي جو رب پاڪ اهڙو تہ نوراني چهرو بڻايو جو پري کان پئي بزرگي ظاهر ٿيندي هئي، مٿان وري هلڪي ڏاڙهي اڃان بہ سندس شخصيت کي معتبر ٿي بڻايو. مون ڪيس جڏهن بہ ڏٺو تسبي جا مڻيا رب پاڪ جو ذڪر ڪندي اڳتي پوئتي ڪندي ڏٺا. سندس طبعيت اهڙي جو جڏهن بہ ملوس پيو مسڪرائيندو. مهمانوازيءَ ۾ سندس دسترخوان شيراز هيو.

جڏهن مان ڪجهہ سال اڳ سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ جيڪب آباد مقرر ٿيس تہ ڪيس سلام ڪرڻ ملاقات لاءِ سندس گهر ويس. مون کان پڇائين ڪٿي رهيل آهيان. يڪدم موٽ ۾ چوڻ لڳو، ‘هي پنهنجو گهر هوندي سرڪاري بنگلي ۾ رهڻ جو مقصد ڪهڙو؟ هاڻي ئي سامان هتي ڪٺي اچ ۽ اچي هتي رهہ. هي تنهنجو پنهنجو گهر آهي. نوڪرن جي هٿن جي ماني ٽڪي ۽ گهر جي ماني ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. بحرحال هو پنهنجي ڳالهہ اڳتي ڪندو رهيو ۽ مان ٽال مٽول ڪندو رهيس. پاڻ جڏهن فيڊرل سروس ٽريبونل جو ميمبر ٿيو تہ انهي دوران مختلف وفاقي کاتن سون جي تعداد ۾ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ملازمن کي نوڪري مان فارغ ڪري ڇڏيو. اهڙي موقعي تي ملڪ جي بي روزگار ٿيل نوجوانن جو آخري ڪرڻو برڪت علي بلوچ ئي ثابت ٿيو. جنهن پنهنجي نوڪري داءُ تي لڳائي انهن سوين خاندانن جو وساميل چلهو ملازم بحال ڪري وري ٻاريو ۽ ڪنهن بہ طرح پنٽي پير ڪو نہ ڪيو. هن جا واسطا سنڌ ۽ خاص ڪري بلوچستان جي سياسي، سماجي ۽ قانوني شخصيتن سان تمام گهڻا هئا. جن ۾ خاص ڪري مير ظفر الله جمالي، چوڌري افتخار، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، جسٽس هزار

خان کوسو، جسٽس عبدالرزاق ٿهيم توڙي اڳوڻو وزير اعليٰ سنڌ سيد عبدالله شاھ وغيره سان هئا. اهو ئي سبب آهي جو کيس رٽائرمينٽ کان پوءِ بہ سنڌ توڙي بلوچستان جي اهم ۽ معتبر عهدن تي مقرر ڪيو ويو. پاڻ سنڌي توڙي انگلش ادب کي خوب پڙهيو. لڪائين هڪ اکر بہ ڪونہ پر پڙهيو بہ گهڻو تہ ڪڙهيو بہ گهڻو. سندس گهر ۾ تمام سٺي قانون جي ڪتابن کان علاوه جنرل بڪس بہ وڏي تعداد ۾ موجود آهن. جڏهن بہ ساڻس ڪچهري ٿيون، مان ڪائنس تمام گهڻو پرايو. پاڻ جڏهن ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج ڪوئٽہ ٿيو تہ مون کي ٿيو تہ مون کي ڊاڍو زور پريائين تہ گرميون مون وٽ ڪوئٽہ گذاري وڃ. پر مان ڪوئٽہ وڃي ڪونہ سگهيس البت منهنجو ننڍو ڀاءُ حيدر علي ابڙو جيڪو پڻ مون جيان چاچي برڪت علي جو دادلو ۽ پيارو هئو سو اهو ڪوئٽہ ويو. چاچي برڪت علي کيس پنهنجي ننڍي فرزند سرفراز سان گڏ بلوچستان جي مشهور ماڳن ۾ تفريح جون جڳهيون گهمايون. پاڻ جڏهن جڊيشل اڪيڊمي (هاءِ ڪورٽ)جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو تہ سندس هٿ هيٺ صوبي بلوچستان جا بي شمار جج ٽريننگ ڪرڻ لڳا. جيڪي هاڻي ترقيون ماڻي عدليہ ۾ وڏن عهدن تي فائز ٿي چڪا آهن. مان بي. اي، ايم. اي توڙي ايل ايل .بي شاھ عبداللطيف يونيورسٽي مان ڪيم، جڏهن مون کي ڊگري وٺڻ جي سلسلي ۾ خيرپور ميرس وڃڻو پيو تہ انهن ڏينهن ۾ چاچي برڪت علي جي بطور STA ڪورٽ جي جج جي مقرري ٿي هئي. مان ساڻس ڪورٽ ۾ ملڻ ويس جتي ڪافي دير ڪچهري رهي ۽ مون کي صلاح ڏيندو رهيو تہ ايل ايل.بي ڪري، جلد وڪالت لاڙڪاڻي ۾ شروع ڪر، وڪالت ۾ تون تمام ئي گهڻو ڪامياب ويندين. پوءِ مون ڪئي بہ وڪالت ئي پر باوجود ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي توڙي اڳوڻي سفارتڪار عبدالرزاق سومري جو جونيئر وڪيل رهندي بہ منهنجي وڪالت ۾ دل ڪونہ لڳي سگهي ۽ سرڪاري نوڪري جي تلاش شروع ڪيم.

پر چاچي برڪت علي جا لفظ اڃان بہ دل ۽ دماغ ۾ گونجندا آهن تہ 'نوڪري نيچ، اتم کيتي وڻنڊڙ واپار' پر مان پوءِ بہ سرڪاري نوڪري ورتي ۽ جڏهن مان اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن ميرپورخاص ڊويزن مقرر ٿيس تہ انهن ڏينهن ۾ چاچو برڪت علي محتسب اعليٰ بدين مقرر ٿيو ۽ اهي سندس زندگي جا آخري ڏينهن هئا. انهن ڏينهن ۾ منهنجي ساڻس آخري ملاقات ٿي. کيس شروع کان ئي منهنجي نوڪري ڪرڻ واري ڳالھ ڪونہ ٿي وڻي پر چوڻ لڳو تہ اگر وڪالت ڇڏي نوڪري ئي ڪئي اٿئي تہ مان بہ تو وانگر پوليس آفيسر ٿيو هيس پر دل نہ لڳي، سو نوڪري ڪونہ ڪيم. پر تون دل و جان ۽ شوق سان غريبن ۽ مسڪينن جي نوڪري ۾ رهي مدد ڪندو رهجانءِ، ڇو جو تنهنجو والد سنڌ جو عظيم شخص هو. تاج محمد ابڙي صاحب سڄي حياتي سنڌ جي پيڙهيل هاري طبقي ۽ بي پهچ مسڪين ماڻهن جي هڙان توڙي وڙان خدمت ڪندي زندگي گذاري ڇڏي، انهي جي اصولن کي مشعل راھ رکندي نوڪري ڪندو رھ تہ انشاءالله تون پوليس جهڙي کاتي ۾ بہ ڀرپور ڪاميابي ماڻيندين.

چاچي برڪت علي جهڙي وڏي شخصيت لاءِ هي منهنجا ڪجھ جملا انهي جي وڏي شخصيت آڏو ڪجھ بہ ڪين آهن پر پوءِ بہ سندس ياد تہ تازي ڪن ٿا.

# تاج صحرائي

## ڪتابن، پترن ۽ نڪرن جو مالڪ!

تاج صحرائي سان منهنجي واقفيت انهي وقت کان هئي. جڏهن منهنجي هٿ ۾ سليٽ ۽ پٽي هئي. 1976ع ڌاران منهنجو والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو سيشن جج حيدرآباد هو ۽ اسان جو بنگلو سول لائينز ۾ هو. جتي پوري سنڌ جا اديب ۽ شاعر بابا سان ڪچهريون ڪرڻ ايندا هئا. تاج صحرائي بہ اڪثر استاد بخاري سان گڏ ايندو هو. جتي پيا ڪافي اديب، ڪامريڊ، جام ساقي، محمد ابراهيم جويو، رسول بخش پليجو، عبدالحئي پليجو، قاضي اڪبر مرحوم، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، ڪامريڊ روچيرام ۽ پيا ڪوڙ سارا بابا جا دوست اچي گڏ ٿيندا هئا. تاج صحرائي جي صورت مون کي ننڍپڻ ۾ واقعي بہ اديبن جهڙي لڳندي هئي. وڏا وار، قلم وڏا ڪَنن ڪان هيٺ، ڪلين شيَو ڪڙڪيدار آواز، منهن گول، ڳالهائڻ ۾ پيارو محبت. مون کان اڪثر درسي تعليم متعلق سوال پڇندو هو ۽ پوءِ پاڻ بہ مون کي سمجهائيندو هو. هڪ دفعي سوال ڪيائين تہ پيلا ٻڌاءِ تہ ڪهڙا جانور آنا ڏيندا آهن ۽ ڪهڙا جانور ٻچا ڏيندا آهن؟ مون هڪ هڪ ڪري پنجن ڏهن منٽن ۾ ٻڌايا. چيائين تہ بابا هيڏي دير لڳائي ڇڏيئي. پيلا ايئن چو نہ ٿو چئين تہ جن جانورن جا ڪن ٻاهر نڪتل هجن اهي ٻچا ڏيندا ۽ جن جا ڪن اندر هجن اهي آنا ڏيندا آهن.

بابا جي وفات ڪانپوءِ اسين لڏي وڃي اباڻي ڳوٺ لاڙڪاڻي پهتاسون. تاج صحرائي اڪثر لاڙڪاڻي ايندو هو. شايد ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جو ويجهو مائٽ هو. انهي وٽ رهندو هو. پوءِ شام جو اديب دوستن سان ملڻ نڪرندو هو، پهرين تہ ويندو هو انيس انصاري وٽ، پوءِ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي وٽ ۽ پوءِ پين اديبن شاعرن وٽ، هو مون وٽ بہ ايندو رهندو هو ۽ چوندو هو تہ تنهنجو بابا منهنجو پراڻو يار هو. انهيءَ جو سڪون تو مان پيو لاهيان. هونئن تہ تنهنجو بابا منهنجو نالي پائي هو. چوندو هو تہ سنڌي ادب ۾ اسان تاج محمد نالي وارا باقاعده حاوي آهيون. تاج صحرائي، تاج ابڙو، تاجل بيوس، تاج جويو، تاج بلوچ، ۽ پيا نالا ٻڌائي خوشي محسوس ڪندو هو. حقيقت ۾ صحرائي سان منهنجون باقاعده تڪڙيون تڪڙيون ملاقاتون 1997ع ۾ ٿيڻ شروع ٿيون. جڏهن مان دادو ۾ ايڊيشنل سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن ٿيس. هن ۾ اها تمام وڏي ڳالهہ هئي تہ پاڻ ڪان ننڍن سان بہ ايئن ئي ڪچهري ڪندو هو، جو محسوس پيو ٿيندو هو تہ چڻ اسان بہ صحرائي صاحب جا ڳهاٽا دوست ۽ همعصر هجون. دادو پهچڻ تي مون سڀ ڪان پهريائين فون صحرائي صاحب کي ڪئي. چيائين تہ بابا

پوءِ جلدي مون وٽ اچ نہ، تہ ڪچهري بہ ڪريون تہ گڏ ويهي دال روٽي بہ کائون. سندس گهر وچ شهر جڳت آباد محلي ۾ هو. سندس گهر بہ جڻ سچي سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جو محور هو. سندس ڪمري ۾ رڳو نڪر ۽ پٿر رکيل هئا. جيڪي هن سنڌ جي پراڻن ماڳن مڪانن مان تحقيق ۽ گهمڻ دوران هٿ ڪيا هئا. مون کي ڏيکاريندي سندس چهرو ايڏو پئي ٻهڪيو ۽ خوش ايڏو پئي ٿيو جو آئون بيان بہ نٿو ڪري سگهان. چيائين بابا مون سڄي حياتي سنڌ جي ماڳن مڪانن جي تحقيق ۾ گذاري ڇڏي آهي. سنڌ ڌرتي جو ذرو ذرو جاچي ڏٺو اٿم. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ڪو نہ ڇڏي اٿم جو حسرت رهجي وڃيم. مون کي سنڌ جي انچ انچ سان پيار آهي. پوءِ وري پنهنجي پرپل ڪتابن واري ڪمري ۾ وٺي ويو ۽ ڪتاب پڻ ڏيکاريائين ۽ چيائين تہ اسان جي ملڪيت اٿئي اهي ڪتاب ۽ سنڌ جا هي نڪر ۽ پٿر، پوءِ ڪنهن کي وڻن يا نہ وڻن. پر مون کي جان کان بہ وڌيڪ پيارا آهن. صحرائي صاحب کي واقعي بہ سنڌ ڌرتي سان پيار هو. شايد ئي اهڙو ڪو ٻيو سنڌ جو اديب هجي، جو 80 سالن جي عمر ۾ بہ پيو سنڌ جي تحقيق ڪري. ادا بدر ابڙو بہ تاج صحرائي سان اڪثر انهن ماڳن مڪانن تي ويندو هو. جيڪڏهن وري ادب ۽ ماڳن مڪانن کان هٽي ڪري ڪيس ڏسبو تہ تعليمدان بہ چوٽيءَ جو هو. نوڪري دوران سخت اصول پرستي ۽ تعليم کاتي سان اها سچائي ۽ ايمانداري جو پنهنجي پٽ کي بہ ريسٽيڪيٽ ڪري ڇڏيائين. هن تاريخ ۽ ادب تي ڪيترائي ناياب ڪتاب پڻ لکيا. قلندر لال شهباز ميلا ڪميٽي جو سيڪريٽري پڻ رهندو آيو هو. هر سال وڏي شوق ۽ محبت منجهان قلندر لال شهباز جي ميلي ۾ ادبي ڪانفرنس جو بندوبست ڪرائيندو هو. صحرائي صاحب کي صدارتي ايوارڊ کان بہ نوازيو ويو هو. آخرڪار هي سنڌ جو مشهور اديب، دانشور، محقق ۽ آرڪيالاجسٽ 82 سالن جي عمر ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. هن جي وڃڻ ڪانپوءِ جيڪو سنڌ ۾ خال پئدا ٿيو آهي، اهو شايد ڪو ٻيو پري سگهي. صحرائي صاحب جهڙا سپوت ڌرتي روز روز ڪونہ پيدا ڪندي آهي. هن جي سنڌ ڌرتيءَ سان محبت نوجوان نسل لاءِ مشعل راهہ آهي. سندس نالو سنڌ جي تاريخ ۾ سنهري لفظن ۾ لکيو ويندو.

---

شام ، عبرت، هلال پاڪستان، سچ، مهراڻ، عوامي آواز، سنڌو، تعمير سنڌ، هلچل، عبرت مئگزين

# پروفيسر ڊاڪٽر اياز قادري

## قوم جو محسن

اياز قادري منهنجي والد صاحب ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو انتهائي ويجهو دوست هو. ٻئي يار پرائمري ڪان وٺي ڪاليج تائين گڏ پڙهيا هئا. جڏهن ڪان مون هوش سنڀاليو آهي، تہ مون گهر ۾ چاچا اياز قادري جو نالو ٻڌو آهي، اياز قادري اسان جي گهر جو فرد نہ هو پر پوءِ بہ ڇڻ تہ هو اسان مان هئو. بابا سائين جي وفات ڪان پوءِ اياز قادري سان منهنجون تڪڙيون تڪڙيون ملاقاتون ٿينديون هيون، مون ڪيس انسان جي روپ ۾ فرشتو ڄاتو. هونئن بہ قادري صاحب جو گهراڻو اوليا الله وارن جو گهراڻو آهي، لاڙڪاڻي شهر ۾ سندن وڏن جون درگاهون آهن. جتي سندن مريد زيارت لاءِ ايندا رهن ٿا. اهڙي گهراڻي سان تعلق هجڻ ڪري سندس گهر ۾ ننڍپڻ ۾ ئي درويشاڻي طرز تي تربيت ٿي هئي. بابا سائين جي وفات ڪان پوءِ پهرين عيد تي جڏهن مون کي اهو احساس ٿيڻ لڳو تہ اڄ منهنجو ڪو وڏو نہ آهي. اهو احساس عين انهيءَ لمحي ختم ٿيو، جڏهن ڏٺم تہ قادري صاحب عيد نماز جي فورن بعد منهنجي در تي موجود هو ۽ وڏڙن جيان شفقت جو هٿ منهنجي چهري تي گهمائي عيد مبارڪ ڏنائين ۽ پوءِ اوطاق تي ويهي اسان ٻائرن کي عيد جي خرچي ڏنائين. اهو سلسلو آخري عيد تائين جاري رهيو، جيڪڏهن اتفاق سان ڪنهن ڪم سانگي لاءِ عيد ڪرڻ اچي ڪونہ ٿي سگهيو تہ پوءِ سندس هر عيد جيان عيد مبارڪ ڪارڊ ۾ ضرور ايندي هئي. بابا سائين سان هن جو انتها درجي جو پيار هو، اهو ئي سبب آهي جو اياز قادري ئي بابا سائين تي تاج محمد ابڙو يادگار ڪميٽي ٺاهي. جنهن ۾ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، انيس انصاري، امان شيخ، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، هدايت منگي ۽ خود پاڻ نہ فقط شامل هئو پر ڪوشش ڪري يادگار ڪميٽي جي ميٽنگن ۾ شامل ٿيندو هو. ڪيس تمام گهڻو شوق هئو تہ تاج محمد تي ڪتاب ڇپرايون ۽ لاڙڪاڻي شهر جي ڪنهن اهم روڊ جو نالو تاج محمد جي نالي سان منسوب ڪرايون.

جڏهن بابا سائين جو ذڪر ڪندو هو تہ سندس اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي اينديون هيون، هن ۾ محبت انسانيت، پيار، خلوص، مروت ۽ سچائي موجود هئي. سندس طبيعت حساس هئي. جيڪا قدرتي طرح هر شاعر ۾ هجڻ بہ گهرجي. هڪڙي دفعي چيائين نادر اسان جي سنڌ جي هڪ روايت آهي تہ جيئرن سان جهيڙو ۽ مئلن تي ميلو ملهائيندا آهيون، اها روايت تاج محمد سان بنهہ ابتڙ ٿي لاڳو ٿئي. ڇو جو هن جي حياتي ۾ سندس اوطاق تي وزيراعظم، صدر، وڏا وزير، گورنر، ڪامورا ۽ ملڪ جون وڏيون

وڏيون شخصيتون حاضري ڀرينديون هيون، هاڻي سندس لاءِ کو لاڙڪاڻي ۾ روڊ نالي منسوب ڪرائڻ ته ٺهيو، مور ڳو سندس قبرستان واري پٽ به حڪومت ڀيرائڻ کان پوءِ ڪانه ٺهرائي آهي. جنهن سان سندس قبر جي بي حرمتي پئي ٿئي، اها ڳالھ چئي تمام وڏو ٿڌو ساھ ڀريندي چيائين ته سنڌي قوم پنهنجي محسنن کي مرڻ کان پوءِ وساريو ڇڏي، حالانڪ ٻاهرين ملڪ ۾ ائين نه آهي.

هن ۾ پيراڻي گھر جو هوندي به مذهبي ڪٽرپڻو ڪونه هئو، هو نماز به ان طريقي سان پڙهندو هو. هڪ دفعي سندس ڪراچي واري فليٽ تي ڪچهري پئي ڪئي سون ته مغرب جي نماز جو وقت ٿيو، مون کي حيرت لڳي ته نماز قادري صاحب سني طريقي سان ادا ڪيائين، منهنجي پڇڻ تي چيائين ته مقصد ته سجدي سان آهي، شيعي ۽ سني جي بحث ۾ اسان لکيا پڙهيا ماڻھو ڇو پئون. هڪ ٻئي دفعي مون کي جمال ابڙي جي فرزند جي شادي ۾ شرڪت لاءِ ڪراچي وڃڻو پيو ته مون کي اياز قادري زوري پاڻ وٽ رهايو. آرام باغ روڊ تي سندس هيٺ مٿي به فليٽ آهن، مٿين فليٽن ۾ مون کي رهاياائين، صبح جو ڏسان ته قادري صاحب هٿ ۾ ناشتو، ڏاڪڻ چڙهڻ کان هلاڪ پر زوري پاڻ کي مٿي پئي ڇڪيائين، مون کيس چيو ته "چاچا اوهان ڇو تڪليف ڪئي، اوهان ڪراڙا ماڻھو آهيو. مون کي سڏ ڪيو ها" چيائين، "بابا تون منهنجي ڀائرن جهڙي دوست جو پٽ آهين. توکي ڪهڙي خبر ته مون کي تنهنجي اچڻ تي ڪيڏي خوشي ۽ آسيس ٿي اچي."

بابا سائين 1970ع ۾ ڊسترڪٽ سيشن جج جي عهدي تي فائز ٿيو ۽ 1985ع ۾ رٽائر ڪيائين، انهي وچ ۾ ڪڏهن به اياز قادري بابا سائين وٽ غمي خوشي جي موقعي کان علاوه نه آيو، انهيءَ جو سبب پڇڻ تي مون کي ٻڌايائين ته "آفيسر ٿيڻ کان پوءِ خوشامدڙيا دوست اڳيان پويان هوندا آهن پر رٽائر ٿيڻ کان پوءِ اهي غائب ٿي ويندا آهن." مون کي مخاطب ٿيندي چيائين ته "ڀلا هاڻي تون ئي ٻڌاءِ جيڪي تاج محمد جا گھاٽا دوست نوڪري دوران سندس اڳيان پويان گھمندا هئس، اهي هاڻي ڪاڏي ويا؟"

اياز قادري کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ منهنجا هي ڪجھ جملا سندس جبل جيڏي وڏي شخصيت آڏو تمام ننڍڙا آهن پر پوءِ به هن جي ياد تازي ڪن ٿا.

# پروفيسر ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي

## سنڌ جو ناليوارو تعليمدان، اديب ۽ محقق

1986ع ڌاران مون جڏهن ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ فرسٽ ييئر ۾ داخلا ورتي تہ وڏي حيرت لڳي تہ هي سنڌ جو واحد ڪاليج آهي، جنهن ۾ سنڌ جا ايترا سارا مشهور اديب ۽ شاعر پروفيسر آهن، جن ۾ ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، رزاق مهر، محمد علي پٺاڻ، بشير احمد شاد، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي ۽ ٻيا ڪوڙ سارا استاد ڪنهن جو نالو ڪٿي ڪنهن جو ڪٿجي. هونئن بہ لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو ليڊرن، اديبن، شاعرن، مذهبي عالمن ۽ دانشورن جي ڌرتي طور مشهور آهي. مون ڪي شاگردي دوران جن استادن تمام گهڻو متاثر ڪيو انهن ۾ سر فهرست پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور سنڌي هو. سندس جسماني بيهڪ، ڳالهائڻ جو انداز وري مٿان سندس اکرن جي صورتخطي سندس شاگردن سان اولاد جيان چاهت، سندس کهڙي تعريف ڪري کهڙي ڪجي. سندس اکرن جي تعريف اڪثر محمد ابراهيم جويو ڪندو رهندو هو ۽ مون ڪي چوندو هو تہ خوش نصيب آهين جو تون ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ جو شاگرد آهين.

مو ن ڪي ياد آهي تہ اهو ڏينهن، جڏهن مان سائين عبدالغفور ڪي چيو تہ آئون پري ميڊيڪل مان مطمئن ناهيان ۽ مان شعبو تبديل ڪرائي آرٽس ۾ وڃڻ چاهيان ٿو، تہ ٺهڪ ڏنائين ۽ چيائين تہ انهي جي معنيٰ تہ تون پڙهائيءَ ۾ جڏو آهين. مون چيو سائين ائين ئي سمجهو. جنهن تي مون ڪي چيائين تہ پيلا 100 مان 34 مارڪون بہ نہ ڪٽي سگهندين؟ جنهن تي مون ڪنڌ جهڪايو ۽ سائين عبدالغفور جي ڳالهہ ڪي اڳتي ڪندي پري ميڊيڪل ۾ پڙهيس. خوش ٿيو انهيءَ ڏينهن جڏهن منهنجي پيٽ جي شادي سندس مائٽ سان ٿي، ان ڏينهن مون ڪي چيائين نادر اڳ تون فقط منهنجو شاگرد هئين، پرهاڻي تون منهنجو مائٽ بہ ٿي ويو آهين.

پروفيسر ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي پهرين سيپٽمبر 1939ع تي لاڙڪاڻي ۾ جائو ابتدائي تعليم پنهنجي محلي جي اسڪول مان حاصل ڪيائين ۽ ميٽرڪ، بي اي، ايم اي ۽ ايل ايل بي جو امتحان لاڙڪاڻي ۾ ڏنائين. 1985ع ڌاري سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ايم فل ڪيائين جو اهو ڪنهن سنڌيءَ ڪي پهريون اعزاز هيو. پاڻ اٺويهہ صديءَ جي نثر تي مقالو لکي پي ايچ ڊي پڻ ڪئي. سنڌي ادب ۽ مذهب سان وڏو لڳاءُ هيس ۽ بيشمار ادبي، مذهبي ۽ درسي ڪتاب لکيائين، هو سنڌ جو وڏو محقق بہ هو. مون ڪين ڪاليج ۾ هميشہ ٽيبل تي لکندي ڏٺو. اهڙو ڪو لمحو مون پنهنجي شاگرديءَ دوران

نہ ڏٺو جنھن ۾ اچ ڪلھ جي نئين ٿهيءَ جي استادن جيان اسٽاف روم ۾ ويهي ڪچهريون ڪري پنھنجو ٽائيم ضايع ڪري.

هن کي پنھنجي ذاتي لائبريري هئي، جنھن ۾ هزارن جي تعداد ۾ ڪتاب هيا. جنھن جي لاءِ چوندو هيو تہ مون پنھنجي زندگيءَ جي ڪمائي ڪتابن وٺڻ تي خرچ ڪئي آهي ۽ اها ئي منھنجي وڏي ملڪيت آهي.

هو هڪ ئي وقت استاد، اديب، شاعر هئو. تہ وري اسان شاگردن جي چپر ڇانو بہ هو. ڪيس اولاد ڪونہ هيو سو اهو اولاد کي ڏيڻ وارو پيار بہ اسان شاگردن کي پنھنجو ٻچو سمجهي ڏيندو هيو. هن جيڪا سنڌي ادب جي خدمت ڪئي، سان بغير ڏيکاءُ جي ڪئي. هو بنھہ سادو ماڻهو هيو. دنيا جي چالاڪ بازين ۽ اٽڪل بازين کان بنھہ پاڪ هو. واقعي بہ فرشتو صفت انسان هو ۽ اسلامي خيالن ۽ نظريي سان ڀرپور هڪ سچو مسلمان هو، پاڻ انتهائي سادگي، گهٽ ڳالهائڻ، اڪيلائي پسند، شهرت ۽ نمائش کان وڇون ويندو هيو . هن ۾ قدرت سچائي، محبت، مخلصي ڪُٽي ڪُٽي ڀري هئي.

جيئن تہ هو اڄ اسان جي وچ ۾ نہ آهي پر سنڌي ادب ۽ تعليم کاتي ۾ سندس جُتيءَ ۾ پير وجهڻ وارو مون کي نظر نٿو اچي.

---

**هلچل، تعمير سنڌ، مهراڻ، سنڌ، عوامي آواز، سوڀ، سنڌو**

# پير صبغت الله شاھ راشدي

## اٺون پير پاڳارو ـــ اميدن جو ڪرڻو

حر جماعت جي روح روان حضرت اعليٰ ستين پير سائين پاڳارا جن جي لاڏاڻي بعد جيڪو سنڌ ۾ سياسي ۽ روحاني طرح سان خال پيدا ٿيو آهي، سو شايد ئي ڪڏهن پرجي سگهي. پير پاڳارا جي لاڏاڻي بعد نئين مقرر ڪيل پير پاڳاري سائين صبغت الله شاھ راشدي راجا سائين ۾ هاڻ سنڌ واسين ۽ حر جماعت جون اڻ ڳڻيون اميدون وابسته آهن. راجا سائين کي جنهن وقت پڳ ٻڌائي پئي ويئي ته سندن نيڻ وسڪاري جي بادلن وانگر زارو قطار لڙڪ لاڙي رهيا هئا. هن جا نيڻ جتي پنهنجي والد مرحوم شاھ مردان شاھ ثاني اعليٰ حضرت ستين پير سائين پاڳاري جي لاڏاڻي تي آلا هئا ته اتي سندن حر جماعت جي ايڏي سچي محبت ۽ مليل ذميواري به هن جي اڳيان تمام گهڻي اهميت پريل هئي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن بادشاهن وارو تاج پائي ڪري پهريون پيرو حر جماعت جي هجوم کي هن خطاب ڪيو ته هن جا لفظ اڳوڻي پير پاڳاري وارا ساڳيا ئي هئا ۽ هن جماعت کي دعا ڪرڻ لاءِ به چيو ته اها سندس لاءِ دعا ڪري ته هو اهو مليل منصب بهتر نموني هلائي سگهي ۽ حر جماعت جي اميدن تي پورو لهي.

پير صبغت الله شاھ راشدي نئين پير پاڳاري جي چونڊجڻ بعد حر جماعت کي هڪ نئون پير پاڳارو مليو آهي، پير پاڳارو حر جماعت خاطر هينئر کان ئي وني گهڻو ڪجھ سوچي ٿو.

مون کي ياد آهي ته جڏهن بابا مرحوم ڪامريڊ تاج محمد ابڙو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج خيرپور هوندا هئا ته ان زماني ۾ آئون انين ڪلاس جو شاگرد هئس ۽ بابا سائين سان گڏ پير جو ڳوٺ گهمڻ لاءِ ۽ درگاهن جي زيارتون ڪرڻ لاءِ پڻ ويو هئس ته اتي بابا مرحوم ڪامريڊ تاج محمد ابڙو مون کي حر جماعت ۽ پير پاڳاري جي فيملي جي حوالي سان تمام گهڻو ڪجھ ڄاڻ ڏني هئي، جيڪا ڄاڻ اڄ به منهنجي ذهن ۾ ڪاله وانگر نقش ٿيل آهي ۽ هوئڻ به حقيقت آهي ته حر جماعت جو هن ملڪ ۾ هميشه وڏو رول رهيو آهي، جيڪو رول بي ڪنهن جماعت ۾ ورلي ئي ڪٿي ڏسڻ لاءِ ملي ٿو، ملڪ کي اندروني توڙي بيروني مسئلا هجن يا پاڪ ڀارت جنگ، هر صورت ۾ هن جماعت ملڪ جي عوام سان ڀرپور وفا

ڪئي آهي، اهو ئي سبب آهي، جو اڄ ملڪ جا چوٽي جا سياستدان، وزيراعظم، صدر ۽ ٻيا به ستين پير پاڳاري جي ڪيل خدمتن تي ڪيس ڀرپور خراج تحسين پيش ڪندي نظر اچن ٿا.

وزيراعظم ته هنن حالتن ۾ اهو به چيو آهي ته هن حالتن منجهه ملڪ کي ستين پير پاڳاري جي تمام وڏي ضرورت هئي. شاهه مردان شاهه جو لاڏاڻو ملڪ لاءِ تمام وڏو نقصان آهي. نئين پير پاڳاري سائين صبغت الله شاهه راشدي جي به طبعيت اڳوڻي پير پاڳاري جهڙي ٻڌائي وڃي ٿي. هن ۾ به اڳوڻي پاڳاري واريون خوبيون موجود آهن، پاڻ ملڪي سياست تي وڏي نگاهه رکن ٿا ۽ سنڌ حڪومت ۾ چار ڀيرا وزير به رهي چڪا آهن ۽ سندن سياسي حوالي سان هميشه ڳاٽ اوچو رهيو آهي. هاڻ جڏهن پاڻ پير پاڳاري طور چونڊيا ويا آهن ته سندن شخصيت کي ملڪي سطح تي اجان به وڏي پذيرائي ملي رهي آهي. هاڻ ان ۾ نه صرف حر جماعت جون پر سموري عوام جون نظرون ڪتل آهن.جيڪي مٿن ساهه ڇڏين ٿيون ۽ هاڻ انهن اڳيان هن جي اهميت تمام اوچي ٿي چڪي آهي.

پير جو ڳوٺ جتي اڳوڻي پير پاڳاري جي لاڏاڻي بعد سوڳ واري فضا ۾ ورتل ٿو نظر اچي ته اتي حر جماعت پنهنجي نئين چونڊيل پير پاڳاري تي به فخر ڪري ٿي. پير پاڳاري جي چونڊ وقت جيڪو عالم فضا ۾ ڏسڻ ۾ مليو تنهن کي بيان ڪرڻ جيترا به لفظ مون وٽ ناهن ته انهيءَ عالم کي ڪهڙن لفظن ۾ بيان ڪجي. هر طرف ماڻهن جون اوڇنگارون، لڙڪ ، نعرا هئا. پير ڳوٺ ۾ جتي ستين پير پاڳاري جي لاڏاڻي جو غم آهي ته اتي نئين چونڊيل پير پاڳاري جي شفقت ۽ محبتن ڀريو هٿ نه صرف حر جماعت پر پوري ملڪ جي عوام تي آهي. اڄ سنڌ جو هر ٻچو اها دعا پيو گهري ته سائين صبغت الله شاهه راشدي راجا سائين عرف پير پاڳارو چونڊجڻ بعد اڳوڻي پير پاڳاري وانگي سنڌي عوام ۽ ملڪ جي خدمت ڪندو ۽ انهن جي هر ڏک ۽ غم ۾ شريڪ رهندو ۽ ساڳي طرح نياڻين کي تعليم ڏيارڻ سان گڏ نماز، روزه رکڻ، پاڙي وارن جو خيال رکڻ ۽ پر امن رهڻ جي تاڪيد ڪندو رهندو.

اها دعا ڪنهن هڪ جي نه پوري سنڌ ۽ ملڪ جي عوام جي آهي. هر ڪو اها خواهش ٿو ڏيکاري ته نئون پير پاڳارو ڪنگري هائوس جون ائين رونقون بحال رکندو ۽ ملڪ جا سياستدان وٽس ائين دعائون وٺڻ لاءِ ايندا رهندا، جئين اڳئين پير پاڳاري وٽ ايندا هئا.

**(روزانه سوڀ، مهراڻ، هلال پاڪستان، مقدمو، سنڌ)**

# جيجي زرينا بلوچ

## سنڌ متيءَ جي عاشقِ

حيدرآباد پرسان ڳوٺ الهداد ۾ 1934ع ۾ جنم وٺندڙ جيجي زرينا بلوچ جنهن جو مائٽاڻو نالو آمنا جلالاڻي هيو. شايد ڪنهن کي اها خبر نه هئي ته هوءَ اڳتي هلي سنڌي لوڪ گيتن جي راڻي بڻبي ۽ ماڻهو هن جي جهلڪ ڏسڻ لاءِ ترسندا ۽ تڙپندا. اڄ هن مهان لوڪ فنڪاره جيجي زرينه بلوچ جي ٽين ورسي سموريءَ سنڌ ۾ ملهائي پئي وڃي ۽ سندس شخصيت کي ڀيٽا ڏني پئي وڃي. جيجي زرينا بلوچ اُن ڏهاڪي ۾ سنڌي موسيقي کي سهارو ڏنو، جڏهن اسان وٽ عورت کي ايڏي آزادي نه هئي ۽ ان تي معاشرتي پابنديون ڪجهه وڌيڪ هيون. هن اهڙي دؤر ۾ رهندي هر شيءِ کان بغاوت ڪئي، بغير ڪنهن جي پرواهه ڪندي سنڌي لوڪ گيتن جي دنيا کي آباد ڪيو ته سموري سنڌ ۾ سندس آواز جا چرچا ٿيڻ لڳا.

پاڻ پنهنجي فني زندگيءَ جو باقاعدي آغاز 1962ع ڌاري ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کان ڪيو ۽ سندس آواز ريڊيو وسيلي ڪشمور کان ڪيٽي بندر ۽ ڪيرٿر کان ڪارونجهر تائين سنڌي ماروئڙن جي دلين تي راڄ ڪندو رهيو. جيجي زرينا بلوچ جي لاڏاڻي وقت آئون ڪراچيءَ ۾ سروس ڪري رهيو هوس ۽ ڪراچي جي گهميل هوائن ۾ جيجي زرينا بلوچ جي لاڏاڻي واري خبر مون تي باهه جي شعلن جيان برسي، هن لمحي مونکي اهو سمجهه ۾ نه آيو ته ڪو سنڌ جي جيجي اسان کي اڪيلو ڪري منهن ڦيري هلي وئي آهي. ڪجهه گهڙين لاءِ جيون تمام تنگ نظر آيو. سمورو ماحول سوڳوار محسوس ٿيو. دل بي چين ٿي وئي ۽ بيچينيءَ مان ڪئين آهون اندر مان نڪرنديون رهيون ته سنڌ جي خوشحاليءَ جا خواب ڏسندڙ جيجي اڄ اسان ۾ ناهي رهي ۽ هاڻ هن کي ناهي ورڻو. اهڙي ڪيفيت ۾ دل کي جهلي ڏيڻ لاءِ جيجي جي ڳايل گيتن جو سهارو ورتم ته:

**پي خبر ناهه پر مرڻ کان پوءِ**
**توسان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون.**

جيجي زرينا بلوچ هڪ خيال خواب ۽ آواز جي روپ ۾ هرپل اسان سان گڏ هوندي. مون کي ياد آهي ته بابا ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جڏهن ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج، ٺٽو طور مقرر هئا ته ان وقت پاڻ جيجي زرينا جي آواز ۽ ان ۾ سمايل درد جا مداح هئا ۽ مونکي اڪثر اهو چوندا هئا ته سنڌ جي دردن جو حقيقي آواز مونکي جيجي زرينه جي آواز ۾ محسوس ٿيندو آهي پر اڄ نه بابا حيات رهيو ۽ نه جيجي زرينا.

جيجي زرينا بلوچ جون يادون، هن جون اسان کي ارپيل بي پناهه محبتون ۽ هن جو اسان لاءِ ڇڏيل پيغام نصيحتون اڄ مونکي تمام گهڻيون ويجهيون، اثرائتيون محسوس ٿين ٿيون. هوءَ زندگيءَ سان ويڙهاند دوران آخري گهڙين تائين سنڌ جي پارت ڪندي رهي. لاڏاڻي بعد سنڌ جي اندر لوڪ گيتن جي دنيا ويرانن حوالي ٿيل آهي. هاڻ پوءِ لوليون ڏيڻ وارو ناهي بچيو، سموريون دليون جيجي زرينا جي لاڏاڻي تي اڄ ڏينهن تائين دکيل ۽ بي قرار آهن. هر چهرو اداس آهي ۽ نيڻ لڙڪن هاڻا آهن.

اڄ جيجي ڪي هن ماءُ جي هنج ۾ ابدي ننڊ سمهاريو ويو آهي. جنهن مٽيءَ جي هو ازل کان عاشق رهي آهي ۽ ڌرتي لاءِ هن پنهنجو سمورو جيون ارپي ڇڏيو. ڪڏهن اهو پلٽي ڦيري نه ڏنائين، ته ان جي بدلي ۾ ڪيس ڇا مليو. جيجي زرينا جو سنڌ سان عشق انتهائي رهيو ۽ هوءَ انهيءَ خاطر ڳائيندي، جهونگاريندي ۽ ماڻهن کي پارتون ڪندي رهي. جيجي نه صرف لوڪ فنڪاره هئي پر سنڌ جي قلمي پورهئي ۾ به هوءَ هڪ وڏو نانءُ آهي.

سندس تحريرون اڄ به زنده آهن. پاڻ ڪڏهن به سنڌ لاءِ ڪنهن قرباني ڏيڻ کان پٺتي نه رهي. جيجي زرينا بلوچ فن جي سکيا استاد محمد جمن، ماسٽر ابراهيم ۽ ٻين کان ورتي هئي. ڪيس شاهه عبداللطيف، سچل، قلندر ۽ پاڪستان جو سڀ کان وڏو سولين ايوارڊ 'پرائيڊ آف پرفارمنس' پڻ مليو. شيخ اياز، حيدر بخش جتوئي، مجيدي، تنوير عباسي ۽ ٻين جي شاعري جيجي زرينا بلوچ پنهنجي مٺڙي آواز ۾ انتهائي سهڻي نموني ڳائي پر اڄ اسان جي وچ ۾ جيجي ناهي رهي.

سموري سنڌ اڄ ڏينهن تائين هن جي وڇوڙي جو غم وساري ناهي سگهي ته اتي وري اهو سوال پنهنجي جاءِ والاري ٿو ته ڇا وري ڀيهر ڪا جيجي سنڌ ۾ جنم وٺندي ۽ جيجي زرينا بلوچ جي لاڏاڻي بعد لوڪ گيتن جو فن اڳتي ترقي ڪري سگهندو. اهي سڀ سوال آهن، جن جا جواب هر ذهن تراشي ٿو. هيل تائين جيجي زرينا بلوچ جي لاڏاڻي بعد لوڪ گيتن جي دنيا مڪمل طور تي ختم ٿيل نظر ٿي اچي ته ٻئي طرف ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ گهڻا سنڌي ٽي وي چئنل، ايف ايم ريڊيو اسٽيشن قائم ٿي چڪا آهن. جن تي سنڌي نشريات هلي ٿي پر جي اهي سمورا چئنل گڏجي به پون ته به جيجي زرينا بلوچ جو آواز پيدا نٿا ڪري سگهن.

هاڻ ضرورت انهيءَ ڳالهه جي آهي ته جيجي زرينا بلوچ جي لاڏاڻي کان پوءِ هن جي فن کي زنده رکڻ لاءِ سندن ڳايل گيتن جو جديد البم تيار ڪري مارڪيٽ ۾ آندو وڃي. سندن يادگار لکڻين کي ڪتابي صورت ۾ آندو وڃي ته جيئن اسان جا ايندڙ نسل سندس پورهئي مان فيضياب ٿي سگهن ۽ گڏوگڏ سنڌ ۾ لوڪ گيتن جي فن کي بچائڻ لاءِ سندن نانءُ تي لوڪ گيتن جي سکيا جو مرڪز قائم ڪيو وڃي، ائين ڪرڻ سان گهٽ ۾ گهٽ اسان جيڪا عزت ۽ مرتبو جيجي زرينا بلوچ کي هن جي حياتي ۾ نه ڏئي سگهياسين اهو مرڻ کانپوءِ ڏيڻ ۾ سوڀارا ٿينداسين. گڏوگڏ جيجي زرينا بلوچ جي روح کي به سڪون ملندو. دل کي آنند ملندي ته هن جي ٻاريل شمع اڃا روشن آهي ۽ اڃا سندس فن جا ڪيترائي عاشق موجود آهن، جيڪي سندن ٻاريل شمع وسامڻ ڪين ڏيندا.

---

سوڀ، خبرون، عبرت، تعمير سنڌ، فيصلو، مهراڻ، سنڌ، سنڌو، هلچل عوامي آواز، سڪار، سنڌو ڊائجسٽ، جيجي ڪتاب سهڙيندڙ: نصير مرزا

# جمال ابڙو

## سنڌي ادب جي يونيورسٽي

پنهنجي گهر جي ٻاتين تي لکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اجا تائين پنهنجي والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو تي به ڪو مفصل مضمون ڪونه لکي سگهيو آهيان. چاچا جمال تي ڪيئن لکان! ڳالهه سمجهه ۾ ئي ڪونه ٿي اچي . چاچا جمال جي ٿيجهي تي سندس پٽ بدر چيو ته مضمون لکجانءِ، سندس چوڻ ته مجيم، پر ڪٿان ڪان شروع ڪيان ۽ ڪٿي ختم ڪيان؟ چاچا جمال جيتوڻيڪ اسان جو سڳو چاچو ڪونه هو، پر سنڌ اندر اهوئي مشهور آهي ته جمال ابڙو ۽ تاج محمد ابڙو ٻئي ڀائر آهن. انهي جا الاهي سارا سبب آهن جن مان خاص هي آهن ته چاچا جمال ۽ بابا سائين ٻئي ذات جا ابڙا، ٻئي سنڌ ۾ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج رهيا، ٻئي لاڙڪاڻي جا هيا، ٻئي هڪڙي ئي استاد چاچي شمس الدين ابڙي وٽ وڪالت ۾ شاگرد رهيا، ٻئي اديب، ٻئي سياسي شخصيتون، ادب، عدليا، سياست توڙي ذاتي زندگي ۾ اگر ڪوبه قدم کڻبو ته ٻئي هم صلاح ۽ قدم به قدم ملائي گڏ هليا.

مان ته جڏهن ڪان هوش سنڀاليو ته چاچا جمال جو نالو گهر ۾ ڪنن تي پڌندو اچان ٿو. ياد اٿم ننڍپڻ جا ڏينهن جڏهن بابا سائين ڪراچي هلندو هو ۽ اتي چاچا جمال مون کي آگر ڪان وٺي سمنڊ جي ڪناري تي گهمائيندو هو ۽ وري اهو ڏينهن به ياد اٿم، جڏهن چاچا جمال مون کي ڪراچيءَ ۾ زندگي جي پهرين واچ ننڍپڻ ۾ وٺي ڏني هئي جا مان پائي وڏي فخرمنجهان پنهنجن دوستن کي پيو ڏيکاريندو هئس. اهو ڏينهن به اجا ڪونه وسريو اٿم، جڏهن هالي ڊي ان هوٽل ڪراچي ۾ چاچا جمال جي نياڻيءَ جي شادي هئي. سڄي سنڌ مان مخصوص سئو ڪن معتبر شخصيتون شادي ۾ شريڪ هيون. ان وقت جو وڏو وزير سيد غوث علي شاهه جڏهن هوٽل ۾ پهتو ته، چاچا جمال بجاءِ پنهنجن پٽن جي پهرين منهنجو تعارف ڪرائيندي غوث علي شاهه کي چيو ته هيءُ ادي تاج محمد مرحوم جو شهزادو آهي. غوث علي شاهه هلي اچي مون وٽ چار پنج منٽ بيهي حال احوال وٺڻ لڳو. شادي ۾ شريڪ سڀ ماڻهو حيرت ۾ هئا ته هيءُ پندرهن سالن جو ٻار ڪير آهي، جنهن سان سنڌ جو حاڪم بيهي رهيو آهي. اها حقيقت ۾ چاچا جمال جي بابا سائين سان محبت هئي. جنهن جو هن اظهار اهڙي نموني ڪرائي سڄي پنڊال ۾ ماڻهن آڏو منهنجي عزت ڪرائي. چاچا جمال جون اهي محبت ڀريون ڳالهيون هن مهل ياد ٿيون اچن ته ڄڻ نتهڻ اُس ۾ وڏي ٻڙ جي ڇانوَ کسجي وڃڻ محسوس ڪري رهيو آهيان.

چاچا جمال ته پنهنجي سر پاڻ سنڌ جي عدليه، ادب ۽ سياست جو وڏو نانءُ ته هيو ئي پر انهيءَ ڪان علاوه هو سنڌ جي هڪ وڏي نامور هستي علامه علي خان ابڙي جو به سپوت هو، جيڪو سنڌ جو پهريون

سنڌي مسلمان ايم اي پاس ڪيل هو. جيڪو پنهنجي دؤر ۾ وڏو عالم دين، تعليمي ماهر ۽ تعليم کاتي ۾ آفيسر هو. جنهن چاچا جمال جي اهڙي تہ تربيت ڪئي جو اڳتي هلي هن نہ فقط سنڌ پر پوري ملڪ ۾ ادب جي حوالي سان نالو پيدا ڪيو ۽ صدارتي ايوارڊ حاصل ڪيا. هو رڳو جج يا اديب نہ هيو پر هن جي سياست سان بہ وڏي دلچسپي هئي. هڪ دفعي چاچا جمال پنهنجي حياتي جون ڳالهيون ٻڌائيندي چيو تہ "تنهنجي والد تاج محمد سان ياراڻي پڪي هيم. مان لاڙڪاڻي ۾ اچي وڪيل ٿيس تہ تاج محمد بہ لاڙڪاڻي ۾ وڪيل ٿي آيو. اهو سڀ تاج محمد جو ڪرشمو هو جو مان ڪاہي ڌر جي تحريڪن، هاري پارٽي ۽ مزدور يونين ۾ ڪم ڪرڻ لڳس. مون پنهنجي وڪالت جي آفيس ۾ پاڪ سوويت دوستي جي انجمن کولي، اهو آئيڊيا بہ تاج محمد جو هو، همثائڻ بہ ان جو هو. سوويت لٽريچر جي لائبريري بہ اتي ئي قائم ڪئي. مون تي ايڏو ڀروسو ڪيو ويو جو ڪميونسٽ پارٽي جون ميٽنگون بہ اتي ڪيون وينديون هيون، اهو بہ ڪرشمو تاج محمد جو هيو. مير علي احمد خان ٽالپر، شيخ اياز ۽ تاج محمد ڪتابن جا عاشق هئا ۽ ڪنهن کي بہ ڪتاب نہ ڏيندا هئا.

تاج محمد ذوالفقار علي ڀٽو کي تمام گهڻو ويجهو هيو ۽ سندس نجي محفلن جو رڪن هيو. مون تاج محمد کي چيو تہ چو نہ ڀُٽي صاحب کي چئي ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي کي جيل مان آزاد ڪرائجي‌تاج محمد کي اها ڳالهہ پسند آئي ۽ هن ڀُٽي صاحب سان ڳالهايو. ڀٽو صاحب خود ان ڳالهہ جو هو تہ روس سان لاڳاپا وڌائجن سو هڪدم هائو ڪيائين. سوڀو گيانچنداڻي جيل مان نڪري آيو. ذوالفقار علي ڀُٽي بعد ۾ تاج محمد کي چيو تہ هو ڪميونسٽ پارٽي تان بندش لاهي ڀيو ۽ پلي پارٽي کلم کلا پنهنجي منشور مطابق ڪم ڪري. ڀُٽي صاحب ايئن ڪري ڏيکاريو پر پارٽي وارا ٻاهر ڪونہ نڪتا.

سو ذوالفقار علي ڀُٽي تاج محمد کي چيو تہ هاڻي چئو نہ پنهنجي دوست ڪامريڊ سوڀي کي تہ هو ڪميونسٽ پارٽي کي بي ڌڙڪ منظم ڪري."

هڪ ٻيو واقعو چاچا جمال ٻڌايو تہ"هڪ دفعي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جيل ۾ واڙجي ويو. پويان پاڻ هرتڙن پارٽي اندر ڏنڊا انقلاب (ڪو) ذريعي اٿل پٿل آڻي، قبضو ڪري صدر، سيڪريٽري ۽ ٻيا عهديدار چونڊجي بالم ٿي ويهي رهيا. انهي ڪم جي مون کي ۽ تاج محمد کي ذميواري سونپي وئي تہ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي مدد ڪيو. انهن يارن ڇا ڪيو جو اخبارن ۾ خبرون ڇپائي پاڻ عهدن تي قابض ٿي ويهي رهيا هئا. تاج محمد تمام گهڻو ذهين ماڻهو هيو، سو حل ڪڍي آيو. چيائين تہ هاري ڪميٽي جي ميٽنگ ۽ ڪارروائي جا من پسند فيصلا لکي هاري حقدار اخبار ۾ ڇپائي ٿا ڇڏيون، انهي جڙتو ميٽنگ جي ڪارروائي بحث مباحثا ۽ سوال جواب اهڙي نموني لکياسون جو اهو سڀ ڪجهہ سچ ٿي لڳو. سو وڏي حڪمت عملي سان هاري حقدار اخبار جنهن تي پابندي هجڻ باوجود ڪنهن طرح سان وڏي محنت ۽ ڪوشش ڪري اسان ٻئي لاڙڪاڻي کان حيدرآباد پهچي اخبار محمد عثمان ڏيپلائي جي مدد سان ڇپرائي سون ۽ اسان جي محنت رنگ لاتو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جيئن ئي جيل

مان نڪتو تہ ڪيس هار پارائي جلوس ڪڍي اچي هاري حقدار آفيس ۾ صدارت جي ڪرسي تي ويهاريائونس."

هر انسان پنهنجو وارو وڄائي ويندو، هن ڌرتي تي ڪوبہ هميشہ لاءِ رهي ڪونہ سگهيو آهي پر چاچا جمال جي وفات تي افسوس اهو اٿم تہ اسان جا سينيئر اديب آهستي آهستي اکيون ہوٽيندا پيا وڃن پر اسان نوجوان ٿهي انهن جي جتي ۾ پير پائڻ جهڙا ڪونہ ٿي سگهيا آهيون، جيڪو سنڌ لاءِ سنو سنوڻ ڪونهي. چاچا جمال واقعي بہ هڪ بزرگ، الله لوڪ ۽ درويش صفت انسان هيو. هن جي سنڌ لاءِ ڪيل خدمتن عيوض سندس نالو سنڌ جي تاريخ ۾ سنهري لفظن ۾ لکيو ويندو. هن جي خوشبو جهڙين لکڻين منجهان اسان جو ايندڙ نسل صدين تائين فيضياب ٿيندو رهندو.

---

خبرون، شام، سنڌ، مهراڻ، سنڌو، عبرت، تعمير سنڌ، هلچل

# جڳديش ملاڻي

## جڳ جو جڳديش

سنڌ جي وارياسي علائقي ٿر جو جڏهن بہ ذڪر ڪتي ٿيندو آهي تہ مونکي هڪڙو پيارو ماڻهو مٺي جايو امر جڳديش ملاڻي ياد ايندو آهي. اڄ هن جي وڇوڙي کي 17 سال گذري چڪا آهن پر تنهن باوجود ائين لڳندو آهي تہ هو اسان جي وچ ۾ موجود آهي. هن جا ٺهڪ ۽ تقريرون اڄ بہ مون کي پڙاڏو بڻجي مٺي گڏي واري پٽ کان ٽڪرائيندي محسوس ٿينديون آهن. هو جا تہ انسان هو جنهن وٽ ماڻهپو ۽ انسانيت ئي سڀ کان اتم ذات هئي. هن پنهنجي سموري ڄمار جا پل ٿر جي محروم ماڻهن جي خوشحالي تي گهوري ڇڏيا. هن جا نيڻ ڪڏهن بہ ستا ڪونہ، هو ٿر جي خوشحالي جي آس لڳائي ميلا مچائيندو رهيو. ڪراچي جي ايوانن کان ويندي اسلام آباد تائين ۽ هر نگري ۾ ٿرين جي خوشحالي جون ڳالهيون ڪندو رهيو ۽ پنهنجو جيون هنن مٿان گهوري ويو پر سندس يادون اڄ بہ ٿر جي گهر گهٽي ۽ وستي ۾ ماڻهن جي اندر جهاتي پائن ٿيون.

منهنجو ذاتي طور تي ٿر سان ۽ روحاني قسم جو عشق رهيو آهي ۽ ٿر جي اندر هر وقت سڪ پلجندي نظر آئي آهي. هتي ملندڙ محبتن کي شايد ئي ڪو انسان هجي جيڪو فراموش ڪري سگهي، انهن محبتن جو ٿر جي لوئي ۽ لڄ جي وڏي واڪي ڳالهہ ڪندڙ امر جڳديش ملاڻي، جنهن جو جنم مٺي برهمڻ گهراڻي ۾ ٿيو ۽ پاڻ پنهنجي ٻاراڻ کان ويندي نيٺ جوين تائين پٽو ازم جو ديوانو رهيو. سندن تعلق ڪو وڏي فيملي سان نہ هو سندن گهراڻو وچين طبقي سان لاڳاپو رکندو هو. پاڻ محدود وسائل هجڻ سبب انٽر تائين تعليم حاصل ڪري سگهيو ۽ بعد ۾ حيدرآباد جي علائقي شيخ پرڪيو ۾ وڃي ميڊيڪل اسٽور کوليو، جتي صبح کان شام تائين ميڊيڪل اسٽور تي ڪم ڪرڻ بعد پنهنجي سياسي استادن ڊاڪٽر اسماعيل اڏيجو ۽ مولابخش چانڊيو وٽ وڃي ڪچهريون رچائيندو هو. ايم آر ڊي جي تحريڪ شروع ٿيڻ بعد پاڻ اسٽور ڇڏي مڪمل طور سياسي رستو ورتو ۽ سندس سياسي جذبا بم ۽ گولين جيان گجگوڙ ڪري نروار ٿيا ۽ پاڻ سرگرم ڪارڪن طور سامهون آيو، ڪيس مٺي شهر لاءِ صدر ۽ بعد ۾ ضلعي لاءِ جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

سندس شمار انهن جان نثارن ۾ ٿيندو هو جيڪي پٽي جي نالي پويان جان ارپي ڇڏيندا هئا، ڪيس شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو سڳن ڀائرن وانگر ڀائيندي هئي ۽ مذهبي تهوار رکشا ٻنڌڻ تي ڪيس راکي ٻڌندي هئي، هندو ڌرم ۾ رکشا ٻنڌڻ جي ڏينهن هڪ ڀيڻ پنهنجي ڀاءُ کي سلامتي ۽ وڏي ڄمار لاءِ ڌاڳي جي صورت ۾ راکي ٻڌندي آهي. محترمہ نصرت ڀٽو بہ جڳديش ملاڻي کي شاهنواز ڪري

سڏيندي هئي. هو واحد ڪارڪن هو جيڪو 70 ڪلفٽن تي رهندو هو. سندس پارٽي سان محبت ڪي ڏسندي 1988ع ۾ صوبائي اسيمبلي جي ٽڪيٽ ڏني ويئي، جيڪا سيٽ هن اڪثريت سان کٽي ۽ صوبائي اسيمبلي جو ميمبر بڻيو. جتي پهچڻ بعد پاڻ ٿر جي ماڻهن جو آواز بڻجي انهن جي حقن جي حاصلات ۽ مسئلن جي حل خاطر سنڌ اسيمبلي جي فلور تي ڀرپور انداز سان آواز بلند ڪيو. هن جي سياسي بصيرت کان متاثر ٿي سندس مخالف بہ ديوانا هوندا هئا.

جگديش ملاڻي سان منهنجي لاڙڪاڻي ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي ۽ سالگرهہ جي موقعي تي اڪثر ڪچهري ٿيندي رهندي هئي ۽ انهن ڪچهرين ۾ پاڻ اڪثر طور تي اها ڳالهہ ڪندو هو، تہ محبتن ۽ مسڪراهتن جو ڪوبہ مذهب ناهي هوندو ۽ هن ۾ واقعي بہ اهڙي خوبي سمايل هئي. هن پنهنجي سموري جيون جي اندر ڪڏهن بہ ذات، نسل، مذهب، متڀيد اونچ نيچ کي اهميت نہ ڏني، انهن سمورين شين کان بالاتر بڻجي انسانيت جي خدمت ڪئي. سموري جيون ۾ ڪڏهن ڪنهن موڙ تي ڪٿي ٿڪل نظر نہ آيو. هن محلن کي ڇڏي جهوپڙين جي ڳالهہ ڪئي ۽ اهي جهوپڙا لانڍيون هن جي سياست جو محور هيون. هو انهن چوئرن ۾ ويهي ٿرين کي سجاڳي جا گيت پڏائيندو هو، هن جي اندر ۾ ٿر جي ماڻهن لاءِ انتها جو درد سمايل هيو، هو غريب ٿرين جي نالي ٿيل هو. پ پ سان عشق هئڻ سبب جگديش ملاڻي کي ڪيئي سختيون پوڳڻيون پيون. جيلن ۾ وجهو پيو پر پاڻ پنهنجي ازم تان ڪڏهن بہ پٺتي نہ هٽيو. هر سختي برداشت ڪئي پر پنهنجي پارٽي سان ڪيل عشق جو ڀرم رکيو، هن ٿر جي اندر نفرتن جو خاتمو آندو، ٿري ماڻهن کي سندن ووٽ جي اهميت محسوس ڪرائي ۽ ماڻهن ۾ سجاڳي آندي، هن ٿري ماڻهن ۾ شعور پکيڙڻ ۽ پنهنجا حق ڪيئن وٺجن جو سبق ڏنو. هو ٿر جي سجاٽپ هيو ۽ ٿر جي شهر مٺي جو اهو ستارو هيو، جيڪو سدائين آسمان تي جگمگائيندو رهندو، هو ٿرين کان اهڙي نموني وڇڙي ويندو جنهن جو تصور ۽ خيال بہ نہ هو تہ ڪو هو اوچتو منهن موڙي ويندو. اڄ سندن وڇوڙي کي 17 سال پورا ٿي چڪا آهن، پر ٿر جا ماڻهو اڄ بہ هن کي پنهنجي وچ ۾ تا پائين ۽ ملاڻي خاندان جو اهو ساڳيو ئي عشق ڀُٽي خاندان سان هلندو ٿو اچي. هزارين مشڪلاتن باوجود بہ هر حال ۾ هن خاندان ڀُٽي خاندان سان وفا ڪئي آهي. اڄ جگديش ملاڻي جي ورسي جي موقعي تي جتي ڀُٽي خاندان جا گيت ڀيا جهونگاريا وڃن تہ اتي هزارين ماڻهو جگديش ملاڻي کي بہ پڪارون ڀيا ڪن. هي هن جو عشق ۽ محبت هئي جيڪا اڄ آواز بڻجي، ٿر جي هر واهڻ وستي جي اندر گونجي رهي آهي. امر جگديش ملاڻي ۽ سندس دوست ڊاڪٽر اسماعيل اڍيجو ۽ سينيئر صحافي فقير محمد لاشاري جڏهن لانگ مارچ لاءِ پارٽي سربراهہ محترمہ شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي ڏنل سڏ تي اسلام آباد طرف وڃي رهيا هئا تہ سندن ڪار هڪ ٽيلر سان ٽڪرائجي ويئي ۽ اهي مهراڻ جا موتي، سنڌ جا بي مثال ڪردار، موت کي ڀاڪرن ۾ ڀري، جدائي جا جام اوتي اسان کان هميشہ لاءِ منهن موڙي ويا.

جگديش ملاڻي جي لاڏاڻي جي خبر تي سمورو ٿر رنو هو ۽ هر طرف سوڳوار ماحول جا پاڇا ٿي نظر آيا. سمورو ٿر ۽ انهي جا شهر جگديش ملاڻي جي لاڏاڻي تي بند ٿي ويا. جگديش جي لاڏاڻي کان

پوءِ سندس مشن جاري رکندي سندس پياءُ موتي رام ملاڻي عوامي خدمت جي جذبي کان سياست ۾ پير ڍگهيريا ۽ 1993ع ۾ موتي رام ملاڻي کي شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو اقليتن واري خاص سيٽ تي ايم اين اي جي سيٽ جي ٽڪيٽ ڏني، جيڪا سيٽ هن اڪثريت راءِ سان کٽي ۽ پنهنجي پياءُ جي نقشي قدم تي هلندي ٿر واسين جي هر واٽ ۽ وک تي هر سڏ ۾ گڏ رهندي خدمت ڪئي پر وقت جي رفتار ۽ موت جي ديوي موتي رام ملاڻي کي بہ اسان کان کسي ورتو. تنهن بعد اڄ ڊاڪٽر مهيش ملاڻي ساڳئي واٽ تي هلي رهيو آهي ۽ جگديش ملاڻي جون سڪون لاهي پيو، ٿر جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ جگديش ملاڻي وانگي انتهائي بيقرار ٿو نظر اچي.

خدا در دعا آهي تہ شل مهيش ملاڻي جگديش ملاڻي جي چڙيل مشن کي ساڀيان ڪرڻ ۾ سوڀارو ٿئي ۽ ٿر دنيا اڳيان دبئي بڻجي وڃي.

---

**هلال پاڪستان، مقدمو، هلچل، برسات، خبرون، سنڌ، سوڀ، سنڌو، مهراڻ**

# ڊاڪٽر هرچند راءِ لڪاٽي

## ٿر ۽ عمرڪوٽ جو مسيحائي ڪردار

آئون سنڌ جي کهڙي بہ ڪنڊ ڪڙڇ شهر ۾ هجان پر هر وقت اُنهيءَ شهر ۾ پلجندڙ تاريخ ساز انسانن جي ڳولا ۾ هوندو آهيان ۽ انهن ساڻ پنهنجي روح جا لاڳاپا جوڙي ڪچهرين ڪي اوليت ڏيندو رهيو آهيان. انهن انسانن مان هميشہ مون ڪجھ پرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهي انسان اسان جي سنڌ جو لازوال خزانو آهن. جن ڪي ڳولهي لهڻ انهن جي سهائتا ڪرڻ اسان تي فرض ٿو ٿئي، جڏهن آئون بطور سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن جي شهدادڪوٽ کان بدلي ٿي عمرڪوٽ پهتس تہ اتي مون کي اهڙو ئي ٿر جائو مسيحائي انسان نظر آيو، جنهن جو نالو عمرڪوٽ سميت سموري ٿر ۾ تمام وڏي احترام سان ورتو ٿو وڃي. اهو پاڻ ۾ هزارين داستان سانديو ويٺو آهي. پر ڪڏهن ڪنهن پير ۽ مير جي حاضري ناهي ڀريندو. اهو ميسحائي انسان ڊاڪٽر هرچند راءِ لڪاٽي جن آهن، جن جو تعلق سنڌ جي امر ڪردار ماروي جي ديس عمرڪوٽ سان آهي، پاڻ لازوال بي مثال خصوصيتن جا مالڪ آهن. عمرڪوٽ کان ويندي ٿر تائين سندن جو وڏو نانءُ آهي. خاص طور تي هتي جي ريتن رسمن ڪلچر جي حوالي سان تما م وڏي ناليج اٿس. وڏي ڪوشش بعد ساڻس ملاقات ٿي، پاڻ انتهائي حسرت ڀريل نگاهن سان منهنجو آڌر ڀاءُ ڪيو هئائين. اهو ان لاءِ نہ تہ ڪو آئون اينٽي ڪرپشن جو سرڪل آفيسر هئس پر ان لاءِ جو آئون ڪامريڊ تاج محمد ابڙي مرحوم جو فرزند هئس. ڊاڪٽر هرچند راءِ لڪاٽي کان پهرين قرب ڀري ڪچهري کان پوءِ نہ چاڻ ايئن محسوس ٿيو تہ هي اهو ئي انسان آهي جنهن جي منهنجي روح ڪي سالن کان تلاش هئي. دل چاهيو هو تہ هن جي احترام ۾ ايترو ڪجھ ڪري وجان ۽ ماڻهن کي اهو احساس ڏياريان تہ پنهنجي وڏن جو احترام ڪيو ۽ انهن کي سڃاڻو. ڊاڪٽر هرچند راءِ لڪاٽي سان پهرين ملاقات بعد هن سان منهنجو گهريلو ناتو جڙي ويو. هن مون کي عزت ڏيندي پنهنجي پٽ جي حيثيت ڏني، جيڪا مون لاءِ انتهائي فخر جهڙي ڳالهہ آهي. عمرڪوٽ جڏهن بہ وڃڻ ٿئي ٿو، تڏهن پهريائين حاضري ڊاڪٽر هرچند راءِ لڪاٽي جن جي ڀربي آهي. تنهن بعد ٻئي سنگت.

ڊاڪٽر هرچند راءِ لڪاٽي عمرڪوٽ جي هر گهر کي پنهنجو سمجهندو آهي ۽ شهر جي هر ماڻهوءَ کي ايئن سڃاڻي جهڙو هو هن جي گهر جو فرد هجي پراڻا شهري سندن کي جيءَ ۾ جايون ڏين ٿا، پاڻ عمرڪوٽ ٽائون ڪميٽي جا چيئرمين بہ رهيا ۽ انهيءَ زماني جا ڪيل سندن ڪم اڄ بہ عمرڪوٽ جي عوام جي دلين تي چانيل آهن. پاڻ عمرڪوٽ ۾ ٽائون ڪميٽي جا چيئرمين رهڻ دوران سنڌ جي امر ڪردار روحل فقير جي نانءُ پويان جرنل بس اسٽينڊ تعمير ڪرايو ۽ گڏوگڏ شهرين جي تفريح جي

ضرورتن کي مدِنظر رکندي پبلڪ پارڪ عمرڪوٽ بہ تعمير ڪرايائين ۽ ان دؤر ۾ پاڻ عمر ڪوٽ شهر ۾ روڊن جو ڄار وڇايو ۽ هر ڪم ۾ اڳ ڀرا نظر آيا. اهو ئي نہ پر ڊاڪٽر هرچند راءِ لڪاڻي جن ٿر جي ثقافت کي ٻاهرين ملڪن ۾ متعارف ڪرائڻ لاءِ عمرڪوٽ جي تاريخي قلعي ۾ هڪ ملڪي سطح جو ميلو بہ لڳايو، جنهن ۾ ٿر جي هنر ڪان ويندي هر ڪا تاريخي شيءِ ڏسڻ جهڙي هئي ۽ هن ۾ ملڪي ۽ غير ملڪي سفيرن ۽ سياحن شرڪت ڪئي هئي، انهيءَ ڪان علاوه پاڻ کي سماجي خدمتن عيوض لاتعداد ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ملي چڪا آهن، پر هي ماڻهو ڪڏهن بہ ٿڪو ناهي هر وقت چست چوبن ۽ ڪم جي لاءِ تيار آهي. سمهندي مهل بہ هن جو ذهن جاڳندو آهي. هي هر وقت پنهنجي علائقي جي غريب ٿري ماروئڙن لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ ڪرڻ خاطر سوچي ٿو. سندس گهر ۾ ٿري هنر جا لاتعداد نمونا ۽ ثقافتي رنگ ڀيل آهن. جيڪي هن ڪان آرڪيالاجي کاتي عمرڪوٽ وارن بہ عمرڪوٽ جي قلعي واري ميوزيم ۾ رکڻ لاءِ گهريا هئا پر پاڻ اهو چئي جواب ڏنو هو تہ اوهان وٽ انهن شين جي حفاظت ناهي.

پاڻ انسانيت سان تمام وڏي همدردي رکي ٿو ۽ بغير ڊگري هجڻ جي بہ سنڌ جي چند وڏن ڊاڪٽرن ۾ سندن شمار ڪيو ٿو وڃي. اڄ بہ جڏهن ڪو مريض لاعلاج ٿيندو آهي تہ آخري گهڙين ۾ اهو ئي انسان انهيءَ جي جيون دان جو وسيلو بڻبو آهي ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي هيل تائين هي انسان موت جي مُنهن مان ڪڍي چڪو آهي. سندن جي اسپتال مان جيڪا ڪمائي ٿئي ٿي اهو پاڻ رکڻ بجاءِ ٽي بي اسپتال عمرڪوٽ کي ڏيندو آهي، جنهن ۾ عمرڪوٽ ۽ ٿر جي ٽي بي ۾ ورتل مريضن جو مفت ۾ علاج ڪيو ٿو وڃي ۽ پاڻ ٽائيم جا انتهائي پابند آهن. ادبي پروگرام هجي يا سماجي پر ٽائيم تي پهچڻ هن جي ڪمزوري آهي. جڏهن سندن گهر واري لاڏاڻو ڪري وئي، تڏهن بہ پاڻ مريضن کي ڏسڻ ۾ مشغول هئا ۽ جڏهن مون ڪيس چيو هو تہ ڊاڪٽر صاحب هلي تڏي تي ويهو. تڏهن پاڻ ورندي ۾ چيائين تہ "مرڻ واري مري وئي پر آئون ڪجھ جيئرن لاءِ ڪرڻ ٿو چاهيان."

پاڻ واقعي بہ بي مثال لاجواب امراڻي جا وڏي دل رکندڙ امر انسان آهن. جي عمرڪوٽ مان سياسي حوالي سان سيد مظفر حسين شاھ ۽ سماجي حوالي سان ڊاڪٽر هرچند راءِ لڪاڻي جو نالو ڪڍيو وڃي تہ باقي ڪجھ نہ رهندو، بابا مرحوم ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جڏهن سيشن جج اڳوڻي ٿر پارڪر ضلعي جا هئا تہ مون کي اڪثر ڪچهرين ۾ چوندا هئا تہ سنڌ جي اصل ثقافت جا رنگ ٿر ۾ سمايل آهن، جيڪا ڳالھ اڄ سمجهي چڪو آهيان. ڊاڪٽر هرچند راءِ لڪاڻي تي سندن جيون ۾ ڪجھ لکڻ جي تمنا هئي، سا اڄ پوري ٿي آهي ۽ آئون دعاگو آهيان تہ شل الله پاڪ ٿر جي هن لاڏلي مهان ماڻهو ۽ ميسحائي انسان کي اڃا بہ وڏو جيون عطا فرمائي ۽ ايئن ئي هن جي دم سان ٿر ۽ امراڻي جون رونقون تاحيات قائم دائم ۽ زنده رهن.

---

عوامي آواز، عبرت، سڪار، هلال پاڪستان، خبرون، سنڌو ڊائجسٽ ,هلچل، سوڀ

# ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

## انسان جي روپ ۾ فرشتو

”نادر بابا! ڳُل نہ پٽ“ اهي جملا هئا، سنڌ جي مهان اديب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جا، جيڪي هن مون کي ننڍپڻ ۾ چيا. جڏهن هو اسان وٽ 1972ع ۾ سکر ۾ ايندو هيو. جتي منهنجو والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو سيشن جج سکر هيو. انهيءَ وقت ڊاڪٽر صاحب وري اسلاميہ ڪاليج سکر ۾ پروفيسر هئو. ڊاڪٽر صاحب بہ لاڙڪاڻي جو هئو تہ منهنجو والد بہ لاڙڪاڻي جو هئو. تنهن ڪري هو اڪثر اچي منهنجي والد وٽ ڪچهري ڪندو هو. انهي ڪچهري ۾ سکر جا اديب بہ اڪثر شرڪت ڪندا هئا. جن ۾ شيخ اياز، فتاح ملڪ، رشيد ڀٽي، برڪت آزاد، رڪن الدين قاسمي ۽ فتح الله عثماني وغيره. انهي کان پوءِ سکر کان والد جي بدلي ٿيڻ ڪري ڊاڪٽر صاحب سان ملاقاتن جو سلسلو ٽٽو، جيڪو وري 1986ع ۾ ڳنڍيو. جڏهن بابا سائين جي وفات تي اسان بہ ٿانيڪا ٿي اچي پنهنجي اباڻي ڳوٺ لاڙڪاڻي ۾ رهائش اختيار ڪئي.

ڊاڪٽر صاحب جي منهنجي والد سان ڏاڍي محبت هئي. حالانڪ ڊاڪٽر صاحب جو لاڙو مذهب طرف هئو تہ وري بابا سائين آزاد خيال هئو. پر ڊاڪٽر صاحب سندس سان دوستي آخري وقت تائين نڀائي.

ڊاڪٽر صاحب سان منهنجيون تڪڙيون تڪڙيون ملاقاتون اڪثر انيس انصاري وٽ ٿينديون هيون. ڊاڪٽر صاحب مون کي زندگي جي لاهن چاڙهن بابت اڪثر پنهنجا تجربا ٻڌائيندو رهندو هئو. ڊاڪٽر صاحب کي مون انسان جي روپ ۾ فرشتو ڄاتو. هر گناهہ کان دور، بي ضرر انسان، منهن تي مٺيا، اکين ۾ حياءُ ۽ شرم، سندس چهرو هميشہ گلاب جي گل جيان ٽڙندو هيو. وڏڙن لاءِ عزت ۽ ننڍن لاءِ هميشہ پيار هيس.

1991ع ۾ مون جڏهن بي اي پاس ڪئي تہ اهو ڊاڪٽر صاحب ئي هيو، جنهن مون کي چيو تہ نادر ايم اي ضرور ڪجانءِ. مون ڪيس چيو تہ هاڻي مون کان محنت ڪرڻ ڪونہ ٿي پڄي، هاڻي ڪوشش ڪري نوڪري وٺبي. ڊاڪٽر صاحب مون کي آماده ڪيو تہ ايم اي ضرور ڪرڻي اٿئي، مان تنهنجي هر لحاظ کان رهنمائي ڪندس. مون ننڍي جي حيثيت ۾ حڪم جي بجا آوري ڪئي، اهو ڊاڪٽر صاحب ئي هئو جنهن مون کي پنهنجا ڪتاب وغيره ڏنا ۽ منهنجي اخلاقي مدد ڪئي.

ڊاڪٽر صاحب منهنجي والد مرحوم سان دوستي نڀائيندي سندس زندگي تي هڪ تفصيلي مضمون لکي سنڌ جي سڀني اخبارن ۾ شايع ڪرايو، جيڪو هڪ يادگار تاريخي مضمون آهي. انهي کان علاوه ڊاڪٽر صاحب ئي شوق سان بابا سائين جي حوالي سان تاج محمد ابڙو يادگار ڪميٽي جو بنياد وڌو، جنهن ۾ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، اياز قادري، انيس انصاري، امان شيخ، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر،

هدايت الله منگي ۽ ڊاڪٽر صاحب پاڻ انهي يادگار ڪميٽي جا ميمبر هئا. جڏهن به يادگار ڪميٽي جي ميٽنگ ٿيندي هئي ته ڊاڪٽر صاحب انهي ۾ ضرور شرڪت ڪندو هيو.

ڊاڪٽر صاحب جو ادب سان بي پناھ چاھ هئو. جڏهن به سندس اوطاق تي وڃبو هئو ته ڪتابن جي دنيا ۾ مگن هوندو هئو. سندس ادب سان چاھ سبب ئي هن سنڌ کي ڪافي تحقيقي ڪتاب لکي ڏنا، جيڪي سنڌي ادب ۾ هڪ اهم اضافو آهن. انهيءَ مڃتا ۾ صدر پاڪستان ڪيس ايوارڊ سان به نوازيو هئو.

ڊاڪٽر صاحب جي انتهائي حساس طبيعت هوندي هئي. مون کي ياد ڪو نه ٿو اچي ته مون ڪيس ڪو ڪاوڙ ۾ ڏٺو هجي. هميشه برف جيان ٿڌو، ڳالهائيندو ته اهڙو فهميدو جو محفل ويهي خاموشيءَ سان ٻڌندي هئس. گهٽ ڳالهائڻو، لهجو بنھ نرم، سندس زبان تي هميشه الله رسول جون ڳالهيون، انسانيت سان پيار، سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن سان محبت انتها درجي جي هئس.

مون وٽ هڪ ڪتابي سيريز هئي جا روس ڪان پاڪستان ۾ تمام ٿورين اهم شخصيتن کي ڏني وئي هئي جيڪا 48 جلدن تي مشتمل هئي. انهي متعلق چيائين ته نادر پٽ تنهنجو بابا اسان جو پائرن جهڙو پيارو دوست هئو ۽ مون کي ڏاڍو پيارو هئو. اسان سندس سان ڪڏهن به مذهبي ڇيڙ ڇاڙ ڪو نه ڪئي. هو مذهبي ڪٽرپڻي ڪان بلڪل پاڪ هئو. انهي جو انسان ذات سان ايڏو ته پيار هئو جو مان اهڙا انسان پنهنجي زندگي ۾ تمام ئي گهٽ ڏٺا آهن. مون کي الله پاڪ جي ذات ۾ پوري اميد آهي ته هو جنت ۾ هوندو. پر توکي مان اهائي صلاح ڏيندس ته تون اها سيريز تحفي ۾ پنهنجي والد جي دوست ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي کي ڏئي ڇڏ ته بهتر آهي. ڇو جو اهي ڪتاب تنهنجي عمر ڪان وزن ۾ مٿانهان آهن. مون سندس ڳالھ کي اڳتي ڪندي، اها سيريز جيڪا 48 جلدن تي مشتمل هئي، جيڪا پوري هڪ ڪار ۾ به ڪونه پئي ماپي، سا ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي کي تحفي ۾ ڏنم، انهي سان ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي به خوش ٿيو ته ڊاڪٽر صاحب به خوش ٿيو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جهڙا انسان سنڌي قوم جو عظيم سرمايو آهن، سندن ۾ سنڌ جون سڀئي روايتون، مهمان نوازي، محبت، پيار، پائپي، برادري موجود هيون، افسوس اهو آهي ته اهڙن ماڻهن جي سنڌ ۾ تيزي سان کوٽ ٿيندي پئي وڃي، بزرگ شخصيتن جي جتي ۾ پير وجهڻ لاءِ نوجوان نسل ۾ شوق گهٽ ٿيندو پيو وڃي.

شال اسان جو ايندڙ نسل انهن بزرگن کي ياد رکي انهن جي نقش قدم تي هلي. ڇو جو اهي جهونا بزرگ ئي سنڌ جي روايتن جا امين هئا.

خبرون، عوامي آواز، تعمير سنڌ، مهراڻ، سوڀ، عبرت، سنڌ، هلال پاڪستان، سنڌو، هلچل، سڪار

# ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر

## منهنجو استاد

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر سان منهنجي هلڪي ڦلڪي واقفيت 1988ع ۾ ئي ٿي وئي هئي، جڏهن مون ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ يارهين جماعت ۾ داخلا ورتي هئي، ان وقت ڊاڪٽر سوڍر پروفيسر جي حيثيت ۾ ڪاليج ۾ ڪم پئي ڪيو. ڊاڪٽر صاحب جو ليڪچر ڏيڻ جو انداز تقريبن سڀني پروفيسرن کان منفرد ۽ مختلف هئو، هو ليڪچر اهڙي نموني تہ ڏيندو هو جو انهي ليڪچر جو اکر بہ اکر اڄ ڏينهن تائين ياد آهي. ليڪچر دوران هو شاگردن سان استاد ۽ شاگرد وارو نہ بلڪ دوستن وارو رويو رکندڙ هو، سندس آواز ڇتو ۽ روب تاب وارو هوندو هو. اسان شاگردن سان هو رليل مليل هوندو هئو. ڪلندي ڪلندي سندس پيرڊ پورو ٿيندو هو، ڪوبہ ڪلاس ۾ شاگرد اهڙو ڪونہ هوندو هوجيڪو سندس ليڪچر مان بيزار ٿئي بلڪ شوق سان ويهي ٻڌبو هو. هو اسان شاگردن کي نہ فقط تدريسي تعليم ڏيندو هو بلڪ اخلاقيات تي بہ گهڻو ڪجهہ زندگي گذارڻ تي سمجهائيندو هو، اسان ڪجهہ شاگرد هئاسون جيڪي پابندي سان روزانہ ڪاليج ايندا هئاسون. ڊاڪٽر سوڍر سان منهنجي ڪچهري تقريبن روز ٿيندي هئي. هن جي ڪاليج ۾ رڳو استاد جي حيثيت ۾ پهچان ڪونہ هئي. بلڪ هو هڪ سنڌ جو محقق ۽ تاريخدان جي حيثيت ۾ پڻ مشهور هيو. تمام ٿورن استادن ۾ اها ڏات قدرت طرفان مليل هوندي آهي تہ انهن سان ڪاليج جا شاگرد رلي ملي وڃن. ڊاڪٽر شاهنواز واقعي بہ انهن استادن منجهان هئو، جنهن جا اسان شاگردن سان دوستانہ تعلقات هئا. هن ۾ اها وڏي خوبي هئي، تہ هو ننڍن لاءِ پيار ۽ وڏن لاءِ عزت رکندڙ هئو، هن ۾ اخلاق جا تہ انبار هئا. اخلاق ڪوئي ڊاڪٽر سوڍر کان سکي. اسان جي معاشري ۾ ڪاليج ڪلچر کان ڪير واقف نہ آهي. جتي نوجوان گرم خون هجڻ ڪري اڪثر اختلافي ٽولن ۾ ورهائجو وڃن ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ اختلاف ڇوٽ ڇڙهڻ ڪري هڪ ڇت هيٺ پڙهندڙ شاگرد بہ پاڻ ۾ مرڻ مارائڻ جي حد تائين پهچيو وڃن. اهڙن موقعن تي ئي دانشمند ۽ صابرين استاد جي مداخلت جي شدت سان ضرورت محسوس ٿيندي آهي. مون ڪافي اهڙن موقعن تي ڏٺو تہ ٻن مخالف شاگرد ڌرين ۾ ڊاڪٽر سوڍر وچ ۾ پئي جاني ۽ مالي نقصان کان شاگردن کي بچايو.

1993ع ۾ مون جڏهن وڪالت شروع ڪئي تہ ڊاڪٽر سوڍر مون کي ڪاري ڪوٽ ۾ ٺائي ۾ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ مهرباني ڪري هاڻي پنهنجي الڳ وڪالت جي آفيس کولي ۽ پنهنجي والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو وانگر غريب ۽ مسڪينن ماڻهن جي دل سان مدد ڪر. مون سندس چوڻ تي

پنهنجي استاد ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي جي اجازت سان آفيس کولي، منهنجي آفيس (چيمبر) جو افتتاح ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، هدايت منگي، انيس انصاري، ڊاڪٽر اياز قادري، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پاڻ ڊاڪٽر سوڍر ۽ ڪجھ ٻين وڪيل دوستن ڪيو. بعد ۾ مان جڏهن وري اينٽي ڪرپشن ۾ سرڪل آفيسر ٿيس تہ ڊاڪٽر سوڍر مون کي چيو تہ نادر تون ادبي گهراڻي جو فرد آهين، هاڻي جي اگر تون پوليس کاتي ۾ ويو آهين تہ مهرباني ڪري قلم نہ ڇڏجانءِ، پنهنجي خانداني ادبي روايت آڏو پوليس کاتو رڪاوٽ نہ بڻائجانءِ. مون ڊاڪٽر صاحب جي چوڻ تي عمل ڪيو ۽ لکڻ جاري رکيو. جڏهن بہ منهنجا مضمون وغيره اخبارن ۾ ايندا هئا تہ ڊاڪٽر صاحب ڏاڍو خوش ٿيندو هو، ڊاڪٽر سوڍر مون کي چيو تہ نادر تون سروس ڪري تعليم کي نہ ڇڏ، بلڪ هڪ ايم اي پي بہ ڪر! مون اڳ ايم اي پوليٽيڪل سائنس ۾ ڪئي هئي، پر ڊاڪٽر صاحب جي اسرار تي مون پي ايم اي انٽر نيشنل رليشنس ۾ بہ ڪئي.

ڊاڪٽر سوڍر بنيادي طور هڪ ڪهاڻيڪار هئو، شروع ۾ هن ڪجھ ڪهاڻيون لکيون تنهن کري ئي هن ٽي وي لاءِ ڊراما 'نصيب' ۽ 'ڏاڏاڻي ڏيھ لکيا، جيڪي انهي دؤر ۾ پي ٽي وي تان پيش ٿيا. لطيف سرڪار جو هو شروع کان ئي شيدائي هو. اهو ئي سبب هئو جو هن پي ايڇ ڊي جي ٿيسز لاءِ بہ سنڌي ثقافت ۽ شاھ عبداللطيف جي موضوع تي مقالو لکيو ۽ 1988ع ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪيائين. انهي ٿيسز کي سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي 1991ع ۾ ڇپايو. ڊاڪٽر سوڍر لطيف سرڪار جو پڪو شيدائي هجڻ ڪري هن شاھ صاحب تي ڪافي مضمون لکيا ۽ تحقيق ڪئي. نہ فقط شاھ عبداللطيف ڀٽائي پر هو سچل سرمست سان بہ وڏي عقيدت رکندڙ هو. هن سچل سائين تي بہ ڪافي تحقيقي جاکوڙ ڪئي. هر سال سچل سائين ۽ لطيف سرڪار جي ميلن تي هو ادبي ڪانفرنس ۾ ضرور شرڪت ڪندو هو. سنڌ جي ماڳ مڪانن سان پڻ هن جي خاص دلچسپي هئي، اهو ئي سبب آهي جو هو ڪافي دفعا ٿر جي ياترا ڪري آيو ۽ ٿر تي ڪافي معلومات حاصل هجڻ ڪري هن مضمون لکيا ۽ تحقيق ڪئي. ڊاڪٽر سوڍر جهڙا استاد ۽ اديب سنڌ جو عظيم سرمايو آهن ۽ اسان نوجوان نسل لاءِ مشعل راھ آهن. سندس بي وقتي موت سنڌ کان هڪ عظيم استاد ۽ هڪ مهان محقق کسي ورتو آهي. ڪاش هن موت تي شل موت اچي جو اهڙن عظيم ڌرتيءَ جي سپوتن کي ايڏو جلد جدا ٿو ڪري.

---

عوامي آواز، هلال پاڪستان، مهراڻ، سنڌو، عبرت، سچ

# ڊاڪٽر تنوير عباسي

## ڪوڪو ماٺهو موتي داٽو

ڊاڪٽر تنوير عباسي سان منهنجو تعلق منهنجي ڄمڻ کان اڳ جو هئو، تنوير عباسي منهنجي والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو انتهائي پيارو ۽ پراڻو دوست هو، 1978ع ۾ جڏهن بابا سائين ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج خيرپور ميرس ٿيو ته ڊاڪٽر تنوير عباسي سڪ ۽ محبت منجهان تقريبن هر روز بابا سائين سان ڪچهري ڪرڻ ايندو هو. هو خيرپور ۾ اسان جو فيملي ڊاڪٽر به هو، ڇڻ گهر جو ڀاتي به هو. مون ننڍپڻ کان وٺي ڊاڪٽر صاحب کي هميشه کلندي ملندي ڏٺو جڏهن به ملوس پيو مسڪرائيندو هو.

مون کي چڱي طرح ياد آهي اهو ڏينهن جڏهن ڪيس تمام گهٽي خوشي ۾ ڏٺو هيم، اهو موقعو هو سندس پٽ سرمد جو آمريڪا وڃڻ جو اجازت نامو خيرپور پاڪستان پهچڻ. مون هن ۾ هڪ خاص ڳالهه ڏٺي، سا هئي سندس طبيعت ۾ حساسيت جيڪا هڪ شاعر ۾ هجڻ به کپي، ڊاڪٽر صاحب انتهائي محبت مان غريب ۽ مسڪين ماڻهن کي تپاسيندو هو. ڪڏهن به مريض کان في وغيره جي لالچ نه ڪيائين هو فرشتو صفت انسان هو.

مان بي اي کان وٺي ڊبل ايم اي ۽ ايل ايل بي تائين لطيف يونيورسٽي مان پڙهيس جيڪڏهن ڪڏهن به مون کي ڪو يونيورسٽي مان سرٽيفڪيٽ کپندو هو ته هو فقط منهنجي لاڙڪاڻي مان فون ڪرڻ تي ڪيڊرائي پوسٽ ذريعي موڪلي ڏيندو هو.

هن نفسانفسي واري دؤر ۾ تمام ٿورا انسان وڃي بچيا آهن، جيڪي پنهنجن دوستن سان نڀائين. مگر ڊاڪٽر تنوير ته اهو انسان هو جيڪو پنهنجي دوست جي وفات کان پوءِ به اسان سان نڀائيندو آيو. ڊاڪٽر صاحب کي مون ڪڏهن به ڪاوڙ ۾ ڪونه ڏٺو، 1980ع ۾ جڏهن بابا سائين ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ٺٽو ٿيو ته ڊاڪٽر صاحب ٺٽي ضلعي جا قديم آثار ڏسڻ لاءِ اسان وٽ پنهنجي گهر واري ۽ پنهنجي فرزند سرمد سان گڏ آيو. ڪچهري ۾ ڊاڪٽر صاحب چيس ته بابا گرم چانهه مٿان ٿڌو پاڻي نه پي پر سرمد ضد ڪري مٿان ٿڌو پاڻي پيئڻ لڳو. انهيءَ ڳالهه تي بابا سائين کي به ڪاوڙ لڳي ته پيءُ جي ڳالهه پٽ آخر ڇو ڪونه ٿو مڃي. پر ڊاڪٽر صاحب ٿڏائي مان انهيءَ ڳالهه کي هضم ڪري ويو ۽ مسڪرائيندو رهيو. ڊاڪٽر صاحب کي مون پنهنجي ڪار تي وٺي وڃي قديم آثار ڏيکاريا، گهمي جڏهن بس ڪيو سون ته ڊاڪٽر صاحب بار بار مهرباني مهرباني چئي رهيو هو.

بابا سائين جي وفات تي ڊاڪٽر صاحب منهنجي والد صاحب سان دوستي نڀائيندي سندس ياد ۾ هڪ مضمون لکي سنڌ جي تقريبن سڀني اخبارن ۾ شايع ڪرايو. هڪڙي دفعي منهنجو يونيورسٽي وڃڻ ٿيو ته اتي حميد سنڌي سان ڪافي اديب موجود هئا، جن ۾ ادل سومرو، اياز گل ۽ غلام رباني آگرو به موجود هئا. جيئن ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب مونکي ڏٺو ته وڏي محبت ۽ پاپوهه منجهان مليو. سڀني سان منهنجو تعارف ڪرايائين، زوري منجهند رهائي پاڻ سان گڏ ماني پڻ کارايائين. سنڌي اخبارن ۾ جڏهن ڊاڪٽر تنوير عباسي جي اسلام آباد وڃڻ جون خبرون پڙهيم ته ڪيس خط لکيم ته پن ٽن ڏينهن کان مسلسل اوهان جي خيرپور ڇڏڻ جا بيان وغيره اچي رهيا آهن ته "خيرپور ميرس ڇڏي رهيا آهيون. مري ته ڪو نه رهيو آهيان" توهان جي زبان مان ته شايد آساني سان نڪري آيا هوندا پر توهان جي چاهيندڙن تي يقين ڪيو پهاڙ وانگر ڪريا هوندا. شاعر رڳو پنهنجي اولاد جي ملڪيت ڪونه هوندا آهن. اهي ته عوام جو اثاثو هوندا آهن، هاڻي خيرپور ميرس اپاڻڪو محسوس ٿيندو ڇو جو هاڻ تنوير عباسي خيرپور ميرس جي پهچان ۽ خيرپور ميرس تنوير عباسي جي پهچان ڪونه هوندو.

منهنجي انهيءَ خط جي جواب ۾ پاڻ به خط لکيائين ته پيارا ايترو مايوس نه ٿيو آخر مون کي به اولاد جو سهارو گهرجي. جنهن لاءِ 11 سال سکيو آهيان. اوهان ۽ سنڌ سان ساڳيو لاڳاپو رهندو. سنڌ لاءِ ته ڪم هر هنڌ ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪندو به رهندس.

سندس انهي خط پهچڻ کان پوءِ جڻ ڊاڪٽر صاحب جي مجبوري سمجهي اسان قبول ڪيو ته هو پلي پنهنجي اولاد سان اسلام آباد رهي. جيڪڏهن هو فقط اسلام آباد وڃي رهي ها ته، اهو ته ڪٺي سنڌي برداشت ڪري وڃن ها پر هي هميشه واري جدائي برداشت ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ٿي پئي آهي. سندس تازي گلاب جيان هميشه ڪلنڌڙ ٽڙندڙ چهرو اکين آڏو ڦري رهيو آهي.

هو سنڌ جو شاعر ته هو ئي پر هو سنڌ جو مهان ۽ منفرد ڊاڪٽر به هو. جنهن مرڻ کان پوءِ به ڪنهن بيمار کي ڊاڪٽر ۽ مريضن وارو رشتو تاريخ ۾ امر ڪندي ساهه نڪرڻ کان پوءِ به اکيون دان طور ڏيندي نڀايو. سندس وصيت هئي، ته شاگرد ۽ ڊاڪٽر پلي منهنجي مرڻ کان پوءِ منهنجي جسم تي تجربا ڪن ته جيئن انهن تجربن جي آڌار تي مريضن جا مرض ۽ تڪليفون دور ٿين. اهي ڳالهيون ۽ عملي ڪم ڪنهن مسيحا کان گهٽ ڪونه آهن. منهنجا هي ڪجهه جملا ڊاڪٽر تنوير عباسي جي جبل جيڏي وڏي شخصيت آڏو ڪجهه به ناهن پر اڄ هو ايترو ياد اچي رهيو آهي جو لکڻ کان به رهي نه ٿو سگهان.

---

خبرون، جاڳو، برسات، تعمير سنڌ، عبرت، مهراڻ، سنڌ، هلال پاڪستان، سوڀ، مقدمو، سچ، سڪار سنڌو، فيصلو ،

عوامي آواز

# رزاق مهر

## هڪ سچ جيڪو الهي ويو!

1987ع ڌاري مون ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ داخلا ورتي، خبر پئي ته پاڪستان ٽيلي ويزن تي مشهور ڊرامه لکندڙ رزاق مهر هتي ليڪچرار آهي. وڏي شوق سان وجي ساڻس مليس. طبيعتن مانيٽو ماڻهو، صبر تحمل وارو ٿڌي زبان استعمال ڪندڙ، ڪچهري ۾ رڳو ادب تي پئي ڳالهايائين. ويئس ته اٺڻ تي دل ئي ڪو نه پئي چيو. سندس منڙي ڪچهري پيرن ۾ جڻ زنجير وجهي ڇڏيا. اهڙيون ڪچهريون ساڻس ڪاليج ۾ تعليم دوران ٿينديون رهيون. آخرڪار مون به تعليم مڪمل ڪري لاڙڪاڻي ۾ ئي وڪالت شروع ڪئي ۽ پوءِ جلد ئي وري اينٽي ڪرپشن ۾ سرڪل آفيسر ٿي ويس. هڪ دفعي مون وٽ رات جو رزاق مهر اچي پهتو ۽ چيائين ته ادا اسٽيٽ لائيف انشورنس ۾ ڪم ڪري رهيو آهيان. اوهان جيئن ته سرڪل آفيسر آهيو ۽ اوهان جا لاڙڪاڻي ۾ ذاتي واسطا تمام گهڻا وسيع آهن، تنهن ڪري مهرباني ڪري پنهنجن دوستن يارن کي چوندا ته مون کي پاليسيون ڏين. انهي سلسلي ۾ مون ڪيس ڪجهه دوستن ڏانهن موڪليو، جن سندس مدد ڪئي. مطلب ته رزاق مهر ڏينهن رات پنهنجي حلال جي روزي ڪمائڻ ۾ رڌل رهيو. رزاق مهر سنڌ جي سياسي، سماجي، ادبي ۽ تاريخي شهر لاڙڪاڻي ۾ 20 جولاءِ 1954ع تي مراد واهڻ محلي ۾ ڄائو. رزاق مهر ڪنهن جاگيردار سرمائيدار گهراڻي جو ڪو نه هو پر غريب گهراڻي سان تعلق رکندڙ هو. پنجن سالن جي عمر ۾ سندس والد فوت ٿيو، جنهن بعد سندس چاچا سندس مٿان شفقت جو هٿ رکندا آيا. پنهنجي محنت ۽ شوق ڪري ئي هو ليڪچرار ٿيو. هن ننڍپڻ ۾ ڏاڍا ڏکيا ڏينهن به ڏٺا، انهي ڪري هن هڪ دفعي ننڍپڻ ۾ خودڪشي جي ڪوشش به ڪئي پر وڏڙن جي سمجهائڻ تي هن زندگي سان وري پيار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ زندگي ۾ محنت ڪيائين ۽ پنهنجي محنت جي زور تي ئي هن شخص ننڍي عمر ۾ ئي وڏي شهرت حاصل ڪري ورتي. سندس ادب سان بيحد پيار هو. هن پهرين ڪهاڻي 1974ع ڌاري لکي. رزاق مهر کي پنهنجي ڌرتي جي غريب پيڙهيل طبقي سان وڏي محبت هئي. اهو ئي سبب هو جو هن پنهنجي ڪهاڻي ۾ سنڌ ۽ سنڌين سان ٿيندڙ ناانصافين کي پيش ڪري هڪ تاريخي ڪم ڪيو. رزاق مهر پهرين ڪهاڻي ''ڪرشن هاٿي جي اڳيان'' لکي ۽ سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ''سڪون ڪٿي آهي'' 1983ع ۾ ڇپيو. هن کي ننڍپڻ ۾ ئي فلمن ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. تنهن شوق ئي هن کان اسٽيج لاءِ به ڪيترائي ڊراما لکرايا. ٽي وي لاءِ هن 1984ع کان ڊراما لکڻ شروع ڪيا. سندس لکيل ڊراما سيريل ''جياپو'' سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيو. سندس ٻي ڊراما سيريل ''وڇوٽيون'' بادل جمالي پيش ڪئي. ٽين ڊراما سيريل ''پاتال'' هئي ۽ چوٿين ڊراما سيريل ''نبيرو'' جيڪا پڻ مشهور ٿي. هن 50 جي لڳ ڀڳ ڪهاڻيون لکيون ۽ 35 جي لڳ ڀڳ آرٽ پلي لکيا. ''ڏسي ڏکوئين کي'' جي عنوان تحت ڪالم لکيا. سندس هڪ ناول ''ٽارچر ڪئمپ

مان نڪرندڙ دانهن" اڻ ڇپيل آهي. سنڌي ادبي بورڊ پاران ڪهاڻي "آڙاهه" ڪلچر ايسوسيئيشن پاران ڊرامي "جياپي" تي ايوارڊ ملي چڪا آهن. هن جا ٽي وي ڊراما "زندگي ڏانهن ڦيرو، ڇوٽڪارو، راهه جو پٿر" به تمام گهڻا مقبول ٿيا.

هن ئي سنڌ ۾ پهريون وڏيرن طرفان قائم ڪيل نجي جيلن کي وائکو ڪيو، جنهن کان پوءِ ئي ڪيترن ئي وڏيرن جا نجي جيل ظاهر ٿيا. سندس ڊرامو "فاصلو" ڪراچي سينٽر تان رڪارڊ ٿيو آهي. اردو ڊرامو سيريل "تاريڪ راهون کي مسافر" به رڪارڊ ٿيو آهي جيڪو پڻ جلد پيش ٿيندو.

رزاق مهر جي سنگت تمام گهڻن ماڻهن سان هئي. جڏهن رزاق مهر ايندو هو ته محمد علي پنهاڻ ساڻس ضرور گڏ هوندو هو. محمد علي پنهاڻ منهنجي والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي زندگي تي هڪ مضمون لکيو هو ۽ رزاق مهر کي به شوق هو ته اوهان جي والد تي مان به هڪ تفصيلي مضمون لکندس مگر حياتي وفا نه ڪيس ۽ هي سنڌ جو نوجوان اديب شاعر، ڊراما نويس ۽ يارن جو يار ايترو جلد اسان کان جدا ٿي ويو جو اهو وهم گمان ۾ به ڪو نه ٿو اچي. اڄ رزاق مهر اسان جي وچ ۾ ڪو نه رهيو آهي پر هن جي ادب ۽ ٽيليويزن تي ڪيل خدمت هميشه هن کي زنده رکندي ۽ هن جو سنڌ جي تاريخ ۾ هميشه نالو سنهري لفظن ۾ زنده رهندو.

"موت شل موت پوئي اهڙا پيارا ماڻهو سنڌ کان جلد کسيو ڇڏين."

---

**سچ، تعمير سنڌ، عبرت، هلال پاڪستان، مهراڻ، هلچل، عوامي آواز، سنڌ**

# رشيد ڀٽي

## سنڌ جو وساريل عظيم ڪردار

رشيد ڀٽي صاحب منهنجي والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو تمام ويجهو ۽ پيارو دوست هو. 1975ع ڌاران بابا سائين اسپيشل جج اينٽي ڪرپشن سکر ڊويزن ٿيو ته رشيد ڀٽي ۽ شيخ اياز ٻئي گڏجي اسان جي بنگلي تي آيا ۽ بابا سائين کي چيائون ته اسان تنهنجي سڄي فيملي جي دعوت ٿا ڪريون. بابا سائين پهرين رشيد ڀٽي ۽ پوءِ شيخ اياز جي دعوت قبولي رشيد ڀٽي ۽ شيخ اياز ٻئي سکر جا چوٽي جا وڪيل ۽ چوٽي جا اديب ۽ شاعر هئا مونکي منهنجي زندگي ۾ ننڍپڻ ۾ پهريان ادبي ٻارا ٽا ڪتاب رشيد ڀٽي ڏنا، جيڪي هن ٻارڻ لکيا هئا، انهي وقت مان ٻار هئس شايد اڄ مان ڪجهه به لکي نه سگهان ها اگر رشيد ڀٽي مون کي اهي ڪتاب نه ڏي ها. اهڙي طرح مون ادبي ڪتاب پڙهڻ جي شروعات ڪئي. رشيد ڀٽي حالانڪه آزاد خيال ماڻهو هو پر پنهنجي اولاد کي اهڙي ڪڏهن به تربيت ڪونه ڏنائين، سندس گهر جي بلڪل ئي لڳ مسجد هئي، جتي سندس اولاد نماز وغيره پڙهندي هئي.

سکر ۾ جڏهن به مان ۽ منهنجو والد ويندا هئاسون ته هميشه رشيد ڀٽي وٽ اسان لاءِ ماني تيار ملندي هئي، رشيد ڀٽي درياءِ دل انسان هو، هميشه کلڻو ملڻو جڏهن ملبو هئس، پيو ٺهڪ ڏيندو دوست کي ڏسي خوش ٿيندو هو. هن جي بابا سائين سان پراڻي ياري هئي. ياد اٿم مون کي 10 مارچ 1986ع تي بابا سائين جي وفات تي چاچا جمال ابڙو تڏهن چيئرمين اينٽي ڪرپشن سنڌ هو. تنهن سنڌ جي سڀني اديبن شاعرن، ليکڪن، جڄن ۽ سياستدانن ڏانهن فونون ڪري چڏيون ته تاج محمد ابڙو وفات ڪري ويو. سندس جنازه نماز ۾ شرڪت لاءِ لاڙڪاڻي وڃو. رشيد ڀٽي کي اهڙو اطلاع دير سان مليو سو بابا سائين جي دفنائڻ ڪان ٻن ڪلاڪن کان پوءِ لاڙڪاڻي اچي پهتو جڏهن خبر پيس ته ڪيس کي دفنائي ڇڏيوسين، ته تڏي تي ويٺل رشيد ڀٽي روئي ويٺو ۽ چيائين ته اسان جو دوست اڄ اسان جي وچ ۾ ڪونه آهي، مون سان ته وڏو ظلم ڪيو جو هن جو آخري ديدار به ڪرڻ ڪونه ڏنو، رشيد ڀٽي اديب ته پنهنجي جاءِ تي تمام وڏو هو پر هو اديب کان وڏو سنڌ جو خادم هو، جواني کان ئي ون‍ي جا به تحريڪ سنڌ جي جياپي لاءِ شروع ٿي تنهن ۾ رشيد ڀٽي اڳيان اڳيان رهيو. پنٽي پير ڪرڻ واري هن کي ابي امان ستي ئي ڪونه ڏني هئي. ڳالهه ڪرڻ جو ٻنهه ڪرو، جا ڳالهه دل ۾ هوندس سا چئي ڏيندڙ. دل ۾ منافقن وانگر ڪونه رکندو هو. اهڙا ماڻهو هاڻي ڪٿي آهن،سندس ها ته معنيٰ ها نه ته معنيٰ نه.

مونکي ۽ منهنجي ننڍي ڀاءُ حيدر علي کي بابا سائين سکر ۾ انگلش ميڊم اسڪول ۾ داخل ڀئي ڪيو پر رشيد ڀٽي انهيءَ جي سختي سان مخالفت ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ اسان ٻئي ڀائر سنڌي ميڊيم اسڪول ۾ پڙهياسين. رشيد ڀٽي جو چوڻ هو ته ٻار پرائمري تعليم پنهنجي ٻولي ۾ پڙهي پوءِ ڀلي انگريزي ۾ پڙهي ته پڙهي. اڄ منهنجو ڀاءُ حيدر علي حيدرآباد ۾ وڪيل آهي ۽ مان اينٽي ڪرپشن کاتي

۾ سرڪل آفيسر آهيان. اسان ٻئي ڀائر پنهنجي فيلڊ ۾ ڪامياب آهيون. رشيد ڀٽي جا پاڪستان جي سڀني سياستدانن ليڊرن توڙي اديبن سان وڏا واسطا هئا پر ڪاڀي ڏر سان هن جا خاص واسطا هئا پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ سنڌ جي اهڙي عظيم سپوت کي اڄ اسان جي سنڌ بنھ وساري ڇڏيو آهي. نہ تہ ڪو اخبار ۾ ئي سندس جي زندگي تي مضمون ٿو اچي نہ ئي وري ڪا سندس ورسي وغيره ملهائي ٿي وڃي، آخر اسان ڪيڏانهن پيا وڃون؟ پنهنجن هيرن ۽ محسنن کي ايئن پيا وساري ڇڏيون جڻ اهي هن ڌرتي تي ڄاوا ئي ڪونہ هئا جڻ انهن هن ڌرتي تي قوم جي ڪا خدمت ڪئي ئي ڪونہ هئي. آخر اسان ايڏا بي حس ڇو ٿي ويا آهيون؟! ان جي سنڌي قوم جي روايت تہ جيئرن سان جهيڙو مئلن تي ميلو رهي آهي پر رشيد ڀٽي سان تہ اها بہ روايت الائي ڇو ڪونہ ٿي لڳي هاڻي ڪم هي ڪرڻو آهي تہ خصوصن سکر جي اديبن اياز گل ۽ ادل سومرو کي کپي تہ رشيد ڀٽي جي يادگار ڪميٽي ٺاهين ۽ رشيد ڀٽي صاحب جون هر سال ورسيون ملهائن. سندس جي زندگي کي نوجوان ٿهي کي روشناس ڪرائين جيئن نئين ٿهي جي رهنمائي ٿي سگهي، نہ تہ اسان جي نوجوان ٿهي لاءِ ڪا راهہ نہ بچندي سواءِ سنڌ جون سرحدون ٽپي (وي سي آر، وي سي ڊي، ٽي وي، ڪيبل) ۽ ٻيون شيون ڏسي جن کي ڏسي ڌاري قوم جون روايتون اپنائڻ. مان انهن سڀني جي مخالفت ڪو نہ ٿو ڪريان ڇو جو هن سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي دؤر ۾ ٻين قومن سان ڪلهي ۾ ڪلهو ملائي هلجي پر اسان جون پراڻيون روايتون جيڪي سنڌ ۾ صدين کان هلنديون پيون اچن، تن کي بہ ڪونہ وسارجي. اگر اڄ اسان رشيد ڀٽي کي ياد ڪونہ ڪيو تہ رشيد ڀٽي مرحوم سان نا انصافي ٿيندي ۽ جهڙوڪ سنڌ سان نا انصافي ٿيندي ڇو جو رشيد ڀٽي سنڌ جي روايتن جو امين هو.

منهنجا ڪجھ جملا رشيد ڀٽي جي هماليہ جبل جيڏي وڏي شخصيت آڏو ڪجھ ڪين آهن پر پوءِ بہ هن جي ياد تہ تازي ڪن ٿا.

---

**سنڌ، مهراڻ، هلال پاڪستان، سنڌو، هلچل، عبرت، عوامي آواز، تعمير سنڌ**

# رحيم بخش سومرو

## سنڌ جو ناميارو سياستدان

1999ع ڌاران منهنجي پوسٽنگ پهريون دفعو بطور ايڊيشنل سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن شڪارپور ٿي. اتان جي سينيئر وڪيل عطا محمد سومرو جن سان جڏهن ڪچهري ڪرڻ ويس ته مون کي چيائين، هلو ته هلون رحيم بخش سومري سان ملاقات ڪرڻ. منهنجي چاچي رحيم بخش سومرو سان اها پهرين ملاقات هئي، عطا محمد سومري منهنجو چاچي رحيم بخش سومري سان تعارف ڪرائيندي چيو ته هي تاج محمد ابڙو جو فرزند آهي ۽ هتي پوسٽنگ ٿي اٿس. چاچو رحيم بخش سومرو انتهائي ضعيف هو ۽ ان ڏينهن ته اتفاق سان طبيعت به صحيح ڪونه هئس پر تنهن هوندي به وڏي محبت ۽ گرم جوشيءَ منجهان مون کي ڀاڪر پائي مليو ۽ چيائين ته تون ته منهنجو ڀائيٽيو آهين. تنهنجو بابا منهنجو پراڻو سنگتي هو. پهرين ملاقات ۾ ئي چاچي رحيم بخش مون کي پنهنجو ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ مان جيترا ڏينهن به شڪارپور ۾ رهيس چاچي رحيم بخش سان شام جو ڪچهري ڪرڻ سندس اوطاق تي ويندو هوس. هو ننڍين سان ننڍيو ۽ وڏن سان وڏو، مطلب ته هر عمر واري سان رلي ملي ويندو هو. قدرت واري هن کي محبت ۽ پيار واري زبان ڏني هئي، انهيءَ ڪري هر عمر، هر طبقي ۽ مختلف سوچن جا ماڻهو هن وٽ محبت ۾ ڇڪجي ايندا هئا. هو پراڻي دؤر جي سياست جي لاهن چاڙهن جي تاريخ اهڙي نموني ٻڌائيندو هو جو ڪيس ڇڏڻ تي دل ئي ڪانه چوندي هئي. پر مان جلدي ٿورن ڏينهن ۾ ئي شڪارپور کان بدلي ٿي لاڙڪاڻي هليو ويس ۽ اهو مختصر ملاقاتن وارو سلسلو به بند ٿي ويو، سنڌ صوبي تي نظر ڦيرائبي ته سياست جي حوالي سان ڪجهه خاندانن جون تمام گهڻيون ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ لاءِ خدمتون رهيون آهن. انهن منجهان ئي هڪ شڪارپور جو سومرو خاندان به آهي ۽ انهيءَ خاندان جو هڪ فرد رحيم بخش سومرو به آهي، جنهن کي سنڌ ۾ ننڍا توڙي وڏا چاچو رحيم بخش ڪري سڏين ٿا. چاچو رحيم بخش سومرو 1918ع ۾ ڄائو، علي ڳڙهه مان تعليم حاصل ڪيائين. سر غلام حسين هدايت الله جي وزارت دوران پهريون پيرو وزير بڻيو. جنهن بعد عبدالستار پيرزادي جي ڪابينا ۾ پڻ وزير ٿيو. گورنر يوسف هارون ۽ گورنر جنرل رحيم الدين جي دؤر ۾ پڻ وزير رهيو. اختر علي جي قاضي وزير اعليٰ سنڌ جي حڪومت ۾ پڻ وزير رهيو. چاچي رحيم بخش سومري سياست جي شروعات لوڪل بورڊ جيڪب آباد مان ڪئي. 1945ع ۾ شهيد الله بخش سومرو جي شهادت کان پوءِ مڪمل طرح سياست جو آغاز ڪيائين. رٽائرڊ ايئر مارشل اصغر خان جو ويجهو دوست هو. تنهن ڪري تحريڪ استقلال ۾ پڻ رهيو. اڪثر قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جون چونڊون آزاد اميدوار طور لڙيو. آخري اليڪشن وزيراعليٰ سنڌ ڄام صادق علي جي دؤر ۾ ٽنڊوباگو ضلعي بدين مان صوبائي اليڪشن ۾ حصو ورتو، مرحوم جيڪب آباد مان درياهه خان کوسو شڪارپور مان ميجر عطا محمد پٺاڻ سان پڻ اليڪشن ۾ مقابلو ڪيو. چاچو

رحيم بخش سومرو وفاقي وزير حفيظ شيخ ۽ سينيٽ جي چيئرمين محمد ميان سومرو جو مامو هو. جڏهن تہ اڳوٽي دفاعي وزير آفتاب شعبان ميراڻي جو سالو هو ۽ اڳوٽي قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر الاهي بخش سومرو، احمد ميان، افتخار احمد سومرو جو سئوٽ ۽ جنيد احمد سومرو جو وڏو چاچو هو. چاچو رحيم بخش سومرو سومرا برادري جو سردار پڻ هو. چاچي رحيم بخش جي تربيت جيئڻ تہ سياسي گهراڻي ۾ ٿيڻ ڪري هو غريب، مسڪين بي پهچ ۽ سنڌ جي پيرين اگهاڙي ماڻهن جي ويجهو رهيو. اهو ئي سبب آهي جو مسڪين طبقي جي آواز کي اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ سبب کيس ڪافي دفعا وزير ڪيو ويو. هن ۾ ڪنهن بہ قسم جي وڏائي يا غرور نہ هو ۽ هن کي خدا جي طرفان سياست جي ڏات مليل هئي. سنڌ ۾ سياسي جوڙ توڙ جي حوالي سان بہ هو مشهور رهيو. هو نہ فقط راڄوڻن فيصلن جو ماهر هو پر سومرو خاندان جي ننڍي وڏي مسئلي کي حل ڪرائڻ ۾ پڻ وڏي رهنمائي ڪئي. شال سندس اولاد بہ چاچي رحيم بخش جي ڏنل راهہ تي هلي پنهنجي امر والد جو سياسي ۽ سماجي حوالي سان نالو روشن رکندي اچي.

---

تعمير سنڌ، سڪار، سنڌو، هلال پاڪستان، عوامي آواز، مهراڻ، هلچل،

# راڻا چندر سنگهه

## سنڌ جو ڪلاسيڪل سياستدان

پهرين آگسٽ سياسي تاريخ جو اهم ڏينهن بڻجي ويو آهي جنهن ڏينهن تي امراڻو ڇايو سنڌ جي سياسي تاريخ جو راڻو، راڻو چندر سنگهه هميشه هميشه لاءِ وڇڙي ويو. سندن وڇوڙي واري خبر ملڪي سياسي تاريخ تي وڄ بڻجي ڪڙڪي، هڪ پل لاءِ سوڳ جا بادل ڇانئيل نظر آيا. سندن جنم ڀومي وارو شهر عمرڪوٽ ته سندن لاڏاڻي جي سوڳ ۾ ٻن ڏينهن تائين بند رهيو پر ٿر جا ڪيترائي شهر راڻا چندر سنگهه جي لاڏاڻي واري غم ۾ ٻڏل نظر آيا. هر طرف هڪ ڏک ڀي پسجڻ لاءِ مليو. صدر آصف علي زرداري، وزير اعظم يوسف رضا گيلاني، پير صاحب پاڳاري، مخدوم امين فهيم کان وٺندي سمورن سياسي اڳواڻن سندن لاڏاڻي تي غم جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته راڻو چندر سنگهه ملڪي سياسي تاريخي جو تمام وڏو نالو هو. سندن خال ڪڏهن به ڀُر نٿو ٿي سگهي. راڻي چندر سنگهه جي سياسي ڪهاڻي به عجيب نظر ٿي اچي، پاڻ هڪ مخصوص اسٽائل هجڻ سبب علائقي جي ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪندو رهيو. هي سنڌ جو اهو واحد ليڊر هو جنهن پنهنجي زندگي ۾ ڪڏهن به سياسي شڪست نه ڏٺي ۽ هر دفعي واري اسيمبلي ۾ پهتو. جڏهن آئون 2001ع سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن ۾ اسٽيبلشمينٽ عمرڪوٽ ۾ مقرر ٿيس ته مون کي منهنجو والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو ياد آيو. هو جڏهن به عمرڪوٽ جو ذڪر ڪرڻ ويهندو هو ته راڻا چندر سنگهه جو ذڪر ضرور ڪندو هو. سندن واسطا ويجهائي وارا رهيا هئا. تنهن جو سبب 1977ع ۾ بابا جو ميرپورخاص ضلعي جو سيشن جج هجڻ هو. جڏهن مان چارج سنڀالي ته مونکي چڪ ٿي ته راڻا چندر سنگهه سان ملان. انهي چڪ تي هڪ دوست ساڻ عمرڪوٽ لڳ راڻا جاگير ساڻن ملاقات لاءِ پهتس ته واٽ تي هن دوست چيو ته تون ننڍڙي عمر جو ۽ راڻا صاحب هيڏو وڏو ماڻهو ڪٿان توسان ڪچهري ڪري. بهرحال جيئن مان راڻا جاگير پهتس ته نوڪر کي هڪ پني تي پنهنجو نالو ولديت سميت لکي ڏنم، ته راڻا صاحب کي ڏي ته ڪجهه لمحن بعد حويلي مان سندن پاٽيجو اڳوڻو ايم پي اي راجوير سنگهه ٻاهر نڪتو، جنهن چيو ته راڻا صاحب تيار ٿي اچي رهيو آهي تيستائين اوهان سان ڪچهري لاءِ مون کي موڪليو اٿائين. ٿوري دير بعد راڻا صاحب جاهه و جلال سان منهنجي سامهون اچي رهيو هو. اهو منظر ائين پئي لڳو جڻ ڪو پراڻي زماني جو بادشاهه قدم کڻي اچي رهيو آهي ڪجهه لمحن لاءِ محسوس ڪيم ته شايد مان بادشاهي دؤر ۾ وڃي پهتو آهيان. ايڏي روب تاب منجهان ايندي ڏسي مون وري به ڪجهه لمحن لاءِ محسوس ڪيو ته شايد هي منهنجي ڪچهري واري سڪ لاهي سگهي. پر حيرت تڏهن ٿي جڏهن هن بادشاهه پنهي ٻانهن ۾ مونکي گرم جوشي سان ڀاڪر پائي پٺي تي

ٽپٽپي ڏني ۽ منهنجي پيشاني تي چمي ڏيندي چيو تہ ويھ چاچا. پھرئين ملاقات ۾ راڻا صاحب مون سان رلي ملي ويو ۽ سنڌس پاٽيجو راجوير سنگھہ ڪمري ڪان ٻاهر نڪري ويو. هو صوفي جي ڪاپي پاسي ڪان هو ۽ ساڄي پاسي ڪان مان ويٺو رهيس تہ راڻا صاحب مون کي پنھنجي پراڻن راڻن جي تصويرن ڏانھن متوجہ ڪندي چيو تہ اسين بہ راجپوت آهيون ۽ اوهان ابڙا بہ راجپوت آهيو، تون منهنجو مائٽ آهين. پوءِ پھرين ڪچھري وڏن بحثن تي مشتمل رهي، راڻو صاحب ڪيڏي مھل سياست، تاريخ، مذهب تي مختلف ٻولين انگريزي، سنڌي، اردو ، پارڪري، مارواڙي، ڍاٽڪي ڳالهائيندي ٿي رهيو. مون سان ڪچھري ڪندي شايد ڪيس هن لاءِ مزو پئي آيو جو مان سنڌن دوست ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جو پٽ هئس. موڪلاڻي واري سمي راڻا صاحب پيھر پاڪر پائي پيشاني تي چمي ڏئي ٻاهر اچي مون سان موڪلائي مون کي پنھنجو مريد بنائي ورتو. ٻاهر نڪرڻ تي دوست چيو راڻا صاحب اوهان ۾ آخر چا ڏٺو جو ٿھڪن جو سلسلو ختم ئي نٿي ٿيو. بھرحال اها ڪچھري راڻا چندر سنگھہ سان منھنجي يادگار ڪچھري هئي.

ڪجھہ وقت ڪان پوءِ پاڻ فون ڪري چيو هو تہ پيءُ وانگر مڙس ماڻھو آهين يا...... مون چيو چاچا آزمائي ڏسو ۽ حڪم ڪيو تہ راڻا صاحب موت ۾ چيو پھريون سرڪل آفيسر آهين، جنھن کي فون ڪيو اٿم. ڪيسرو ۽ ڪچرو پيل تو ڏانھن موڪليان ٿو انهن جو جائز ڪم ضرور ڪجان.

راڻو چندر سنگھہ پاڪستان جي پھرئين چونڊيل وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ويجھو ساٿي رهيو. سنڌس سياست جا گر پيچ سڄي نئدي ڪنڊ ۾ مشهور رهيا آهن. راڻا چندر سنگھہ سياست ۾ ڪڏهن بہ مصلحت پرستي ڪان ڪم نہ ورتو ۽ ڪڏهن بہ پين جي آڏو پاڻ کي سياسي طور هيٺو ۽ ڪمزور ٿيڻ نہ ڏنو. سنڌس مزاحمتي انداز پڻ مشهور رهيو. اڳوڻو نگران وزيراعظم غلام مصطفيٰ جتوئي، ممتاز ڀٽو، مخدوم طالب المولىٰ، وڏيرو شاهنواز جوڻيجو، بلخ شير مزاري، نواب اڪبر بگٽي ۽ ٻيا ڪيترائي سياستدان ويجھا دوست رهيس. جڏهن تہ حرن جو روحاني پيشوا پير صاحب پاڳارو، سروري جماعت جو روحاني پيشوا مخدوم امين فھيم، غوثيہ جماعت جو روحاني پيشوا مخدوم شاهہ محمد قريشي، پير نور محمد شاهہ جيلاني، سيد مظفر حسين شاهہ، ڊاڪٽر هرچند راءِ لڪاڻي، صوبائي وزير سيد علي مردان شاهہ، فقير جادم منگريو، ڪامريڊ مير محمد جوڻيجو ۽ ٻيا سياستدان بہ ويجھا ساٿي رهيس ۽ سنڌن تمام وڏي عزت ڪندا هئا. راڻو چندر سنگھہ 1977ع وارين عام چونڊن ۾ ننگر پارڪر واري تڪ تان صوبائي اسيمبلي جو ميمبر منتخب ٿيو. هن ضياءَ جي مارشلا دوران راڻا جاگير ۾ نظر بندي جا ڏينهن ڪاٽيا ۽ 88ع ۾ ان وقت شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي جمهوري تحريڪ ۾ شريڪ رهيو ۽ اقليتن واري مخصوص سيٽ تان سڄي پاڪستان مان سڀ کان وڌيڪ ووٽ کٽندڙ اقليتي اڳواڻ ثابت ٿيو ۽ ميمبر قومي اسيمبلي منتخب ٿيو. بعد ۾ راڻو چندر سنگھہ 90، 93 ۽ 97 جي چونڊن ۾ قومي اسيمبلي جو ميمبر منتخب ٿيو پر 97 ۾ پ پ پ سان اختلافن سبب نواز ليگ ۾ شموليت ڪئي ۽ نارڪو ٽيڪس جو وفاقي وزير بڻيو. هن پنھنجي پاڪستان هندو پارٽي بہ ناهي ۽ هن وسيلي سياسي سفر جاري رکيو.

ميرپورخاص ڊويزن مرحوم پير غلام رسول شاهه جيلاني ۽ سندس پٽ آفتاب حسين شاهه جيلاني، موجوده وفاقي وزير پير سيد قربان علي شاهه، مرحوم عبدالڪريم پلي، مرحوم ارباب امير حسن سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم ۽ ٻيا سياستدان سڻا دوست رهيس ۽ اڪثر سياستدانن سان گڏ سياست پڻ ڪئي.

راڻو چندر سنگهه هميشه گڏيل چونڊ سرشتي جي حمايت ۽ پارلياماني فورمن تي پاڪستان جي اقليتن جي حقن لاءِ خصوصي طور آواز اٿاريو ۽ اهم ڪردار ادا ڪيو. راڻا چندر سنگهه جو برطانوي طرز جي انگريزي ڳالهائڻ ۾ مهارت رکندڙ اهم سياستدانن ۾ شمار ٿيندو هو. سندس انگريزي ۾ ڪيل تقريرون پارليامينٽ هائوس جي رڪارڊ تي اڄ به موجود آهن. راڻا چندر سنگهه پنهنجي تعليم پرڏيهه ۾ پڻ حاصل ڪئي. سندس اسٽائلش انگلش ٻولي سبب ڪيس نو جوانن ۾ وڏي مڃتا ملي ۽ ڪيس اينگري پوليٽيشن طور خطاب پڻ مليو. هن پرڏيهي زبان ۾ سنڌ جي اقليتن جو ڪيس ڀرپور انداز سان رکيو ۽ ان ۾ ڪيترين ئي ڪاميابيون ماڻيون ۽ ڪيس انگريزي ادب ۾ وڏي ڄاڻ پڻ حاصل هئي. ڪانئن 85 سالن جي ڄمار تائين ڪو به نالي وارو صحافي انٽرويو ڪري نه سگهيو، ست نامور ليکڪن اها ڪوشش ڪئي هئي پر راڻي کي ريجهائي نه سگهيا. اهڙي صورتحال سبب هو پنهنجي ديهانت سان سياست جا ڪيترائي تاريخي حوالا پڻ پاڻ سان گڏ کڻي روانو ٿي ويو ۽ صحافي ڏسندي رهجي ويا. جيڪر سندن زندگي ۾ ڪو صحافي انٽرويو ڪري ها ته اهو يقينن تاريخي ثابت ٿئي ها.

راڻو چندر سنگهه ڀارت جي اڳوڻي وزيراعظم وي پي سنگهه جو سئوٽ پڻ هو، هن جو عالمي سياست ۾ هميشه اهم رول رهيو ۽ هن پاڪ ڀارت تعلقات بهتر بنائڻ لاءِ هميشه اهم ڪردار ادا ڪيو، هن کي پرڏيهي معاملن تي مهارت حاصل هئي.

راڻا چندر سنگهه جي ديهانت جي اطلاح تي علائقي جا ڪيترائي شهر بند ٿي ويا، هر زبان تي اهي ٻول ٻڌڻ آيا ته هاڻي ڀيو ڪو راڻو چندر سنگهه نه ٿي سگهندو. هن ڇئن پٽن جو اولاد ڇڏيو آهي. جن ۾ موٽي ڪنور همير سنگهه، جيڪو ضلع نائب ناظم عمرڪوٽ آهي، ٻيو پٽ ڪنجي عرف ڊاڪٽر پٽيپال سنگهه سميت چار پٽ ڇڏيا آهن. جڏهن ته سندن ڪي ڀائيٽي راجوير سنگهه سان به انتهائي جي محبت هئي.

---

فيصلو، عوامي فورم، سنڌو ڊائجسٽ، هلچل، مقدمو، سوڀ، هلال پاڪستان، سنڌ، سُڪار، تعمير سنڌ

# راڻو همير سنگهه

## ڏاٽ جو راڏُو

سنڌ جي وارياسي صحرا ۽ ٿر جي سنگم واري شهر عمرڪوٽ جي پنهنجي هڪ الڳ ئي سڃاڻپ رهي آهي. هن شهر سان منهنجو روحاني ۽ جسماني ناتو ان وقت جڙيو آهي، جڏهن آئون سرڪل آفيسر عمرڪوٽ ۾ مقرر ٿيس، جتي آمراڻي جي رهواسين جيڪي محبتون مون کي ارپيون، تن کي پلا آئون ڪيئن ٿو وساري سگهان ته اتي راڻا خاندان جي جيڪا مون کي محبت نصيب ٿي، پيار مليو تنهن کي به پلا ڪيئن ٿو فراموش ڪري سگهجي. عمرڪوٽ لڳ راڻا جاگير جتي جي ڇا ڳالهه ڪجي اتي ائين لڳندو آهي ته ڄڻ هتي ڪير ڪنهن کان رسي ئي نٿو. راڻي وڏي چندر سنگهه سان تمام گهڻي نيازمندي رهي ۽ گهڻيون ڪچهريون رهيون، سندن سان ڪيل ڪچهريون اڄ به مون لاءِ جيون دان بڻيل آهن. تن کي آئون پلا ڪيئن ٿو وساري سگهان. راڻا جاگير ۾ راجوير سنگهه سان جتي ڪچهري رهي ته اتي موجوده راڻي همير سنگهه سان به تمام ڊگهيون ۽ نه وسارڻ جهڙيون ڪچهريون رهيون آهن. راڻي چندر سنگهه جي لاڏاڻي بعد ڏاٽ جو 26هون راڻو ٿيڻ بعد راڻا همير سنگهه جي گذريل ڏينهن تاج پوشي ٿر جي ٻئي نمبر وڏي شهر مٺي ۾ ٿي آهي. هن موقعي تي ٿر ۾ چوطرف خاص ماحول ۽ خوشي آهي ۽ هر طرف راڻا همير سنگهه جا نعرا ٻڌڻ لاءِ ملن ٿا.

راڻا همير سنگهه جو ڪردار ۽ قد ٿر جي سياست ۾ تمام گهڻو مٿيرو آهي ته اتي سندن سياست جو طريقي ڪار ٻين سياستدانن کان تمام گهڻو مختلف رهيو آهي. پاڻ وزير رهڻ سان گڏ عمرڪوٽ ضلعي جا نائب ناظم به رهيا آهن ۽ تمام گهڻيون خدمتون عمرڪوٽ ۽ ٿر جي عوام لاءِ سرانجام ڏنيون آهن. جن جا چرچا گيت اڄ به ٿرواسي وڏي واڪي وڏي فخر سان جهونگاريندي ۽ ڳائيندي نظر ٿا اچن ۽ راڻي جي جاگير تي اڄ به غريب ماڻهن جا صبح ويلي ميلا متل هوندا آهن. جيڪي پنهنجا مسئلا راڻا همير سنگهه وٽ کڻي ٿا اچن ۽ حل ٿيڻ تي راڻا همير سنگهه کي دعائون ڏيندي ٿا وڃن. عمرڪوٽ جي راڻن جي سياست ٻين گهڻن سياستدانن کان تمام گهڻي مختلف ۽ نرالي رهي آهي ۽ پاڻ سياسي ميدان ۾ سگهارا رهيا آهن انهن جو سياسي طريقيڪار به نرالو رهيو آهي. نرالي اسٽائيل ۽ مخصوص تقريرون اڄ به ٿر جا واسي ياد ڪن ٿا. راڻا همير سنگهه به وڏي راڻي چندر سنگهه جيان تمام گهڻيون خوبيون پاڻ ۾ رکي ٿو. راڻا همير سنگهه سنڌي ٻولي کان ويندي راجستاني ڍاٽڪي، گجراتي، انگريزي ۽ اردو زبانن تي تمام گهڻو عبور رکي ٿو ۽ اڪثر طور تي پاڻ سياسي جلسن ۾ سنڌي ۽ ڍاٽڪي ٻولين ۾ تقريرون ڪندي نظر آيا آهن.

# رسول بخش رحيمداڻي

## سان انصاف ڪير ڪندو؟

اسان جي سماج ۾ اهڙا اڻ ڳڻيا ڪردار موجود آهن، جيڪي معاشي حالتن جي ويڙهاند ۾ جيون بسر پيا ڪن ۽ موجوده سماج ڪان لاتعلق رهندي جهنگ جو رخ ڪري رهيا آهن تہ ڪي شهرن جي مصروف زندگين ۾ جيون جا پل پيار، محبت ورهائيندي ۽ زندگي جا ليڪچر ڏيندي گهارين پيا. اهڙن ماڻهن سان ملڻ ۽ ڪچهرين ۾ لاتعداد مواد پسجڻ لاءِ ملي ٿو. مون پنهنجي سروس دوران قمبر، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص، دادو، حيدرآباد، سکر، شهدادڪوٽ، نري ميرواهہ، مٺي ۽ عمرڪوٽ شهرن ۾ اهڙا لاتعداد ڪردار گهمندي ڦرندي ڏٺا، جيڪي زندگي جي نعمتن جو درس ڏيندي مايوس سماج ۾ ڪجهہ پل جي خوشي لاءِ جاکوڙي رهيا آهن.

اهڙن ڪردارن مان عمرڪوٽ جو هڪ ڪردار رسول بخش رحميداڻي بہ پنهنجي جاءِ تي هڪ اهميت رکندڙ آهي. جيڪو اڄ امراڻي جي نگري ۾ انصاف لاءِ پڪاري پيو ٿو. اخباري خبرن موجب عمرڪوٽ پوليس ڪيس هڪ ڪوڙي ڪيس منجهہ چالان ڪيو آهي. جيڪا ڳالهہ سمجهہ ڪان مٿيري نظر اچي ٿي. اڄ اهو شخص جيڪي پڪي ڪي پٿر هڻڻ ڪي بہ عيب سمجهي ٿو، سو اهڙو ڪم ڪري سا ڳالهہ سمجهہ ۽ عقل ڪان بالاتر آهي. عمرڪوٽ ۾ سروس دوران صدارتي ايوارڊ يافتہ مشهور سماج سڌارڪ ڊاڪٽر هرچند راءِ لڪاڻي سان جتي ويجهڙائي رهي تہ اتي رسول بخش رحيمداڻي سان يادگار ڪچهريون رهيون. پاڻ مون کي هر وقت ٽپ ٽاپ، قربيلو نظر آيو. سندس نيڻن ۾ ڪئين خواب پنهنجي سماج لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪرڻ جي سگهہ گردش ڪندي مون ڏٺي. پهرين ڪچهري ۾ هن چيو هو تہ هن هڪ تنظيم همت سوشل ويلفيئر ناهي آهي. جنهن وسيلي سماجي ڪم ڪري ٿو، جڏهن بدين ۽ ٺٽي ۾ طوفان تباهي آندي تہ هو اتي امدادي سامان جو ٽرڪون پرائي پهتو. زلزلي جي آفتن دوران بہ هي شخص اڳتي نظر آيو. پاڻ چوي ٿو تہ هاڻوڪي پريس ڪلب جي بلڊنگ هن اڪيلي سر ورتي ۽ تعمير ڪرائي آهي. تنهن ڪان علاوه راندين جي ميدان ۾ قائداعظم گرڊ تو ٽرافي جو ڪوچ پڻ رهيو. ترَ ۾ ڏڪار وقت امدادي ڪئمپون لڳائڻ ڪان ويندي رمضان شريف ۾ سستي ريٽ جي فروٽ جي وڪرو، عيد تي غريبن ۾ ڪپڙن جي تقسيم، غريب شاگردن کي ڪتاب وٺي ڏيڻ ڪان ويندي سندن ڪهڙي واڪاڻ ڪري ڪهڙي ڪجي. جيلن جي سختين ڪان ويندي وڏيرن ڪان ويڙهاند تائين هي شخص امراڻي واسين لاءِ لازوال مثال بڻيل آهي. سندس اندر ۾ انتها جو درد ٿو پلجي. پاڻ قرآن شريف جي تلاوت، جتي درد ڀري آواز ۾ ڪري ٿو تہ اتي مولود ۽ نعت اوڏي ئي بهتر انداز سان جهونگاري ماڻهن کي جهومائڻ تي مجبور ٿو ڪري ويهي.

ايترين سچين خوبين مان سندن ۾ اها وڏي خوبي ڇئبي تہ پاڻ عمرڪوٽ ۾ ادبي، سماجي پروگرامن ڪان وينديي امر شخصيتن جون ورسيون، ڏهاڙا ۽ قومي ڏينهن ملهائڻ ڪان ويندي نوجوانن ۾ مختلف مڪتبہ فڪر جي ماڻهن جي همٿ افزائي لاءِ انهن کي سرٽيفڪيٽ ايوارڊ ڏيندو رهيو آهي. جيتري قدر مون هن کي ڏٺو آهي سو مون کي تمام احساس ماڻهو نظر آيو. اهو جنهن جي جاءِ ۾ امراڻي واسين جو درد پلجي ٿو ۽ هي شخص اڄ بہ هتي جي مارو ماڻهن جي خوشحالي جا خواب نيڻن ۾ سجائي پنهنجا غم لڪائي مسڪرائيندي شهر جي چوواٽن تي اهو ليڪچر روز ڏيندو رهي، تہ خدارا انسانيت سان پيار ڪريو. وڻن پوٽن جانورن سان پيار ڪريو جيون تمام ٿورڙو آهي. هن شخص جا اهي ليڪچر ۽ ڳالهيون امراڻي واسين منجهہ زير بحث رهنديون آيون آهن ۽ چڱا خاصا ماڻهو هن ڪان لهرائيندا آهن تہ ڪٿي هو هنن جا راز نہ فاش ڪري. سندس جي اندر ۾ امراڻي جا انيڪ راز دفن ٿيل آهن. جي ڪولي تہ وڏو طوفان برپا ٿي سگهي ٿو. پر هي سڀ شيون وساري پيار ۽ محبتي راهن جو مسافر شخص هر ڪنهن ماڻهو کي اهو درس ٿو ڏئي. صوفي شاهہ عنايت، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڪان ويندي قلندر لال شهباز تائين جا واسطا بہ ماڻهن کي ڀلاند ٿو وجهي. خدارا نفرتون ڇڏيو. محبتون ورهايو، جنگ ڇڏيو ، هٿيار ڦيجو، انهن شين ڪري رسول بخش رحميداڻي جو ڪردار امراڻي واسين لاءِ يادگار، تاريخي ۽ بيمثال بڻيل آهي. اهڙي ماڻهو خلاف پوليس پاران ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ ۽ چالان واري عمل جي جتي سماجي، ادبي ۽ ثقافتي حلقن مذمت ڪئي آهي، تہ اتي سموري ضلعي جا صحافي مظاهرا ڪري ڪوڙا ڪيس ختم ڪرڻ جا مطالبا پيا ڪن، پر هيل تائين انتظاميا هن سلسلي ۾ ڪو تحرڪ ناهي ورتو. آئون پنهنجي هن ڪالم وسيلي صدر آصف علي زرداري، وزيراعظم، يوسف رضا گيلاني، وزير اعليٰ سنڌ، گورنر، گهرو وزير سميت اعليٰ عملدارن کي اها وينتي ٿو ڪريان تہ امراڻي جي هن تاريخي ماڻهو کي وڏيڪ اذيت جو شڪار ٿيڻ ڪان بچايو وڃي. ڪوڙو ڪيس ختم ڪري هن سان فوري ۽ تڪڙو انصاف ڪيو وڃي، تہ جيئن هي امراڻي جو رحيمداڻي ڀري بزم ۾ اها ڳالهہ ڪري سگهي تہ جمهوري حڪومت اچڻ بعد مظلومن سان انصاف ٿئي پيو.

---

**تعمير سنڌ، سوڀ، فيصلو، مقدمو، سڪار، هلال پاڪستان، سنڌو**

# زيب عاقلي

**هڪڙو هو ...**

هر دؤر ۾ سنڌ ڌرتيءَ تي سدا بهار شخصيتن جنم ورتو آهي، جن مختلف حوالن سان پاڻ ملهايو. جڏهن ۾ جتي به سنڌ جي ڀلي ۾ بهتري لاءِ ڳالهه ڪندڙن جو ذڪر ٿيندو ته اتي مرحوم زيب عاقلي جو نالو به ورتو ويندو. زيب عاقلي سنڌ جو تمام وڏو نالو، نامور شاعر، اديب، ڊراما نويس، قطع نگار صحافي هو. سندس اصل نالو عبدالحق سومرو هو. هن پهرين آڪتوبر 1920ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ عاقل ۾ جنم ورتو. زيب عاقلي مرحوم کي شاعري، علم، ادب پنهنجي والد مرحوم کان ورثي ۾ مليو. شروعاتي تعليم بعد ڪجهه انگريزي جي تعليم حاصل ڪندي شاعري ۾ صحافت جو پيشو اپنايو.

ڪنهن زماني ۾ پاڻ هندوستان ۽ پاڪستان وچ ۾ پيدا ٿيل رنجشن کي محبتن ۾ بدلائڻ لاءِ اسٽيج ڊراما، ناچ گانا ۽ مفت تفريح لاءِ ناٽڪ لکيا. ڪيس 1963ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ ڪانٽريڪٽ تي اسڪرپٽ رائيٽر طور مقرر ڪيو ويو، جتي هن گيت، غزل، ڪهاڻيون لکڻ کان علاوه ڳائيندڙن جي اچارن جي اصلاح ڪئي. زيب کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته هن پهرين منظم ڊرامو "ستارا" پيش ڪيو. جيڪو تمام گهڻو پسند ڪيو ويو. پاڻ سنڌي ۾ هڪ مزاحيه فيچر لکندو هو. ريڊيو تي رهڻ دوران هن ڪيترائي شاندار مشاعرا به ڪرايا. جيڪو سنڌ جي ادبي تاريخ جو وڏو حصو آهي. ريڊيو پاڪستان تي پيش ڪيل سندس ڊراما، فيچر، گيت، غزل اڄ به مقبول آهن.

پ پ جي حڪومت جي دؤر ۾ سندس ڏاهپ کي ڏسندي تڏهوڪي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀُٽي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد لاءِ صلاحڪار مقرر ڪندي سندن پگهار ۾ اضافو ڪيو. سندس ريڊيو تي ڪيل ڪم کي اڄ به ڪلهه جيان ياد ڪيو وڃي ٿو. پاڻ صحافتي ميدان ۾ حيدرآباد جي سنڌي اخبار عبرت سان ڪيترائي سال لاڳاپيل رهيو ۽ سنڌي ۾ قطعي لکڻ جو امام طور مشهور ٿيو. ڇو جو اهو فن ڪو سنڌي ۾ سولو نه هو. ڪين ان سلسلي ۾ وڏو ڪمال هو. روزاني هلال پاڪستان سکر ۽ حيدرآباد مان جاري ڪئي وئي ته ڪين حيدرآباد ايڊيشن جو ايڊوائيزر وارو ڪم سونپيو ويو. پاڻ لفظن جو جادوگر هو. هن جي تقرير ۽ بيان جا اثر ماڻهن تي سالن تائين قائم ٿيندا رهيا. جنهن به سياسي جلسي ۾ آجياڻو زيب عاقلي ڏيندو هو ته تاڙين جا واڄٽ پئجي ويندا هئا. جنهن جو اعتراف هڪ ڀيري صدر جنرل محمد ايوب خان پنهنجي تقرير ۾ ڪيو هو ته "زيب جي تقرير کان پوءِ آئون ڪهڙي تقرير ڪريان."

زيب انگريزي ۾ اردو ۾ ڪيل تقريرن جو سنڌي ۾ ترجمو ڪرڻ جو ماهر هو ۾ ڪين ذوالفقار علي ڀُٽي جون گهڻي ڪان گهڻيون تقريرون پڙهڻ جو اعزاز حاصل هو. سندس جو آواز ڪشش ڀريو هو. سندس شاعري ۾ لفظ ڪنهن گجگوڙ کان گهٽ نه هوندا هئا. جڏهن هو ڪنهن مشاعري ۾ شاعري پڙهڻ ويندو هو ته هر پاسي تاڙين جو هل هنگامو ٿي پوندو هو ۾ ڪين سنڌي شاعري جو حبيب جالب سڏيو ويو.

زيب عاقلي جون سياسي همدرديون پ پ سان رهيون. هن جي شاعري کي ريڊيو تي روبينا قريشي، ثريا، زرينه بلوچ، جميلا ناز، محمد حسن، زيب النساء، عبدالله پنهور ۽ عابده پروين ڳايو آهي ۽ ڪيترن ئي ڪلامن کي شهرت حاصل ٿي. سال 1985ع ۾ ٿيل غير جماعتي چونڊن دوران زيب عاقلي لاڙڪاڻي جي صوبائي اسيمبلي واري سيٽ تي مسعود احمد کهڙو جي سيٽ تي بيٺو ۽ ڪارنر گڏجاڻيون ڪري، ان دؤر ۾ تقريرن جو انقلاب آڻي ڇڏيو. وڏا جلوس ڪري هن جا استقبال ڪيا ويا پر قسمت سندس ساٿ نه ڏنو، پاڻ چونڊ هارائي ويو. زيب عاقلي غربت قبولي پر ڪنهن جي آڏو جهڪيو نه ۽ نه ئي ڪي وري هن جي سوچن ۾ تبديلي آئي.

زيب عاقلي کي جڏهن دل جي بيماري ٿي ته ان وقت جي وزير اعليٰ ڄام صادق علي کيس علاج لاءِ لنڊن موڪليو. سنڌ جو هي مهان ڪوي ۽ ڏاهو تاريخ 12 مئي 1991ع تي انيڪ يادون ڇڏي حيدرآباد جي ٿڌين هوائن ۾ اسان لاءِ هميشه يادن جو هڪ اڻميو باب ڇڏي موڪلائي ويو.

---

**هلال پاڪستان، خبرون، تعمير سنڌ، مهراڻ، عوامي آواز، هلچل، سنڌ، فيصلو، سڪار، سنڌو، عبرت مئگزين، سوڀ، شام**

# سرويچ سجاولي

## جا خواب ساپيان تي سگهندا؟

اڄ سنڌ ڌرتي جي مهان ڪوي سرويچ سجاولي جي ٻي ورسي ملهائجي رهي آهي. سرويچ سجاولي ڪينسر سان ويڙهاند ۾ نيٺ جيون جي جنگ هارائي. سنڌن لاڏاڻي انقلابي شاعري جي ميدان ۾ نہ پرجڻ جيڏو خال پيدا ڪيو. سنڌ جي هن عظيم انقلابي شاعر محمد صديق عرف سرويچ سجاولي پنهنجي ڳوٺ سرويچ نگر ۾ زندگي سان ڪيڏيل راند نيٺن ۾ ڪيترائي سپنا سمائي هارائي. پاڻ 14 مارچ 1937ع ۾ سجاول پرسان ڳوٺ تارڙا ۾ جنم ورتائين ۽ شاعري جي شروعات 1955ع کان ڪيائين ۽ سندس ڪتاب "آليون اٽيا وار" 1972ع ۾ شايع ٿيو. جڏهن تہ سندن شاعري جا چار ڪتاب "سراسر انقلاب آهيان" "ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون"، "دل ۾ نہ ڪج" ۽ "سا دل مستو مست مدام" اڻ ڇپيل آهن. سندن هڪ ڪتاب "آليون اکيون ۽ اٽيا وار" کي ڪراچي يونيورسٽي جي ڪورس ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هن پريم جي شادي 1955ع ۾ رچائي. ڪين 5 پٽ ۽ 3 نياڻين جو اولاد آهي. سندن زندگي جون اهي گهڙيون عذاب ڀڃي ويون جڏهن سندن 23 ورهين جو پٽ محمد خان روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو. سندن ڇاتيءَ تي پٽ جي وڇوڙي جا زخم تازا هئا تہ ٻيو پٽ شاعر حبيب الله عرف سانگي سجاولي ڪينسر وگهي فوت ٿي ويو. هن وقت سندن اولاد ۾ حال حيات ڏيئر ۽ نوجوان شاعر پٽ سورج سجاولي آهن. سندن شاعري منجهہ اهڙي مناس هئس جو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، مخدوم طالب المولیٰ، مير علي محمد ٽالپر، رسول بخش پليجو، جام صادق علي، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، ڪامريڊ روچي رام، استاد بخاري ۽ ڪامريڊ تاج محمد ابڙو مٿس ساهہ ڏيندا هئا. 1973ع واري ڍاڪي ۾ ٻولي تڪرار واري مامري تي سنڌ اسيمبلي ۾ سندن شاعري کي محمد خان پڙهيو ۽ انهي ڍاڪي جي اندر وڏي وزير ممتاز علي ڀُٽي ڪيس گرفتار ڪرائي ڪيٽي بندر ٿاڻي تي قيد ڪرايو. هو وڏيرا ڪلچر خلاف شاعري ڪرڻ تي 1974ع ۾ ٻہ ٻہ ڀيرا گرفتار ڪيو ويو ۽ 1983ع ۽ 1986ع واري ايم آر ڊي تحريڪ دوران ٻہ ڀيرا گرفتار ٿيو ۽ 1986ع ۾ طالب المولیٰ جي زور ڀرڻ تي پ پ ۾ شامل ٿيو ۽ 2002ع جي عام چونڊن ۾ شيرازي گروپ ۾ شامل ٿيو. پاڻ 1973ع ۾ ٽائون ڪميٽي سجاول جو ايڊمنسٽريٽر پڻ رهيو. سندن لاڏاڻي تي پوري سنڌ سوڳ ۾ ٻڏل ۽ ادبي ماحول شانت نظر آيو، ڇو جو اهڙو شخص اسان کان پردو ڪري هليو ويو، جنهن هميشہ وڏيرا شاهي خلاف ويڙهاند ڪئي ۽ پنهنجن لفظن جي مالها پروئي غريبن جا ڏک، سور شاعري جي زبان ۾ ايوانن تائين پهچائيندو رهيو. شايد وري ڪڏهن اهڙو انسان پيدا ٿئي، جيڪو بغير ڪنهن ڊپ ڊاهہ، شاعري جي زبان ۾ اهڙو نعرو هڻي، نہ تہ اسان وٽ شاعرن جا ٽولا لٽل آهن پر انهن جو قلمي پورهيو اڄ ڏينهن تائين ڪنهن حد مان پار ناهي ٿي سگهيو. اهي ڪيتري حد تائين شاعري جي زبان ۾ عوام جي ڏکن سورن جي ڳالهہ ڪرڻ ۾ سوڀارا رهيا آهن. اهو بہ اسان ڏسي چڪا آهيون پر مسئلو

وري ٻه انهن مهان انسانن جي ادبي پورهئي جو آهي، جن هر حال ۾ غريب عوام جي حقن لاءِ ويڙهاند ڪئي. مون کي ڪالهه وانگر اڄ به اها ڳالهه تازي لڳندي آهي، جڏهن منهنجو بابا ڪامريڊ تاج محمد ابڙو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ٺٽو هو ته وٽس سرويچ سجاولي ايندو رهندو هو ۽ بابا سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي دکي عوام جا سور شيئر ڪندو هو. پاڻ هميشه پنهنجا سور لڪائي مرڪون ورهائيندو رهيو. ڪنهن سان به اها ڳالهه نه ڪندو هو ته هن جي اندر ۾ ڪيڏي پيڙا آهي. هن جي هڪ ٺي ٻولي هئي، پيار، محبت، امن، ڀائيچارو ۽ هن جا سورن جا ساٿي دکي ڏتڙيل ماڻهو هوندا هئا جيڪي غربت جي حالتن منجهه جيئڻ جا گس ڳوليندا هئا. سندن وڇوڙو دکي خبرن منجهان هڪ آهي، سنڌي ادبي سنگت 3 ڏينهن تائين سوڳ جو جتي اعلان ڪيو ته اتي وري ضلعي حڪومت سموري ضلعي ٺٽي ۾ عام موڪل جو پڻ اعلان ڪيو. اڄ سجاول جي هر اک آلي آهي پر اسان ماڻهن سرويچ سجاولي کي ڇا زندگي ۾ اها عزت ۽ اهميت ڏني، جنهنجو هو حقيقي لائق هو، اڄ اخباري خبرن تائين ته هر ڪو سندن خاندان کي همدرديون ۽ مٺا ٻول ۽ آٿتون ڏئي ٿو پر مرڻ بعد ڪهڙي ڪم جون؟ ڇو جو سرويچ جو وڇوڙو هن ٻن لفظن ڪان گهٽو مٿانهون آهي. اڄ سرويچ لاڏاڻو ناهي ڪيو پر انقلابي شاعري سنڌ مان لاڏاڻو ڪري چڪي آهي. وري ڪڏهن شايد اهڙو انسان پيدا ٿئي، جيڪو بغير ڪنهن جي پرواهه ڪندي امن محبت جا گيت جهونگاري، آئون سنڌ حڪومت کي اها اپيل ٿو ڪريان ته هيڏي وڏي نالي ٻويان ضلعي ٺٽي ۾ لائبريريون ۽ ادارا قائم ڪيا وڃن. انهي سان گڏ سرويچ جا ڪتاب، جن کي هو حالتن جي تنگي سبب ڇپرائي ناهي سگهيو، انهن کي ڇپرائي سندن پيغام سموري سنڌ ۾ ڦهلايو وڃي. ائين ڪرڻ سان جتي سرويچ جا خواب مرڻ بعد به نسري پوندا ته اتي سندس روح کي ضرور سڪون ملندو.

---

هلال پاڪستان، خبرون، مقدمو، هلچل، عوامي آواز، سڪار، سنڌو، عبرت، فيصلو، سوڀ، مهراڻ

# سيد بچل شاهه

## رتوديرو جي هر دل عزيز شخصيت

جڏهن به رتوديرو جو تذڪرو ٿيندو اتي لازم ملزوم آهي ته سيد بچل شاهه جو ذڪر به ضرور ٿيندو. سيد بچل شاهه رتيديري جي مشهور ۽ معروف سياسي، سماجي، ادبي ۽ علمي شخصيت سيد وريل شاهه جو فرزند هيو. هن تي پيار منجهان سندس ڏاڏي سيد بچل شاهه جو نالو رکيو ويو.

سندس والد سيد وريل شاهه نه صرف لاڙڪاڻي بلڪه هو پوري سنڌ ۾ تحريڪ پاڪستان جي حوالي توڙي پاڪستان مسلم ليگ جي حوالي سان چاتو سڃاتو وڃي ٿو. سندس پٽ سيد بچل شاهه به پنهنجي والد مرحوم جي نقش قدم تي هلندي ۽ انهي جي تربيت هيٺ ڪري ساڳيو ئي رتيديري جي خدمت ڪندڙن منجهان رهيو. سيد بچل شاهه جيتوڻيڪ ڪو اسيمبلي وغيره جو ميمبر ته ڪونه ٿيو پر تنهن هوندي به رتيديري جي رهواسين جا مسئلا جلسن جلوسن معرفت جوشيلين تقريرن ذريعي اسيمبلي تائين پهچائڻ جون ڪوششون ضرور ڪندو رهيو.

سندس سئوٽ سابق چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ سيد ديدار حسين شاهه جيڪو هاڻي سپريم ڪورٽ جو جسٽس آهي. تنهن جي سياست کي خيرباد ڪرڻ کان پوءِ اهو سيد بچل شاهه ئي هيو. جنهن رتيديري جي رهواسين جي هر مسئلي ۽ ڏکي مهل ۾ ساٿ ڏنو. هو خوش گفتار، رلڻو ملڻو ۽ غريب نواز سيد هيو. وڏو علم پاڪ رتيديري ۾ مشهور آهي جتي روز سيد بچل شاهه اچي ويهندو هيو ۽ رتيديري جي غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جو سندس وٽ ميلو متل رهندو هيو. وٽس ڪو غريب پهتو ڪونه آهي هو يڪدم ڪم ڪرائڻ لاءِ ان سان گڏ نڪتو نه آهي. اهو هو سندس غريبن سان پيار.

منهنجون ساڻس گهٽيون ته ملاقاتون ڪونه ٿيون هيون پر مان جڏهن به جسٽس ديدار حسين شاهه سان ملڻ رتيديري ويس ته پينٽ شرٽ پهريل سيد بچل شاهه کي وڏي علم پاڪ وٽ ضرور ماڻهن جي هجوم جي وچ ۾ موجود ڏٺو هيم. ڇو جو سندس والد سيد وريل شاهه منهنجي والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو تمام ئي سنو ۽ گهاٽو دوست هيو. هن ۾ اها ڳالهه محسوس ڪئي ته پنهنجي والد مرحوم جي دوستن ۽ انهن جي اولاد سان ڏاڍي سڪ منجهان ميل جول رکندو هيو.

سيد بچل شاهه پ پ جي باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو توڙي محترمه بينظير ڀٽو جو ويجهو ساٿي رهيو. اهو ئي سبب آهي جو اليڪشن دوران ورڪ ۾ ساڻن هميشه گڏ رهيو. سندس تقريرون عوام کي جوش ۽ ولولو پيدا ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪنديون رهيون. هو زندگي جي آخري وقت تائين پ پ ۾ ئي رهيو. هو رتيديري جي تمام وڏي سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي گهراڻي سان تعلق رکندي به هميشه پنهنجو پاڻ کي سماجي ڪارڪن سمجهندي غريبن، يتيمن، بيواهن جي مدد ڪندو رهيو. اهڙا ماڻهو ئي عظيم قومن جي سڃاڻپ هوندا آهن.

هن مهل سيد بچل شاهه اسان جي وچ ۾ ڪونه رهيو آهي. پر هن جي خدمتن عيوض رتيديري جو عوام هن کي ڪڏهن به وساري نه سگهندو ۽ رتيديري جي جڏهن به تاريخ لکي وئي ته سيد بچل شاهه انهن ۾ سڀ کان مٿانهون ۽ سونهري لفظن ۾ ياد ڪيو ويندو.

# سيد صالح محمد شاهه

## ڪچهري جي ڪوڏيئي جو لاڏاڻو

گذريل ڏينهن سنڌ جو مشهور ڏاهو براڊ ڪاسٽر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جو پارکو سيد صالح محمد شاهه المعروف ڏاڏو فتح خان دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو. ڪين ڪافي وقت کان وٺي دل جو آرزو هو ۽ حيدرآباد جي هڪ خانگي اسپتال ۾ زير علاج رهيو. لاڏاڻي بعد سنڌ جي ڏات ڌڻين ۾ سوڳ وارو سماءُ ڇانيل نظر اچي ٿو، هر ڪا اک آلي ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو ريڊيو اسٽوڊيو ويران پيل آهي.

هن جو نالو سنڌ جي ڏات ڌڻين واري لسٽ ۾ چوٽي جي ڏاهن ۾ ڳڻيو ويندو هو، خاص طور تي پاڻ پي ٽي وي جي پروگرام ڪچهري وسيلي تمام گهڻي مشهور ماڻي، ڪين لطيف سرڪار جا بيت برزبان ياد هئا. شخصي حوالي سان منجهن بي تحاشا خوبيون سمايل هيون، اندرين طور تي نرم دل ۽ ڪشادو انسان هو. لاڏاڻي بعد تمام وڏي ڏک جي لهر سنڌ جي سلجهيل حلقن ۾ ڇانيل نظر اچي ٿي. پاڻ پي ٽي وي ۽ ريڊيو جي سينيئر اداڪارن سان گڏ ڪم ڪيو، جن ۾ مصطفيٰ قريشي، محمد علي، عنايت بلوچ ۽ ٻين جا نالا قابل ذڪر آهن. هن سان گڏ پاڻ پي ٽي وي تي هلندڙ ڊرامن ۽ فلمن ۾ هيرو ۽ جنگجو جا ڪردار به ادا ڪيا. ڪين ميزباني سبب پي ٽي وي تي هلندڙ پروگرام ڪچهري وسيلي تمام گهڻي مقبوليت ملي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي سون ورني ڌرتي پروگرام وسيلي ڏاڏي فتح جي نالي سان تمام گهڻو مشهور ٿيو ۽ اها به منجهن خوبي سمايل هئي ته پاڻ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي بيتن ڪي تحت لفظ سان پڙهندو هو. اولاد ۾ چار پٽ ۽ نياڻيون شامل آهن، جن مان چيو پيو وڃي ته سندس لاڏاڻي واري ڏينهن گهر ۾ هڪ نياڻيءَ جي مڱڻي واري رسم هلندڙ هئي. سندس وڇوڙي واري خبر سموري سنڌ ۾ باهه وانگي پکڙجي وئي ۽ سنڌ جي ڏات ڌڻين سندس لاڏاڻي ڪي سنڌ لاءِ تمام وڏو نقصان قرار ڏنو آهي جنهن زماني ۾ پاڻ پي ٽي وي تي پروگرام ڪچهري ڪندا هئا ته ڏسڻ لاءِ ڪيترائي ماڻهو گڏ ٿي ڏسندا هئا. پروگرام جي پڇاڙي بعد ڪچهري ۾ سندس چيل، لفظن تي بحثن جو سلسلو شروع ٿي ويندو. پاڻ جنهن رنگ ۽ ادائگي سان پيٽ ڌٽي جي شاعري ۽ سندن بيت پڙهندو هو انهن منجهه درد جو رشتو سمايل نظر ايندو هو، جيڪو سندس اندر ۾ سمايل محسوس ٿيندو هو.

اڄ پاڻ ناهي ته سندس يادون ڪالهه جيان تازيون آهن ۽ هن جا لفظ اڄ به گونجن ٿا ۽ پڪارون ٿا ڏين هن جي ڳلي جو جادو اڄ به ڪلهه جيان ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪري ٿو. هن انسان پنهنجي وس آهر سنڌي ٻولي ۽ عوام جي تمام وڏي خدمت ڪئي پر موت ۾ ڪيس اها مجتا نه ملي سگهي، جنهن جو هو

حقيقي لائق هو. اها ڪيڏي نہ وڏي بدقسمتي چئجي جو اسان پنهنجي ڏات ڏٽين کي اڄ تائين اها موٽ ناهيون ڏئي سگهيا جنهن جا هو حقيقي لائق آهن. بس مرڻ بعد مجتا ڏيڻ ۾ تعزيتن جو سلسلو تيزي سان شروع ٿو ٿي پوي، اهو سلسلو ڪهڙي ڪم جو جنهن انسان کي زندگي ۾ مجتا نہ ملي سگهي، مرڻ بعد اها ڪهڙي ڪم جي! اسان جي ماڻهن جي اها قدرتي فطرت رهي آهي تہ جيسين ڪو زنده هوندو تہ هن سان جهيڙا جهڳتا ڪندا ۽ مرڻ بعد انهي مٿان واھ واھ جا وسڪارا، مٿن ميلا لڳائيندا پر بعد اهي ميلا ۽ مجتائون ڪهڙي لفظن سان ياد ڪجن!

سيد صالح محمد شاھ سان منهنجي ڪا ايڏي وڏي حجت تہ نہ رهي پر حيدرآباد جي گهميل هوائن ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ٿيل ڪچهريون ۽ انهي ۾ سمايل درد لفظن جو سرور لطف ۽ خمار اڄ بہ مون کي ياد پوي ٿو. پاڻ ڳالهائيندو تہ دل اهو چاهيندي هئي تہ هي شخص ڳالهائيندو رهي ۽ اسان ڪين ٻڌندا رهون سندن چهري تي سمايل مرڪ اڄ بہ ڪلھ وانگي ويجهي ٿو ڀانيان. منهنجو بابا ڪامريڊ تاج محمد ابڙو ڪچهرين ۾ اڪثر اها ڳالھ ورجائي چوندو هو تہ اسان جا ڏاها اسان جو ورثو آهن، انهن ڏاهن جي ڪري اسان جي تاريخ جو هڪ وڏو حصو پلجي ٿو، انهن مان ڪجھ علم پرائي نئين نسل تائين منتقل ڪرڻ جي ضرورت آهي پر افسوس سان اها ڳالھ ڪرڻي ٿي پوي تہ اسان هن ڏس ۾ تما م گهڻو پوئتي رهجي ويا آهيون. اهو ئي سبب آهي جو وڏن ۽ ڏاهن جي لاڏاڻي بعد سندن علم بہ انهن سان گڏ دفن ٿي ٿو پوي ۽ اسان ماڻهو انهن جي تجربي مان ڪو بہ فائدو ناهيون وٺي سگهيا، جيئن تہ اڄ سيد صالح محمد شاھ جي لاڏاڻي بعد سندس چڏيل درس بہ اڌ ۾ رهجي چڪو آهي اهو خال جيون ۾ شايد ڪڏهن نہ پورو ٿي سگهي. وري اهڙو شخص ڪٿان ايندو جو اهڙي روانگي سان ڀٽائي جا بيت پڙهي ۽ ڪچهريون مچائي هن جيڪو ڪچهري وسيلي سنڌ ۾ امن ڀائيچاري واريون مرڪون تقسيم ڪيون، اهي تا حيات ياد رهنديون. اڄ جڏهن هو اباڻي قبرستان درياءِ بيگ ۾ سنڌ ماتا جي هنج ۾ ابدي ننڊ سمهي چڪو آهي پر سندس آواز ۽ ٻول هن ڌرتي تي تادم زندھ رهندا.

---

سوڀ، شام، سنڌو ڊائجسٽ، هلچل، عوامي آواز، مقدمو، مهراڻ، سوڀ، هلال پاڪستان، سنڌ، سڪار سنڌو، عبرت، فيصلو، خبرون، تعمير سنڌ

# سھراب فقير

## رھجي ويل يادون

سن 2003ع ڌاري منھنجي بدلي عمرڪوٽ کان ٺري ميرواھ ضلعي خيرپور ميرس بطور سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن ٿي، جڏھن ٺري ميرواھ ۾ پھتس تہ سخت پريشان ٿي ويس تہ هاڻي هن ڀھراڙي جي علائقي ۾ وقت ڪيئن گذرندو پر منھنجي اها پريشاني ڪجھ ڏينھن ۾ ئي جلد ختم ٿي ويئي. جڏھن مان خيرپور ميرس ضلعي جي تقريبن سڀني پريس ڪلبن ۾ صحافي دوستن سان ملاقاتون ڪيون ۽ مان پريس ڪلبن ۾ سنڌ جي عظيم شخصيتن جون ورسيون ملھائڻ لڳس تہ منھنجي آهستي آهستي ٺري ميرواھ جھڙي پنتي پيل ڀھراڙي جي علائقي ۾ دل لڳي ويئي. انھيءَ دوران مان ٽالپر وڏا ۾ سھراب فقير سان ڪچھري پڻ ڪيم پوءِ مان جڏھن بہ ڪٿي ڪنھن بہ پريس ڪلب ۾ ڪو پروگرام ڪندو هئس تہ صحافي دوستن کي منھنجو بيحد اسرار هوندو هو تہ مھرباني ڪري منھنجي غريب يار سھراب فقير کي ضرور دعوت ڏجو تہ ڪيس کان ڪجھ ٻڌون. انھن ڏينھن ۾ ئي سھراب فقير تي اڌ رنگ جو وڏو اٿر ٿيل هو. منھنجي اسرار تي هو پروگرام ۾ ايندو تہ هو مگر ڳائي نہ سگھندو هو ۽ فقط آلاپ ڏيندو هو. باقي سندس شاگرد سندس شاگردي ۾ اهڙا تہ تيار ٿيل هوندا هئا جو ڪنھن بہ قسم جي باقي ڪسر نہ ڇڏيندا هئا ۽ محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيندا هئا ۽ ماڻھو موهجي مستي ۾ اچي جھومڻ تي مجبور ٿي ويندا هئا. سھراب فقير جڏھن بہ مون سان مليو تہ منھنجي ٻنهي هٿن کي چميون ڏيئي پنھنجي اکين تي رکندو هو، کيس مان چوندو هئس تہ اوهان بزرگ ۽ تمام وڏي شخصيت آهيو ۽ مان نوجوان آهيان مھرباني ڪري منھنجا هٿ نہ چمندا ڪريو. تنھن تي چوندو هو تہ اگر مان وڏي شخصيت آهيان، تہ تون بہ تمام وڏي شخصيت ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو فرزند آهين، مان انھيءَ نسبت سان تنھنجا هٿ چمان ٿو. اهڙي طرح سھراب جو مون سان ٺري ميرواھ ۾ ڏيڍ سال پروگرامن ۾ ساٿ رهيو، جيڪو مان ڪڏھن بہ وساري نہ ٿو سگھان. مان جڏھن اوطاق تي ويس تہ پاڻ مون کي دنيا جي مختلف سربراھن ۽ مشھور شخصيتن سان سھراب فقير پنھنجا فوٽو ڏيکاريا ۽ ماضي جون ڳالھيون ڪرڻ لڳو تہ سندس اکيون آليون ٿي ويون ۽ وڏو ٿڌو ساھ ڀري ٿي چيائين تہ ابڙا صاحب اهي بہ منھنجا ڏينھن هئا ۽ هاڻ ڏس منھنجو حال ڇا مان ڇا آهي. مون کي دعا ڪندو ڪر ۽ انھيءَ دوران ئي سنڌ جو ناليوارو هي صوفي راڳي ڪينسر جھڙي موذي مرض ۾ ورتجي ويو ۽ ڪئين انيڪ يادون ڇڏي اسان کان پردو ڪري هليو ويو. هو ڪراچي جي جناح اسپتال مان مايوسين جون جھوليون ڀري پنھنجي اباڻي ڳوٺ ٽالپر وڏا پھتو جتي هن پنھنجو دم ڌڻي حوالي ڪيو. جناح اسپتال داخل هجڻ دوران سندس اکيون آخر تائين موسيقي سان محبت جون دعوائون ڪندڙن جي آمد جي آس ۾ ڪليل رهيون پر ڪو بہ لڙي نہ آيو ۽ هو مايوس ٿي پنھنجي پٽ سان ڳوٺ موٽيو هو. سھراب فقير 1934ع ۾ ٽالپر وڏا ۾ تڏھوڪي مشھور طبلي نواز حمل فقير جي گھر ۾ جنم ورتو.

سندس چاچو مرحوم فقير زوار پير بخش فقير سنگ جا فقير هئا. سهراب فقير 10 ڪان 12 سالن جي ڄمار ۾ يڪتارو ڪٽي باجو وڄائي پنهنجي روح ڪي هن دؤر ۾ ريجهائڻ شروع ڪيو هو. سپ ڪان پهرين ڪلاسيڪل راڳي عاشق علي ڪان ۽ پوءِ ڪيتو خان ڪان راڳ جي سکيا ورتي ۽ ڳائڻ شروع ڪيو ۽ بعد ۾ فقير عنايت علي سان بہ ڪي پل گهاريا سهراب فقير شروعات ۾ ٽالپر وڏا جي درگاهہ درمحمد فقير جو طالب بڻيو ۽ اڳتي هلي محراپپور ۾ محفلون مچائڻ لڳو، جتي سندس ملاقات مشهور ڪلاسيڪل راڳي خورشيد علي خان سان ٿي، جنهن جي ساٿ ۾ هن ڇهن سالن تائين طبلو وڄايو ۽ پاڻ منظور علي خان سان بہ ڪيئن سال وجت ڪندو رهيو. سهراب فقير ڪي درگاهہ درمحمد فقير تي ڳائيندي ڏسي سنڌ جي سرموڙ شاعر تنوير عباسي ٻڌو ۽ ڪيس ريڊيو پاڪستان خيرپور جي تڏهوڪي اسٽيشن ڊائريڪٽر الاهي بخش بخاري سان 1985ع ۾ ملايو ۽ پهريون پيرو پروڊيوسر نصير سومري سندس آواز ۾ خوش خير محمد فقير جي ڪلام پرين الله آڏي رڪارڊ ڪرائي نشر ڪيو. تنهن بعد ريڊيو اسٽيشن خيرپور تي غمدل فقير جو ڪلام گليان پريم نگر ديان ڳائي شهرت ماٽي. گهنڊ ڪول ديدار ويڪائو مين آيا مک ويکڻ ڪلام پڻ شهرت جو سبب بڻيو. سهراب فقير سچل سائين جي عرس جي موقعي تي ٿيندڙ راڳ رهاڻ ۾ پهريون پيرو ڳائي ماڻهن کي حيران ڪري ڇڏيو ۽ ان برطانيہ، ڪينيڊا سميت دنيا جي مخلتف ملڪن ۾ محفلون سجائي سر وکيريا. سهراب فقير ڪي پنهنجي ڳايل ڪلامن ميڏا روح منگدا محبوب آوي گهڻو پسند هو. جڏهن تہ غمدل فقير جو ڪلام گليان پريم نگر ديان سندن جي سڃاڻپ بڻجي ويو. پاڻ 50 ڪان وڌيڪ صوفياڻا ڪلام ريڊيو، ٽيليويزن ۽ ڪيسٽن ۾ ڳايا جن ۾ سچل سائين جا ڪلام "جنهن دل پيتا عشق دا جام"، "گهنڊ ڪول ديدار وڪائون" ۽ تنوير عباسي جو "توسان عشق الستي يار" ڪرم ٽالپر جو "عشق اڄ آيو اڱڻ" تمام گهڻا مشهور ٿيا. سندن ڪي نندي ڪنڊ جي پلوڙ راڳي جو اعزاز حاصل هو. ملڪي سطح تي اڻ ڳڻيا ايوارڊ پڻ مليا ۽ بہ پيرا شاهہ لطيف ايوارڊ، سچل ايوارڊ، قلندر لعل شهباز ايوارڊ، ريڊيو پاڪستان ايڪسيلينس ايوارڊ ان ڪانسواءِ صدارتي ايوارڊ هن دؤر جي صدر رفيق تارڙ پڻ صدارتي ايوارڊ ڏنو، جڏهن تہ پيا ڪيترائي سندن ڪي ايوارڊ مليا ۽ هڪ جرمن عورت سهراب فقير جي صوفياڻي ڪلامن تي موهجي ويئي ۽ هن ڪي شادي جي آفر ڪئي ۽ پنهنجي ملڪ ۾ گڏ رهڻ جي آڇ ڪئي، پر سهراب فقير ڪيس چيو تہ هو سنڌ ڪان ڪٽي ٿو پري رهي سگهي. سهراب فقير بہ شاديون ڪيون جن مان پهرين گهر واري سندن حياتي دوران ئي فوت ٿي جڏهن تہ ٻي گهر واري اڃان حيات آهي. هن سوڳوارن ۾ هڪ بيواهہ، ڇهہ نياڻيون، پنج پٽ رجب فقير، نياز احمد، عبدالحميد، اعجاز احمد ۽ سلامت علي ۽ پيا ڇڏيا، سندن وڏو پٽ رجب فقير راڳ ڪان ناتو جوڙيو پيو اڇي، جڏهن تہ سهراب فقير جي شاگردن مان باقر شاهہ سندس ئي انگ ۽ انداز ۾ هن وقت بہ ڳائيندي نظر ٿو اڇي. جڏهن تہ سهراب فقير سچل سائين جي 188 ورسي تي آخري پيرو سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهہ جي موجودگي ۾ سنگ پيش ڪيو. ان موقعي تي وڏي وزير ڪيس ڪيش ۽ ايوارڊ پڻ ڏنو ۽ هن ڪان خصوصي رهاڻ جيڪا سندس آخري رهاڻ هئي سا لوڪ ورثا پاڪستان جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر مظهر السلام پاران ڪيس خصوصي طور مڃتا ڏيڻ لاءِ سکر ۾ شاناٽتي انداز سان رچائي ويئي، جتي مهمان خاص جي حيثيت ۾ وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهہ تي لک ۽ لوڪ ورثا پاڪستان پاران 2 لک روپين جو

اعلان ڪيو ويو ۽ ريڊيو پاڪستان آرٽس ويلفيئر فنڊ مان 40 هزار روپين جي مالي امداد پڻ تڏهوڪي اسٽيشن ڊائريڪٽر فخر بلوچ ڪئي، جيڪا رقم مختيار ملڪ سندن ڳوٺ وڃي پهچائي. سهراب فقير جي پذيرائي ۾ ثقافت کاتي جا اڳوڻا ڪامورا حميد آخوند ۽ ممتاز مرزا پڻ اڳ ڪان اڳرا نظر آيا. سهراب فقير جي وڇوڙي بعد صوفياڻي ڪلام جو هڪ باب پنهنجي پڄاڻي تي پهچي چڪو آهي. موجوده حڪومت کي صوفياڻي راڳ کي بچائڻ لاءِ سهراب فقير جهڙي راڳي جي ڪلامن کي زنده رکڻ لاءِ هن سلسلي ۾ فوري ادارا قائم ڪرڻ کپن ۽ صوفياڻو ڪلام ڳائيندڙن جي حوصلا افزائي لاءِ تڪڙا ۽ جوڳا اپاءَ وٺڻ گهرجن.

---

**مهراڻ، خبرون، هلچل، هلال پاڪستان، سُڪار، تعمير سنڌ، عبرت، فيصلو، عوامي فورم، شام سنڌو ڊائجسٽ**

# سيد ڏاڏا شاهه

## غريبن جو همدرد

دنيا جي ڪنهن بہ خطي جي تاريخ سمجهڻ لاءِ اتان جي ماضي جي اهم شخصيتن جو مطالعو ضروري سمجهيو ويندو آهي. دنيا ۾ آيل هر ماڻهو ڪي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙا اهي ماڻهو جن جون زندگيون پنهنجي دؤر جي حالتن جو شڪار ٿي ويون ۽ ٻيا اهي جيڪي پنهنجي توڙي ايندڙ وقت جي حالتن تي اثر انداز ٿيا، دنيا ۾ اڪثريت پهرين قسم جي انسانن جي آهي. جن جون زندگيون رڳو حالات سان سمجهوتو ڪرڻ ۾ گذري وينديون آهن. ماڻهن جو ٻيو قسم جيڪو نسبتن گهٽ ڏسڻ ۾ ايندو آهي، سو آهي انهن شخصيتن جي اڳواٽي ۾ انساني حقيقتون، نوان مثبت رخ اختيار ڪنديون آهن. خيرپور جو رهندڙ سيد ڏاڏا شاهہ پڻ سنڌ جي اهڙين شخصيتن مان هڪ هو.

هو ملڪيتون رکندڙ ڪو جاگيردار نہ هو. چاڪاڻ جو وڏن جون ملڪيتون هو پنهنجي ننڍپڻ سان گڏ سکر ۾ ڇڏي خيرپور اچي رهيو هو. هو پاڻ ڪو وزير يا سياستدان نہ هو پر ان وزير ۽ سياستدان ڄاهيا ۽ پيدا ڪيا. هو عوام جي مسئلن ۽ احساسن جو بهترين نمائندو هو. سندس شخصيت سياسي مصلحتن جي تابع نہ هئي ۽ هو حق ۽ سچ جو علمبردار، خوددار، سخي ۽ غريب ترس انسان هو. ڏاڏا شاهہ هڪ سماجي شخصيت هئڻ سان گڏوگڏ هڪ وڏو تخليق ڪار هو. هو ابتدا ڪندڙ ۽ نوان بنياد وجهندڙن مان هو. سندس زندگي جا وڏا ڪارناما جاويد اخبار ۽ فلم مومل راڻو جي شروعات سندس تخليقي صلاحيتن جو زندهہ مثال آهن. ڏاڏا شاهہ جو ادب، صحافت ۽ فن سان خاص لڳاءُ هو. سنڌ جي ڪچهري واري روايت بہ ڏاڏا شاهہ جي زندگي جو لازمي پهلو هئي، سندس سنڌي ادب ۽ صحافت سان ويجهو تعلق رهيو. جاويد اخبار ڏاڏا شاهہ جي انهي شوق جو واضح مثال آهي. سنڌ جي مشهور اديب علي احمد بروهي جي چواڻي تہ ڏاڏا شاهہ هيو تہ مسڪين ماڻهو پر سندس ڏيک اهڙو هوندو هو، جو لڳندو هو تہ وٽس لکين رپيا آهن. ماڻهن جي اچ وڃ ۽ پيهہ پيهان ڏاڍي هوندي هئس. سندس لنگر سدائين جاري رهندو هو، وڏي دل وارو ماڻهو هو، مهمان نوازي ۾ پنهنجي وس آهر حد ڪري ڇڏيندو هو. سنڌ جي سچي سياست رڳو سنگت تي آهي ۽ سنگت جو دارومدار دسترخوان تي آهي، جيڪڏهن توهان ڪنهن کي ماني کارائي، تہ سمجهو تہ توهان وڏي ۾ وڏا ماڻهو آهيو، توهان کي ووٽ وٺڻ لاءِ ڪا گهڻي تڪليف نہ ڏسڻي پوندي. خيرپور جا مير صاحب عوام کان پري رهندا هئا، ماڻهن سان ڳالهائيندا ٻولائيندا ئي گهٽ هئا. عوام جي لاءِ ڏک، سک ۾ پوليس ۽ ٻين مصيبتن ۾ مدد لاءِ ڏاڏا شاهہ هر وقت موجود رهندو هو ۽ ماڻهو وٽس عام جام ايندا هئا، هو غريبن جي مدد لاءِ جنهن وٽ بہ لنگهي ويندو هو، ساڻس انڪار نہ ڪيو ويندو هو. چو تہ هڪڙي خبر سڀني کي هئي تہ هو غريبن جي مدد لاءِ ئي ايندو آهي. هن جي ڪنهن ۾ بہ ڪا لالچ

ڪانہ هئي. وڏي مجتا ۽ مقبوليت هوندي بہ هو چاٽي واٽي سياست ۾ ڪونہ آيو. سياست ۾ ماڻهن کي ڪونہ ڪو پاور ڪپي، اهو تہ هن وٽ اڳ ئي هو. هن جي حيثيت، شخصيت ۽ ماڻهن ۾ ساڃاهہ تہ اڳ ئي هئي، ماڻهو سلام ڪن. ڪم ڪار لاءِ اچن. اهڙي تہ سندس حيثيت اڳ ئي هئي.

سنڌ جي نالي واري اديب ۽ دانشور جمال ابڙي لکيو آهي تہ، "ڪي ڪي ماڻهو اهڙا تہ هوندا آهن جو پهرين ملاقات ۾ ئي سمجهبو آهي تہ ڪو ورهين جا واقف يا ڪي وچڙيل مٽ مائٽ هجن." اسان وٽ هزارين اهڙا ماڻهو اڄ بہ موجود آهن جن تي ڏاڏا شاهہ جا اڻ مٽ مندائتا تورا ٽيل هوندا، وڏو گڙدو، شاهہ خرچ ۽ سخي اهڙو جو هڙ ۾ پائي بہ نہ هجي ۽ وٽس ويهارو ڪن مهمان هر وقت ويٺا ڪائين. ڏاڏو شاهہ پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن ۽ گهڻ پاسائين شخصيت هو، سندس خاص خوبيون هونديون هيون، خلق ۽ پيار محبت، غريب غربي جو وٽس پيد پائو ڪو نہ، ياري دوستي جو پڪو، سر ڏيڻ وارو، سخي ۽ مهمان نواز اهڙو هو جو گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ وارو.

ڊاڪٽر تنوير عباسي لکيو هو تہ، "1964ع ۾ خيرپور پهچڻ سان ٻن شين جي مشهوري ٻڌم، هڪ هتان جو اصل ڪارڪون ۽ ٻيو ڏاڏا شاهہ، سوچيم تہ انهي همراهہ سان ملجي، آخرڪار ملاقات ٿي، ايڏو تہ قرب وارو ۽ پاڪر پاتائين جو ساڻس ملڻ لاءِ دل بار بار چاهيندي هئي." ڊاڪٽر نواز علي شوق ڏاڏا شاهہ کي ياد ڪندي لکيو آهي تہ "مون پنهنجي زندگي ۾ فقط ٻہ اهڙا شخص ڏٺا، جن جي مون ڪنهن ڪان بہ گلا يا شڪايت نہ ٻڌي. اهي هئا سائين ڏاڏا شاهہ ۽ استاد حامي." سنڌي تهذيب ۽ ڪلچر سان ڪيس تمام گهڻو پيار هو. ڪچهرين سان ڪيس تمام گهڻو پيار هو. هو ڪچهري جو ڪوڏيو هو. ڏاڏا شاهہ جي منهن تي مون سدائين مرڪ ڏٺي. ڏاڏا شاهہ جهڙو باصلاحيت ڪٿي اڄ جسماني لحاظ کان اسان جي وچ ۾ تہ نہ آهي پر سندس ڳالهيون ۽ آدرشي اصول اڄ بہ خيرپورميرس جي غريب، مسڪين ۽ پيرين اگهاڙن سان گڏ آهن.

---

**خبرون، تعمير سنڌ، هلال پاڪستان، عوامي آواز، سنڌ، سچ**

# شهيد ذوالفقار علي ڀٽو

## يارن جو يار

شهيد جمهوريت ذوالفقار علي ڀٽو جي 29 هين سالگرهه ملهائي پئي وڃي. ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستاني سياست جو محور هو سنڌن گيت جمهوريت جو راڳ اڄ بہ ڪلهه وانگي ڳائجي ٿو. ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي جان جيون جا سمورا ڏينهن دکي انسانيت جا راڳ آلاپيندي انهن لاءِ جدوجهد ڪندي گذاريا. عوام کي روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان جو نعرو ڏنو. هن جو جمهوريت جي تاج کي اڳتي وڌائڻ ۾ وڏو ۽ نہ وسارڻ جهڙو يادگار ڪردار رهيو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سنڌن نالو عوام جي دلين تي راڄ ڪري ٿو نہ تہ هن ڌرتي تي ڪيئي انسان آيا هليا بہ ويا پر چند ماڻهو ئي سماجي رشتا نڀائيندي امر رهيا آهن. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جمهوريت جو ابو هو. جنهن ڪڏهن بہ اصولن تي سوديبازي نہ ڪئي.

ڀين لاءِ جيئڻ جو فن سيڪاريو اقوام متحده جي پليٽ فارم ڪان ويندي اسلام آباد جي ايوانن تائين هن جو هڪ آواز هو. جيڪو هن ملڪ جي غريب طبقي جو هو، هو پاڻ جنگي قيدين جي آزادي ڪان ويندي زندگي جي هر پل ۾ عوام خاطر انتهائي بيقرار نظر آيا. هن جو رشتو عوام سان هڪ زنجير وانگي جڙيل هو. جنهن کي عوام جي دلين تان ميسارجي نٿو سگهجي. پاڻ شهادت جو جام اوتي چڙهيو پر اصولن تي ڪڏهن بہ سوديبازي نہ ڪئي نڪو سر جهڪايو، هر هنڌ تي پنهنجي اصولن مٿي اٽل نظر آيو، ڦاهي تي مرڪي چڙهيو ۽ مرڪون ۾ لازوال رونقون ڇڏي قوم کي ويڳاڻو ڪري هليو ويو. سندس اصول پرستي سبب اڄ ملڪ جو ٻچو ٻچو جيئي ڀٽو جو نعرو ٿو هڻي سنڌن جو پيغام اڄ پوري ملڪ ۾ جمهوريت جو راڳ بنجي گونجي رهيو آهي ۽ نا سمجهہ ٻار بہ جيئي ڀٽو جو نعرو ٿا هڻن. لاڙڪاڻي ۾ اڄ بہ اهي ڳالهيون راڄن ۾ ڳائجن ٿيون تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو محبتي رشتو منهنجي والد محترم ڪامريڊ تاج محمد ابڙو سان هو، انهيءَ ڪري هو اوطاق ۽ چيمبر تي ضرور ايندا هئا جتي هند ۽ سنڌ جي اديبن جا ميلا متل رهندا ۽ رات جي پهرن ۾ ڪچهريون رچنديون هيون. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بہ انهيءَ اوطاق تي ايندو هو جتي وڏا سياسي بحث ڇڙندا هئا شهيد ذوالفقار علي ڀٽو منهنجي بابا ڪامريڊ تاج محمد ابڙو کي صلاح مشورن لاءِ المرتضيٰ هائوس ۽ اسلام آباد گهرائيندو رهندو هو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي اسرار تي بابا ڪامريڊ تاج محمد ابڙو کي ڊائريڪٽ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج مقرر ڪرايو. جنهن دوران ڊائريڪٽ پرتيون نہ ڪيون ويندون هيون. امڙ ڳالهہ ڪندي آهي تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ دفعي جڏهن چيمبر تي آيو تہ بابا مرحوم کي چيائين تہ پنهنجو پٽ ڏيکار. گهڻي اسرار تي بابا تجڻن ۾ هوندي بہ مون کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڏيکاريو، جنهن مون کي ڳلن تي چمي ڏيندي پيار ڪيو آئون ڪيڏو نہ خوشنصيب انسان آهيان جو هڪ اهڙي امر شخص جي چپن جي چميءَ منهنجي ڳلن واس ڏنو، جيڪو جمهوريت جو بابا ۽ غريبن جو هڏ ڏوکي هو. سندن انهيءَ طبيعت ۽ عوام

جي هر پل محبتن جو ذڪر ڪندي بابا ڪامريڊ تاج محمد ابڙو اڪثر اها ڳالهه ڪندو هو تہ جي هن ڌرتي تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جنم نہ وٺي ها تہ نہ ڄاڻ ڌرتي واسين جو ڪهڙو حال ٿئي ها! اڄ بہ هيڏو سڄو عرصو گذرڻ باوجود بہ سموري ملڪ جو عوام ڀٽي جي نالي تي جان نثار ڪرڻ لاءِ آتو آهي. هينئر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سالگرهہ ملهائي پئي وڃي پوري پاڪستان مان هزارين ڀٽي جا ديوانا ڪي پيرين پنڌ تہ ڪي گاڏين جي قافلن ۾ لاڙڪاڻي پهچن پيا. پر انهن قافلن ۾ هڪ سوڳ وارو ماحول هن لاءِ آهي جو انهن جي قائد شهيد بينظير ڀٽو اڄ زندهہ نہ آهي جي هو زندهہ هجي ها تہ اڄ لاڙڪاڻي جون رونقون ئي ٻيون هجن ها. هن جي شهادت بعد غمن جا سايا اڄان تائين ڪارڪن لڏي تي برقرار آهن. محترمہ شهيد بينظير ڀٽو جيڪو پنهنجو والد جو پيغام کڻي ملڪ آئي هئي ۽ جمهوريت جي پيڙي کي اڳتي تارڻ پئي چاهيائين پر هن کي بہ ڀائرن ۽ پيءُ وانگر شهيد ڪيو ويو. جڏهن شهيد راڻي بينظير ڀٽو جلاوطني ختم ڪري ملڪ وَ ري تہ سندن آجيان لاءِ آئون بہ ڪراچي ۾ هيس، جتي جشن جون خوشيون بعد ۾ لوهہ جي لالاڻ ۾ رڱجي ويون ۽ سمورو ماحول سوڳوار بڻجي ويو. اڄ جتي شهيد راڻي بينظير ڀٽو جون يادون سندن پيءُ جي سالگرهہ ۾ ساريون وينديون تہ اتي وري شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو پيغام ورجايو ويندو. آئون پنهنجي پاران شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سالگرهہ جي موقعي تي رب ڪريم کان دعاگو آهيان تہ شل شهيدُ ڀٽي جي شيدائي سندن ڇڏيل جمهوريت جي واڳ کي اڳتي لاءِ انهيءَ جوش ۽ جذبي سان کڻي اڳتي وڃن جتي محترمہ شهيد بينظير ڀٽو ڇڏي وئي هئي.

---

**سوڀ، هلال پاڪستان، سنڌ، مهراڻ، سُڪار، سنڌو، فيصلو، خبرون، عبرت**

# شهيد محترمه بينظير ڀٽو

## جون يادگيريون

اج هر اک آلي آهي، ماحول ۾ سوڳ جا بادل جتي ڳوڙها ٽا هارين ته اتي سڏڪا ۽ هوڪارا هر دل کي آب هارڻ تي مجبور ٽا ڪري ڇڏين. اج اهو 27 ڊسمبر جو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن جي ڀيانڪ شام ، راولپنڊي جي لياقت باغ ۾ سنڌ راڻي شهيد بينظير ڀٽو کي اسان کان الڳ ڪيو ۽ هڪ وقت لاءِ سموري سنڌ ماتم بڻجي ويئي، سمورا شهر ويران بڻجي ويا. هر طرف افراتفري اهڙي ڏسڻ ۾ آئي جو هتي ماڻهن جي ذهنن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. هر طرف روڄ راڙو ڪندي، قاتلن کي پٽون پاراتا ڏيندي ماڻهو گهرن مان نڪري آيا. پنهنجي محبوب قائد شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت واري خبر ماڻهن جي ذهنن تي اهڙي نموني سان اپري جو هر ڪنهن ايئن ٿي سمجهيو ته انهن جي دنيا ويران ٿي ويئي آهي، جهڙوڪ انهن جي پنهنجي گهر جو ڀاتي شهيد ٿي ويو هجي، هر ماڻهو پاڻ کان بي خبر هو، ذهن ڪم ڪرڻ کان جواب ڏيئي ويٺا هئا ته اتي وري انتظاميه بيوس بڻيل نظر آئي. سمورو ملڪ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت تي غم ۾ بيحال بڻجي ويو. ان لمحي آئون سنڌ جي دل حيدرآباد ۾ هيس، جتي هر اک آلي هئي، هر ماڻهو قاتلن کي پٽون پاراتا ڏيندو ٿي رهيو.

ان وقت مون کي پراڻي دؤر جون يادگيريون ستائڻ لڳيون ۽ مون کي اهي ڏينهن ياد پيا، جڏهن آئون 10 سالن جي ڄمار جو هيس ته شهدادڪوٽ مان عورتن جي وين ۾ سوار ٿي انهن ساڻ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو سان مليو هيس ته اتي موجود عورتن شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو کي اهو ڇيو هو ته هي اوهان جي بابي مرحوم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي گهاٽي دوست ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو مويي پٽ آهي. ان کان بعد 1993ع ۾ جڏهن آئون وڪيل هيس ته ان وقت لاڙڪاڻي بار جي اندر شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو آئي ته اتي ساڻن باقاعده ملاقات ۽ حال احوال اورڻ جو موقعو مليو. اهو موقعو اڳوڻي سفير عبدالرزاق سومرو جي مهربانين سان ميسر ٿيو، جنهن جو مان وڪالت ۾ شاگرد هئس، اتي عبدالغفور ڀرڳڙي اڳوڻي روينيو وزير ۽ اڳوڻو وزير اعليٰ سنڌ رٽائرڊ جسٽس اختر علي جي قاضي ۽ هاڻوڪو لا منسٽر اياز سومرو به موجود هئا. جڏهن مان اچانڪ ايجنسين جي دائري هوندي وڪالت جي ڪاري ڪوٽ ۾ سرڪي سرڪي شهيد راڻي محترمه بينظر ڀٽو صاحبه جي چيئر پويان وڃي بيٺس. ساڻس ڳالهائڻ لڳس ته ايس پي اسپيشل برانچ اچي منهنجي هٿ ۾ هٿ ڏنو ته اوستائين مان شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو کي ٻڌائي چڪو هئس ته مان ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو پٽ آهيان، ان تي شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو ايس پي اسپيشل برانچ کي حڪم ڏنو ته نادر صاحب کو ميري سامني لائو. انهي کان علاوه شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي فيملي ۽ ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي فيملي جا مثال ۽ چرچا اڄ به لاڙڪاڻي جي هر گهٽي واهڻ رستي ۾ مشهور آهن.

1954ع ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو جن ٻاهرين ملڪ کان ڏيهه وريا ته ڪيس ملڪي سياست جي اڃا ڪا ڄاڻ نه هئي ته ان زماني ۾ سندس وڏو ڀاءُ سڪندر علي خان ڀٽو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي اسان جي اوطاق تي وٺي آيو هو، جتي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي آڱر بابي مرحوم ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي هٿ ۾ ڏيندي چيو هو ته هاڻ آئون اوهان ڏي نه ايندس، پر ذوالفقار علي ڀٽو ايندو. ان وقت ۾ اسان جي اوطاق پاڪستان ۾ ڏيهه توڙي

پرڏيهہ مشهور ٿي چڪي هئي، جتي نواب اڪبر بگٽي، عطاءُالله مينگل، مير غوث بخش خان بزنجو، مرحوم خير بخش مري، ولي خان، سائين جي ايم سيد، رسول بخش پليجو، مير رسول بخش خان ٽالپر، مخدوم طالب المولي، سوڀو گيانچنداڻي، مير علي احمد ٽالپر، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، مولانا جان محمد عباسي ۽ ٻيا ايندا رهندا هئا. هن کان بعد ۾ حالتن جي تبديلي سان گڏ جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وزير اعظم پاڪستان ٿيو تہ ان وقت ۾ چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ طفيل علي عبدالرحمان کي شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي چيو تہ منهنجي يار تاجل ابڙو کي سيشن جج ڪر، تنهن تي طفيل علي عبدالرحمان جواب ڏنو تہ اسان ڊائريڪٽ سيشن جج عدليہ ۾ مقرر ناهيون ڪندا، تنهن تي شهيد ڀٽو وراڻيو هو تہ جڏهن اوهان ڊائريڪٽ چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ٿي سگهو ٿا تہ پوءِ منهنجو مسڪين ڀاءُ تاجل بہ ڊائريڪٽ سيشن جج مقرر ٿي سگهي ٿو، اهڙي طرح عدليہ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن وڪيل کي ڊائريڪٽ سيشن جج مقرر ڪيو ويو.

سياري جي سرد راتين ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بابا مرحوم ڪامريڊ تاج محمد ابڙو باهہ جي مچ تي اسان جي اوطاق ۾ ويهي بي بي سي ريڊيو تي خبرون گڏجي ٻڌندا هئا ۽ گرمين ۾ وري شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اوطاق ٻاهران موڙن تي ويهي خبرون ٻڌندو هو. چار ڀيڻن مٿان جڏهن آئون بابا سائين کي پيدا ٿيس تہ ان وقت ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وزيراعظم پاڪستان هو. هن کي خبر پئي تہ تاجل کي پٽ ڄايو آهي تہ بحيثيت وزيراعظم مبارڪ ڏيڻ لاءِ آيو. ان وقت مان تنجڻ ۾ ٻڌل ماءُ جي هنج ۾ ستل هئس، ان لمحي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اسان جي خاص بورچي نوڪر ميوو کي حڪم ڏنو تہ تاجل جي پٽ کي کڻي اچ نوڪر امان کان هنج مان تنجڻ ۾ مون کي کڻي آيو ۽ اچي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي هٿن ۾ ڏنو، جنهن مون کي پيار مان چمي ڏيندي بابا کي چيو تہ تاجل مبارڪ هجي تنهنجي پيڙهي هلي ويئي.

پر اڄ وقت جي ستم ظريفي آهي جو شهيد ۽ هن جي لاڏلي ڌيءُ پنڪي شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جيڪو اسان جي قوم جو آواز ۽ سهارو هئي. سا بہ وقت جي بي رحم هوائن ۽ سازشن جي ور چڙهي، عوام جي حقن واري ويڙهاند ۾ شهادت جو جام اوتي چڪي آهي، جنهن جو غم اسان جي قوم صدين تائين بہ شايد وساري نہ سگهي ۽ نہ وري ڪو اهڙو ليڊر ورهين تائين پيدا ٿيڻ جي ڪا اميد نظر ٿي اچي.

اهو ئي ڪارڻ آهي جو اڄ اسان جي قوم شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو کي ياد ڪري زاروزار روئي رهي آهي ۽ پاڻ کي اڄوڪي حالتن ۾ اڪيلو ٿي محسوس ڪري. هاڻ انهن کي اها پڪ ٿي چڪي آهي تہ ڪوبہ اهڙو ليڊر ناهي رهيو جيڪو انهن جي ڳالهہ ڪري، انهن خاطر خطرن سان ڪيڏي، موت کي ڇاتي سان لاهي، اها هڪ ئي بينظير هئي، جيڪا بينظير ٿي ويئي ۽ ماڻهو هن جي غم ۾ بيحال ٿيڻجي ڪلهہ وانگي اڄ بہ اهو ٿا نعرو هڻن تہ

آج ڀي ڀٽو زندهہ هي، ڪل ڀي ڀٽو زندهہ ٿا.

# شاهه مردان شاهه

## پير پاڳارو

آئون وڏو خوشنصيب آهيان جو جنهن ضلعي ۾ بہ منهنجي والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي پوسٽنگ ٿي، اتي پاڻ سان مون کي بہ گڏ وٺي ويندو هو ۽ سنڌ جا تاريخي ماڳ مڪان، درگاهون سنڌس جي چيچ جهلي گهمڻ جو موقعو مليو. جڏهن 1978ع ۾ بابا ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي بدلي بطور ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ضلعي خيرپور ميرس ۾ ٿي تہ اتي مون کي ڪوٽ ڏيجي جو قلعو سچل سائين جي درگاهہ ۽ پير ڳوٺ ۾ سوني ڪلنگي پير صاحب جي درگاهہ گهمڻ لاءِ پير ڳوٺ وٺي هليو ۽ مون کي پير صاحبن ۽ سورهيہ بادشاهہ جي تاريخ ٻڌائڻ لڳو ۽ موجوده پير صاحب پاڳاري جي باري ۾ معلومات ڏني. هن ڪان پوءِ جڏهن مان سورهيہ بادشاهہ جون بہ ورسيون، هڪ ٽري ميرواهہ ۽ بوزدار وڏا ۾ ملهائي، جتي جنهن محبت جو ادبين ۽ ليڪڪن پير صاحب پاڳاري سان اظهار ڪيو تنهن کي پلا ڪهڙن لفظن سان ياد ڪري ڪهڙي معنيٰ ڏجي. اڄ موجوده پير صاحب پاڳارو خيرن سان پنهنجي ڄمار جا 81 سال پورا ڪري چڪو آهي ۽ سموري ملڪ ۾ سندن 81 هين سالگرهہ ملهائي پئي وڃي. مختلف ماڳن تي سندس عقيدتمند ۽ مريد ڪيڪ ڪاٽي سالگرهہ جون خوشيون پيا ميڙن ۽ پنهنجي محبت جو اظهار پير صاحب پاڳاري سان پيا ڪن. پير صاحب پاڳاري جي شخصيت جي حوالي سان ڪوڙ ساريون ڳالهيون مخلتف وقتن تي بحث هيٺ رهيون آهن. پاڻ هڪ روحاني رهبر ڪان ويندي سياسي ميدان تائين هر هنڌ ۽ جاءِ چانيل نظر ٿو اچي، سندن مريد سندن حڪم تي هر وقت لبيڪ ڪري ڦاهي تي بہ چڙهڻ لاءِ هر وقت تيار ٿا رهن، سندن ڪوشش سان حر مجاهد، حر فورس اڄ ملڪ جي سرحدن جي حفاظت ۾ لڳل آهي. پير پاڳاري جي شخصيت کي جيڪر ڏٺو وڃي تہ پاڻ هر وقت چاڪ چوبند نظر اچن ٿا ۽ ڪڏهن ڪنهن موڙ تي پاڻ حالتن سان سمجهوتو ڪندي ناهن ڏٺا ويا، هر دؤر جي حاڪمن اڳيان ڳالهيون صاف ۽ چٽيون رکيون آهن. تنهن کي هر ڪو سمجهي ۽ مڃي ٿو. پير صاحب پاڳاري پاران ڪيل پيشنگويون اڪثر هن ملڪ ۾ هڪ ڪڙو سچ ثابت ٿيون آهن. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ماڻهو پير صاحب پاڳاري جي ڪيل پيشن گوين کي معنيٰ خيز نظرن سان ڏسندا آهن ۽ هنن اڳڪٿين جي پويان هو اهو سمجهن ٿا تہ هاڻ ڪا وڏي تبديلي اچڻ واري آهي. پير صاحب پاڳاري ۾ جتي روحاني رهبر جون خاصيتون آهن تہ اتي پاڻ سياسي بصيرت جا بہ مالڪ آهن. سندس سياسي قد ڪاٺ تمام اونچو رهيو آهي. ملڪ جا وڏا وڏا سياستدان سندن محتاج رهيا آهن ۽ ڪنگري هائوس جا چڪر ڪاٽيندي ڏٺا ٿا وڃن. ملڪي توڙي غير ملڪي اڳواڻ پير صاحب پاڳاري کان ملڪي سياست تي ڳالهيون ڪرڻ اهم سمجهندا رهيا آهن.

پاڻ واحد روحاني پيشوا آهن، جيڪي هر دفعي ديدار ڪرائڻ وقت پنهنجي حر جماعت کي اهو چوندا رهيا آهن تہ پاڻ ۾ اتحاد رکو پاڙي وارن جو خاص خيال ڪريو، نماز پڙهو، روزا رکو، خيرات ڪريو. مقصد تہ پير صاحب پاڳارو پنهنجي جماعت کي صبر جي نصيحت ڪندو رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو پيراڻين گادين ۾ سندن گادي وڌيڪ سگهاري سمجهي ٿي وڃي.

هر سال جڏهن عيد ايندي آهي تہ پير صاحب پاڳارو پير ڳوٺ تشريف فرما ٿيندا آهن. جتي پنهنجي مريدن کي ديدار ڪرائيندا آهن جيڪي وڏيون منزلون مسافريءَ ڪري پارئين پچين اتي اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ هو پير صاحب پاڳاري جي ديدار ۾ عيد جون خوشيون پير ڳوٺ ۾ هڪ ٻئي سان پيچ پاڳاري جي نعرن سان ملي سموريون غميون وساري ڇهرن تي مرڪون سجائي محبت وچان ڀاڪر پائي هڪ ٻئي سان عيد ملندي خوشي محسوس ڪندا آهن ۽ هو پنهنجي پاڻ کي وڏا خوشنصيب سمجهندا آهن جو انهن جي عيد پير ڳوٺ ۾ پير صاحب پاڳاري جي ديدار سان ٿي آهي. اها خوشي ۽ اتي پاتل ڀاڪر انهن لاءِ امر ٿيجي ويندا آهن جن ڀاڪرن ۾ مرشد پير صاحب پاڳاري جي ديدار جون خوشيون سمايل هونديون آهن ۽ فضا پيچ پارڳاري جي نعرن سان گونجي اٿندي آهي ۽ سمورا مريد پنهنجي مرشد حضرت پير صاحب پاڳاري جي وڏي ڄمار لاءِ ڏٽي در دعائون گهرندا آهن.

اڄ بہ جڏهن برسات پوندي آهي ۽ ساوڻ جون مستيون عروج تي هونديون آهن تہ هر طرف پيچ پاڳارا جا نعرا گونجي اٿندا آهن ۽ هڪ پل لاءِ نہ وسرڻ جوڳيون يادون ذهن جي چائنٽ تي چٽجي وينديون آهن.

هن روحاني رهبر ۽ لازوال انسان پير صاحب پاڳاري جن پنهنجي جيون جا 81 سال پورا ڪيا آهن. انهيءَ زندگي جي سفر ۾ هن ڪڏهن لاها چاڙها ڏٺا هوندا پر پاڻ ڪڏهن مايوس ناهي ٿيو. هزارين چئلينجن کي منهن ڏيڻ باوجود هر وقت مطمئن ۽ پرسڪون نظر ايندڙ شخصيت آهي.

پير صاحب پاڳارو سنڌ جي انهن چند شخصيتن مان هڪ آهي جنهن تي اسان جي سنڌ ناز ٿي ڪري، پير صاحب پاڳارو جي حوالي سان اڪثر طور اها بہ ڳالهہ ڪئي ٿي وڃي تہ پاڻ سياست تي پي ايچ ڊي ڪري ويٺو آهي.

اڄ سنڌ ڄائي هن امر انسان جي 81 هين سالگره سموري سنڌ ۾ ملهائي پئي وڃي تقريبون ۽ پروگرام پيا ٿين ۽ سندن وڏي ڄمار لاءِ دعائون پيون گهريون وڃن اسان جي بہ خدا در اها دعا آهي تہ الله پاڪ شل هن سنڌ ڄائي پير صاحب پاڳارو کي وڏي عمر عطا فرمائي تہ جيئن هو اسان سنڌ واسين ۽ سموري ملڪ جي خدمت ڪندو رهي.

# شيخ اياز

## سنڌ جو مهان ڪوي

’پٽ! نالو ڇا آ؟‘

’منهنجو نالو نادر علي آهي.‘

’نالو تہ بادشاهي آهي، انشاءالله زندگي ۾ بہ بادشاهي ماڻيندين.‘

اهي لفظ هئا سنڌ جي مهان شاعر شيخ اياز جا جنهن پنهنجي گهر ۾ اسان سڀني گهر ڀاتين جي وڏي محبت ۽ پيار منجهان دعوت ڪئي هئي. ٿيو هيئن هئو تہ منهنجو والد صاحب ڪامريڊ تاج محمد ابڙو سکر ۾ سيشن جج طور بدلي ٿي آيو، جنهن جا شيخ اياز سان تمام پراڻا ۽ ويجها دوستانہ تعلقات هئا. شيخ اياز اسان جي ڳوٺ لاڙڪاڻي جڏهن بہ ايندو هئو تہ رهندو اڪثر اسان جي اوطاق تي ئي هئو. جتي بابا سائين ۽ شيخ اياز ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهري ۾ مگن رهندا هئا. نوڪر هڪڙا سگريٽ آڻي بس ڪندا هئا تہ وري ٻيا ٻيا سگريٽ ايندا هئا مگر نہ تہ سگريٽ ڪٽندا هئا ۽ نہ وري ئي شيخ اياز جي شاعري. البت رات جي جواني ضرور ختم ٿي ويندو هئي.

سکر کان بابا سائين جي بدلي تقريبن 1973ع ۾ ٿي وئي تہ شيخ اياز وري الوداعي دعوت ڪئي. ڪجھ سالن کان پوءِ وري ٻيهر بابا سائين اسپيشل جج اينٽي ڪرپشن سکر ٿي آيو. ٻيهر پوسٽنگ دوران شيخ اياز، فتاح ملڪ، تنوير عباسي، فتح الله عثماني، برڪت آزاد، رشيد ڀٽي ۽ ٻيا ڪافي اديب شاعر اسان جي اوطاق تي اچي ڪچهريون مچائيندا هئا.

شيخ اياز کي مون انتها درجي جو سادو محب وطن ۽ سچو انسان ڏٺو. هن کي سنڌ ڌرتيءَ سان انتها درجي جي محبت هئي، جيڪا هر وڏي شاعر کي هجڻ بہ کپي. منهنجي خيال ۾ اها شيخ اياز جي سنڌ ڌرتي ۽ هتان جي رهواسين سان محبت ئي هئي. جنهن سندس کي هن پرڳڻي ۾ لطيف سرڪار کان پوءِ شاعرن ۾ وڏي ۾ وڏو شاعر بڻايو. هن جو جيئن تہ واسطو شڪارپور ضلعي سان هئو ۽ شڪارپور جي ٻولي سنڌ جي انتهائي مٺڙي ٻوليءَ طور پوري هند سنڌ ۾ مشهور آهي. منهنجي شيخ اياز سان آخري ملاقات ڪراچي ۾ جمال ابڙي جي فرزند جي شادي جي موقعي تي ٿي هئي. جتي شيخ اياز سان ڪافي دير ڪچهري رهي. هو مون کان گهَر جي سڀني ڀاتين متعلق پڇندو رهيو، منهنجي ۽ منهنجي ننڍن ڀائرن جي مستقبل لاءِ صلاحون ڏيندو رهيو.

هن وقت جڏهن تہ شيخ اياز اسان جي وچ ۾ نہ آهي پر سندس هن ڌرتي سان لاڳاپيل شاعري هميشہ اسان توڙي اسان جي ايندڙ نسل ۾ زندهہ رکندي. شيخ اياز جهڙا عظيم شاعر ئي عظيم قومن جو سرمايو هوندا آهن.

منهنجا هي ڪجهہ جملا شيخ اياز جهڙي وڏي هماليہ جبل جيڏي وڏي شخصيت آڏو ڪجهہ بہ ڪونہ آهن پر سندس ياد تہ تازي ڪن ٿا.

---

**سنڌ، شام، تعمير سنڌ، عبرت، هلال پاڪستان، عوامي آواز**

# شهيد ملڪ آگاڻي

## دراما نگار، ڪهاڻيڪار ۽ ليکڪ

سونهاري سنڌ انيڪ موتين جهڙا ماڻهو پيدا ڪيا آهن جن مختلف شعبن ۾ نمايان ڪم سرانجام ڏيئي سنڌ ماتا جي مٽيءَ جو مانُ مٿانهون ڪيو آهي. سنڌ ڌرتي تہ سمورو سُون آهي پر جي رڳو فقط لاڙڪاڻي تي ئي هڪ نظر وجهبي تہ لاڙڪاڻو ڪنهن بہ طرح سان سنڌ جي ٻين ضلعن کان شخصيات جي حوالي کان پٺتي نظر ڪونہ ايندو پوءِ پلي سياست هجي، ادب هجي، مذهب هجي يا سماجي ڪمن جو سلسلو هجي. لاڙڪاڻي جي قدرت ڪا مٽي ئي اونچي ناهي آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد بينظير ڀٽو، نواب نبي بخش خان ڀٽو، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، ڪامريڊ تاج محمد ابڙو، ڪامريڊ نظير حسين جتوئي. مولانا جان محمد عباسي، ڊاڪٽر خالد محمود سومرو ۽ رئيس جان محمد جوڻيجو ۽ ٻيا اهڙا ڪوڙ سارا انسان جن پنهنجون سڄي جون سڄيون ئي حياتيون عوام جي ڀلي لاءِ وقف ڪري ڇڏيون.

اهڙن ئي ڀلارن انسانن منجهان هڪ ڀلارو انسان هو ملڪ آگاڻي. هاري جو پٽ هو. هن لاڙڪاڻي جي مشهور ادبي ڳوٺ آگاڻي ۾ هڪ غريب هاري جي ڪکائين گهر ۾ ڦرين جنوري 1949ع ۾ اک کولي. جيئن تہ هي غريب گهراڻي جو فرد هو، تنهن ڪري ئي هن اسان جي معاشري ڪي ۽ زندگيءَ کي اکين ۾ اکيون وجهي ڏٺو. پرائمري تعليم تہ پنهنجي ڳوٺڙي مان ئي حاصل ڪيائين، وڌيڪ تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪرڻ بعد پيغمبري پيشو ماستري اختيار ڪيائين ۽ پرائمري اسڪول ۾ استاد جي حيثيت ۾ ڪم ڪيائين. جيئن تہ آگاڻي کي قدرت طرفان ئي شاعري جي ڏات پڻ مليل هئي تنهن ڪري ئي 1972ع ڌاري کان لکڻ جي شروعات ڪيائين، سندس لکڻ جو انداز ڏاڍو ئي پيارو هو سندس لکڻ ۾ سنڌ جي ڀرپور اڙي جو نقش چٽو ۽ نمايان هوندو هو.

آگاڻي سنڌ جي وڏيرن جاگيردارن ۽ سردارن جي خلاف هو. جيڪو هڪ شاعر ۽ اديب کي هجڻ بہ گهرجي. آگاڻي سنڌ جي معاشي خصوصن ڳوٺن جو ترجمان هو. سندس شاعري ۾ 'سر ڪيڏارو' مشهوري ماڻي.

ملڪ آگاڻي سان توڙي جو منهنجو ڪو گهاٽو دوستاڻو رشتو نہ بہ هو، تڏهن بہ هو جڏهن بہ ملندو هو تہ وڏي محبت ۽ پاپوهہ منجهان ڪچهري ڪندو هو. اها منهنجي بدقسمتي هئي جو منهنجون ساڻس گهڻيون ڪچهريون وغيره ڪونہ ٿي سگهيون پر سنڌ جي وڏي ادبي درگاهہ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي

جي اوطاق تي هو ايندو هو جتي هن سان ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. سندس گهرو دوست ڪيھر شوڪت جيڪو سندس ڳوٺائي بہ هو. سو بہ اڪثر ساٽس گڏ هوندو هو.

آڳاٽي جو هڪ ناول ”نيروليءَ جو ڪن“ لکيو، جيڪو پڻ ڪافي مشهور ٿيو. ويجهڙ ۾ سندس ٻيو ناول ”سچ جا پاڇا“ پڻ شايع ٿيئي، مقبوليت ماڻي رهيو آهي، هن ڪافي ڪهاڻيون لکيون ۽ ڪوڙ سارا ڊراما پڻ لکيا، جيڪي پاڪستان ٽيليويزن تان ڏيکاريا ويا.

آڳاٽي سياست ۾ بہ ڪافي سٺو ڪردار ادا ڪيو. شهيد فاضل راهو، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، جي ايم سيد ۽ رسول بخش پليجي سان تمام گهڻو ويجهو رهيو. سياست جي شوق ڪافي دفعا جيل ۾ بہ اماڻيس. هن پنهنجي ڳوٺ ۾ سماجي ڀلائي جي ڪمن ۾ ڀرپور حصو ورتو. هن ڳوٺ ۾ ئي فلاحي تنظيم ڳوٺ سڌار ڪاميٽي پڻ ناهي. هو غريب، مسڪين، ابوجهہ ۽ ڀيرين اگهاڙن ماروئڙن جي انهي تنظيم ذريعي مدد ڪرڻ جو حامي ٿي رهيو. شايد اهو عملي ڪم علائقي جي روايتي وڏيرن کي ڪو نہ پئي وڻيو جو سندس پٽ تنوير ۽ ڪيس اهڙي نموني سان شهيد ڪيو ويو جو اهو سوچيندي اسان جا لڱ ڪانڊار جي وڃن ٿا.

اڄ ملڪ آڳاٽي اسان جي وچ ۾ ڪونہ رهيو آهي پر هن جي شهادت هڪ ڏينهن ضرور رنگ لائيندي. هن جون لکڻيون ۽ سنڌ ڌرتي سان پيار وارو عملي ڪم هن کي سنڌ جي تاريخ ۾ ساڃهيندا رهندا.

---

**عوامي آواز، مهراڻ، سنڌ، هلال پاڪستان، سچ، هلچل، سنڌو، عبرت، تعمير سنڌ**

# شاهنواز جوڻيجو

## سنڌ جو ڪلاسيڪل وڏيرو

سنڌ اوليائن ۽ بزرگن جي سرزمين طور ڏيهان ڏيهه مشهور آهي. هن ڌرتيءَ تي ڪجهه اهڙن ڪردارن پاڻ ملهايو، جن ڪي وسارڻ باوجود به اهي چهرا سنڌي عوام جي ذهنن تان پردو ناهي ڪري سگهندا. انهن چهرن مان سنڌ جو مهان چهرو چاچا مرحوم شاهنواز جوڻيجو به هڪ آهي. هن جا عڪس اڄ به سنڌ جي هر طبقي جي نيڻن ۾ سمايل نظر ايندا آهن. هن سنڌ جي وڏيرڪي طبقي ۾ ڪلاسيڪل وڏيري جي حوالي سان تمام گهڻي مشهوري ماڻي. منجهن بي پناهه خوبيون ۽ صلاحيتون سمايل هيون. انتهائي محبتي ۽ بي پناهه پيار ڪندڙ انسان هو. هو شروع کان آخر تائين انسانيت جي بقا لاءِ جهاد جاري رکندو آيو. هن ڪڏهن ڪنهن موڙ تي ساهي نه پٽي. هن جي اندر ۾ محبت جو جذبو ۽ بي پناهه قوت هر وقت ڪنهن حاصلات ۾ پتوڙيندي نظر ايندي هئي. چاچا شاهنواز سان منهنجي پهرين ملاقات سن 2003ع ڌاري ٿي هئي. جڏهن آئون سرڪل آفيسر عمرڪوٽ هئس ۽ صوبائي صلاحڪار فقير محمد جادم منگريو جي والده ماجده جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪرڻ لاءِ سندس ڳوٺ ويو هئس ته اتي ڪائنس ڪجهه پلن لاءِ ڪچهري ٿي. بعد ۾ پاڻ مونکي ڳوٺ اچڻ جي دعوت به ڏنائون. ساڻس اها منهنجي پهرين ۽ آخري ملاقات هئي. تنهن بعد زندگيءَ ۾ وري ڪڏهن اهڙو موقعو نصيب نه ٿيو. سياسي ميدان ۾ پاڻ ڪنهن کان پوئتي نظر نه آيو. پاڻ سنڌ جي غريب عوام جي حقن حاصلات لاءِ سياست ۾ ڀرپور سياسي قوت سان لٿو ۽ مختلف پارٽين ۾ رهيو. سياسي ميدان ۾ ساڻس وڏا وڏا ليڊر به بحث ڪرڻ کان لنوائيندا هئا. پاڻ، سچو، کرو ۽ کير کان به وڌيڪ صاف شفاف انسان هو. جيڪا ڳالهه سامهون ايندي هئي سا چئي ڏيندو هو. هن جي انهيءَ عادت ڪارڻ ڪافي دوست رسندا به هيا پر پاڻ ڪڏهن به پنهنجي موقف ۽ اصولن تي سودو نه ڪندو هو ۽ نه ئي همت هاري. هو هر مامري ڪي هر وقت مڙس ٿي منهن ڏيڻ لاءِ سنبريو بيٺو هوندو هو.

چاچا شاهنواز خان جوڻيجي جي زندگي ۾ شروع کان آخر تائين عجيب رنگ رهيا. پاڻ گهوڙن جي ريس کان ويندي ڪڪڙن جي ميل ۽ ڪتن جي شڪار جا به تمام وڏا شوقين هئا. غريب غربي جي مدد ڪرڻ، ڪيس انصاف ونرائي ڏيڻ، حق تي فيصلا ڪرائڻ، هر سڌ ۾ گڏ انهن ساڻ هجڻ هن جي وڏي خوبي چئي ويندي هئي. هن جي اوطاق ڪچهري جي ڪوڏين لاءِ انتهائي راحت ڀري ثابت ٿيندي هئي. هن ماڻهو ۾ فيصلا ڪرڻ جي جرئت ۽ ماڻهن کي مطمئن ڪرڻ جو بي پناهه فن هو. انهن ئي ڳالهين جي ڪري سندس شخصيت سنڌ ۾ تمام گهڻي پذيرائي حاصل ڪئي ۽ سنڌي ماڻهن ڪيس سنڌ جي

ڪلاسيڪل وڏيري جو لقب ڏنو. اهو لقب هن لاءِ يادگار ثابت ٿيو. پر اڄ سنڌ جو اهو ڪلاسيڪل وڏيرو اسان کان وڇڙي چڪو آهي، تنهن بعد وري ڪو اهڙو وڏيرو اسان کي نظر نہ آيو. جيڪو اهڙي پروقار شخصيت جو مالڪ هجي. اڄ اسان وٽ وڏيري لفظ کان ماڻهو خوف کائين ٿا، ڇو جو ان لفظ کي زيادتين جي حوالي سان تمام گهڻو ياد ڪيو ٿو وڃي، جنهن ڪارڻ هن لفظ جي اسان وٽ اهميت بہ ڪري پئي آهي.

بابا ڪامريڊ تاج محمد ابڙو سان چاچا شاهنواز جوڻيجو جو انتهائي ويجهو لاڳاپو رهيو ۽ اڪثر پاڻ سندن ذڪر ڪندا هئا. هو اڄوڪي سنڌ جو اڪيلو ڪلاسيڪل وڏيرو هو. مونکي ائين لڳي ٿو تہ ڄڻ ڪالهوڪي ڳالهہ آهي. اسان ماڻهو خوشنصيب ۽ سنڌ ڌرتي مهان آهي جنهن جي پيٽ مان انهن ديوتا نما انسانن جنم ورتو، جن جا نغما اڄ پوري سنڌ ۾ جهونگاريا وڃن ٿا. اهي ماڻهو اسان وٽ ناهن رهيا پر انهن جون يادون، خيال ۽ سپنا اسان جي چوگرد گهمن ٿا ۽ اسان کي سندن هر هر يادگيريون اچن ٿيون تہ اوهان آهيو ڪٿي ۽ هي ڇا پيا ڪيو؟ اسان جو ڏنل درس ڇا اوهان کان وسري ويو آهي؟ اهي ڳالهيون زندگي جي حسين لمحن ۾ سدائين يادن جي ٿياس تي ٽنگي ڇڏينديون آهن.

اڄ چاچا شاهنواز خان جوڻيجو جي ٻي ورسي آهي ۽ انهيءَ ڏينهن تي منهنجي سنڌ جي سمورن سڄاڻ سلجهيل طبقن، اديبن، دانشورن، صحافين، سياستدانن، قلمڪارن ۽ سماجي اڳواڻن کي اها وينتي آهي تہ پنهنجي مهان ماڻهن کي سڃاڻو ۽ انهن جي پرگهور لهو، ڇو جو اهي ڇهرا سنڌ جو لازوال خزانو آهن.

---

تعمير سنڌ، خبرون، هلال پاڪستان، سڪار، سنڌو، فيصلو، مقدمو، هلچل، عبرت، ڪاوش

# شاهنواز حيدري

## بيباڪ ۽ ارڏو صحافي

سونهاري سنڌ انيڪ موتين جهڙا ماڻهو پيدا ڪيا آهن، جن مختلف شعبن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي سنڌ ڌرتي جو مانُ مٿانهون ڪيو آهي. اهڙين ئي سنڌ جي پلوڙ شخصيتن منجهان خيرپور ميرس ضلعي جو نامور ۽ جهونو صحافي حاجي زوار شاهنواز حيدري بہ هڪ هو. بنيادي طرح هو هڪ غريب خاندان مان هو. سندس والد فقير ڪوڙل مڱڻهار خيرپور ميرس ۾ شادين ۽ طهرن ۾ شرنايون ۽ دهل وڄائي ماڻهن کي خوشيون ڏئي لطف اندوز ڪندو رهيو. هن جي گهر ۾ جڏهن پٽ شاهنواز حيدري ڄائو تہ مڱڻهار برادري وڏيون خوشيون ملهائيون، ڪيس سندس والد غريبي حالت ۾ ست جماعتون پاس ڪرايون، جيئن تہ بنيادي طرح هي غريب گهراڻي جو هو ۽ سنڌ ۾ سردارن، پيرن ميرن ۽ وڏيرن طرفان سنڌ جي غريب پيڙهيل طبقي مٿان ڏاڍ ۽ ڏمر ڏسي ڪيس جذبو پيدا ٿيو تہ غريب ۽ مسڪين لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ ڪجي سندس ان اندر جي پيڙا رنگ لاٿو.

ڪنهن ڏاهي جي چواڻي تہ رياست جا اهم شعبا عدليا، پارليامينٽ، بيورو ڪريسي ۽ پريس آهن. جن جو رياست ۾ اهم ڪردار آهي. حاجي زوار شاهنواز پريس جهڙي مقدس ۽ پيغمبري پيشي سان منسلڪ ٿي ويو ۽ ان وقت جي سنڌ جي هڪ وڏي سنڌي اخبار جو ضلعي رپورٽر ٿيو. حاجي زوار شاهنواز حيدري کي سياست سان بہ تمام گهڻي دلچسپي هئي اهو ئي سبب آهي جو مشهور سياستدان ذوالفقار علي ڀٽو، غلام مصطفيٰ جتوئي، هادي بخش لاڙڪ وڪيل، سيد اميد علي شاهہ ۽ سيد غوث علي شاهہ، سيد قائم علي شاهہ جن جي ٿيندڙ سياسي جلسن ۾ ضرور شرڪت ڪندو هيو. تنهن ڪري ئي سنڌ جي ڪافي سياستدانن جي ويجهو رهيو. صحافت ۾ سندس محنت ۽ شوق جي بدولت ضلعي خيرپور ميرس جي صحافين ڪيس صدر پريس ڪلب خيرپور ميرس بڻايو ۽ ڪجھ عرصو صدر جي حيثيت ۾ صحافين ۽ پريس ڪلب جي خدمت ڪيائين. هن جو سنڌ جي غريب طبقي سان وڏو لڳاءُ هيو. اهو ئي سبب آهي جو علائقي جي مسئلن تڪليفن ۽ بي زبان مسڪينن جي آواز کي اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ ڪري علائقي جي ڪافي ڏتڙيل ڳوٺن کي روڊ، رستا، اسڪول ۽ اسپتالون مليون. هونئن بہ صحافي اگر نيڪ نيتي ۽ سچائي سان صحافت جهڙي مقدس ۽ پيغمبري پيشي کي ۽ پنهنجي قلم کي حقيقي معنيٰ ۾ استعمال ڪري تہ مان سمجهان ٿو تہ سنڌ جي غريب بي پهچ ۽ مسڪين طبقي جي قسمت ئي ڦري وڃي.

حاجي زوار شاهنواز حيدري جي سيني دوستن جو دائرو بہ وسيع هيو. سندس گهاٽن يارن منجهان ڊاڪٽر تنوير عباسي، پروفيسر عطا محمد حامي، تاجل بيوس، استاد بخاري ۽ پروانو ڀٽي سر فهرست آهن. سيد اميد علي شاهہ عرف ڏاڏا شاهہ جيلاني جي مالي مدد ڏيڻ تي سندس پٽ جي نالي سان منسوب "جاويد" اخبار خيرپور ميرس مان ڇپي. ان اخبار ۾ ڏينهن رات محنت ڪري جاويد اخبار جي سرڪيوليشن وڌايائين. حاجي زوار شاهنواز حيدري سچل سرمست جو پانڌيئڙو بہ هيو. هو هر سال ميلي تي وچي اخبارن ۾ ميلي جو احوال لکڻ ۽ فوٽو گرافي ڪرڻ جي حوالي سان پڻ مشهور رهيو.

انهي شوق ڪري سنڌ جي مشهور صوفي فنڪارن وغيره سان پڻ سنگت ٿيس. جن ۾ سهراب فقير، محمد يوسف ۽ ٻيا ڪوڙ سارا فنڪار سندس دوست رهيا.

اڄ سندس ستين ورسي آهي. جيتوڻيڪ جسماني طرح حاجي زوار شاهنواز حيدري اسان جي وچ ۾ نہ آهي پر سندس سنڌ جي اخبار ۾ لکيل مضمون ڪيس سنڌ جي تاريخ ۾ زندهہ رکندا ۽ سنڌ جي صحافين لاءِ مشعل راهہ وارو ڪردار ادا ڪندا رهندا.

---

**سنڌ، عبرت، سنڌو ڊائجسٽ، تعمير سنڌ، مهراڻ، هلال پاڪستان**

# شهيد ڊي آءِ جي عبدالعزيز بلو

## معروف ايماندار پوليس آفيسر

اڄ مان پهريون دفعو ڪنهن پوليس آفيسر جي ياد ۾ تعريفي مضمون لکي رهيو آهيان. پوليس ته آهي ئي پوليس، انهي جي مان تعريف ڪرڻ گناهه مثل ٿو سمجهان پر وڏڙن جو چوڻ ته پنج ئي آڱريون برابر ڪونه ٿين. پوليس جي ڪاتي ۾ واقعي ڪجهه پوليس آفيسر جن ۾ اي ڊي خواجا، غلام قادر ٿيٻو، بشير احمد ميمڻ، ثناءَالله عباسي، ڊاڪٽر ولي الله دل، سلطان خواجا ۽ فتح علي خواجا اهڙا پوليس آفيسر آهن، جن جي تعريف ڪرڻ هنن جو حق به ٿئي ٿو. اهڙن ئي ايماندار پوليس آفيسرن منجهان، هڪ پوليس آفيسر عبدالعزيز بلو به هيو. منهنجا سندس گهراڻي سان ويجها تعلقات رهيا، شهيد بلو منهنجي وڏي ڀيٽيوي جو ويجهو دوست رهيو. سندس ننڍو ڀاءُ علم دين وري چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ منهنجي ٻئي ڀيٽيوي ۽ ڀيڻ سان گڏ پڙهيو. جڏهن مان سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن شهدادڪوٽ هوس، ته سندن ٽيون ڀاءُ حافظ عبدالهادي منهنجو ايس پي اينٽي ڪرپشن لاڙڪاڻو رهيو. ڪوٽ بلو تعلقي پنو عاقل جي قابل احترام استاد عمرالدين بلو جي گهر ۾ اک کوليندڙ شهيد عزيز بلو پنهنجي ڀائرن ۾ سڀ کان وڏو ڀاءُ هو. هن پرائمري تعليم ڳوٺ ڪوٽ بلا ۾ حاصل ڪئي ۽ ميٽرڪ ڊي سي هاءِ اسڪول پنوعاقل مان ۽ انٽر ۽ بي اي لاءِ ڪيس سکر جي ياترا ڪرڻي پئي. شهيد عبدالعزيز بلو جو واسطو جيئن ته تعليمي گهراڻي سان هيو. سندس والد پرائمري ماستر هو. سندس والد پنهنجي هن پٽ جي اهڙي ته تربيت ڪئي جو اڳتي هلي بلو قبيلو هن سپوت ۽ گهراڻي تي فخر منجهان ڳاٽ اونچو ڪرڻ لڳو. هن پنهنجي ڪيريئر جو آغاز آبپاشي ڪاتي ۾ ڪلارڪ طور پرتي ٿي ڪيو. تعليمي گهراڻي سان واسطو هئڻ سبب هن قلم ۽ ڪاغذ کي ڪونه ڇڏيو ۽ 1970ع ۾ ليڪچرار طور پنهنجي والد وارو پيغمبري پيشو اختيار ڪيو. پر محنت وري به پنهنجي هٿان ڪونه ڇڏي ۽ مسلسل محنت جي نتيجي ۾ ئي شهيد عبدالعزيز بلو 1977 ۾ سي ايس ايس پاس ڪري اي ايس پي ٿيو ۽ ترقيون ماڻيندو آخرڪار ڊي آءِ جي جي عهدي تي رسيو. هي طبيعتن گهڻ ڳالهائڻو، غريبن جو هڏ ڏوکي ۽ مددگار، ايماندار نيڪ نمازي ۽ انصاف ڪندڙ پوليس آفيسر طور عوام ۾ مشهور رهيو. سندس ياري باشي ۽ دوستي جو دائرو تمام گهڻو وسيع هو، جنهن ۾ پنهنجي پنهنجي وقت جا وزيراعظم، صدر، گورنر، وزير اعليٰ، اسپيڪر، سياستدان ۽ عالم دين وغيره شامل آهن. جيئن ته شهيد عزيز بلو بنيادي طرح غريب خاندان سان واسطو رکندڙ هو. تنهن ڪري ئي مون هن ۾ غريب ماڻهن کي بي حد عزت ۽ مان ڏيندي ڏٺو. مون کي چڱي طرح ياد آهي ڪراچيءَ ۾ سندس ننڍي ڀاءُ جي شادي، جنهن ۾ مون کي به دعوت هئڻ سبب شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو، اتي غلام مصطفيٰ جتوئي، الاهي بخش سومرو ۽ ٻيا ڪوڙ سارا سياستدان ۽ معزز ماڻهو شريڪ

هئا. پر شهيد بلو جيتري انهن وڏن سياستدانن کي عزت ڏئي رهيو هو، اوتري ئي اسان جهڙن مسڪين آيل مهمانن کي بہ پئي ڏنائين، وري پيهر سندس گهراڻي جي شادي جي دعوت ۾ مون کي سڪر شرڪت لاءِ وڃڻو پيو، جتي بہ مون اها ڳالھہ چڱي طرح پيهر بہ پئي محسوس ڪئي، تہ شهيد عزيز بلو غريبن سان دل جي گهراين سان پئي مليو ۽ اهڙو ڪوبہ فرق محسوس نہ پئي ٿيو تہ هن شخص وٽ غريب ۽ امير لاءِ ڪو فرق آهي. تازو ئي شهيد عزيز بلو کي وزيراعظم پاڪستان مير ظفرالله جمالي جنهن سان شهيد عزيز بلو جا ذاتي دوستاڻہ واسطا پڻ هئا، تنهن سندس ايماندارانہ روين ۽ عوامي خدمتن جي حوالي سان هن کي پنهنجي صوبي بلوچستان جي سبي ۽ نصيرآباد ريجن جو ڊي آءِ جي طور رکرايو تہ جيئن شهيد عزيز بلو جا سنڌ جي عوام جي خدمت ڪري مشهوري ماڻي سا بلوچستان جي ماڻهن جي بہ ڪري سگهي. هن ۾ ڊي آءِ جي جي عهدي تي پهچڻ ڪان پوءِ بہ ڪنهن بہ قسم جي وڏائي يا مغروريت، جا اڪثر پوليس آفيسرن ۾ ٿيندي آهي سا ڪو نہ آئي. سندس ماتحت عملي لاءِ پنهنجي اولاد جيان ڇپر ۽ ڇانو رهيو. اهو ئي سبب آهي جو سندس شهادت کان ڪجھہ گهڙيون اڳ رات جو ايس ايچ او پاڳ ناڙي جي زخمي ٿيڻ جو اطلاع مليس، جنهن تي هو سندس طبيعت پڇڻ لاءِ گهران نڪتو تہ نوتال وٽ هٿياربندن ڦر لٽ دوران خوف منجهان پوليس موبائيل ڏسي هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا ۽ عبدالعزيز بلو موقعي تي جام شهادت پيتو، هن مهل شهيد عزيز بلو اسان جي وچ ۾ تہ ڪونہ رهيو آهي پر هو سنڌ توڙي بلوچستان جي عوام جي دلين ۾ سندس ڪيل خدمتن جي حوالي سان هميشہ زندھہ رهندو. شهيد عزيز بلو واقعي بہ پوليس جي ڪاتي جو مان، شان ۽ عظيم سرمايو هو. هو پوليس جي نوجوان آفيسرن لاءِ پڻ مشعل راھہ آهي.

---

هلال پاڪستان، سنڌ، مهراڻ، سنڌو، تعمير سنڌ، سچ، هلچل

# ظفر ڪاظمي

## رنگن جي شهنشاهہ جو لاڏاڻو

ظفر ڪاظمي جي لاڏاڻي بعد مصوري جي جهان ۾ شانت چانيل آهي. پنهنجي مصوري وسيلي پوري جڳ ۾ پاڻ ملهايو تہ اتي وري ڪين لاتعداد ايوارڊ مليا، هن سنڌ جي انتهائي حسين منظرن کي ڪينواس تي چٽيو. هو مسلسل ٽن سالن کان بيماري سان ويڙهاند ڪندي آخرڪار 73 ورهين جي ڄمار ۾ اڻ ميون يادون ڇڏي اسان کان وڇڙي ويو. هن جو شمار سنڌ جي اهم شخصيت ۾ ڪيو ٿي ويو. اڄ سندن لاڏاڻي بعد جيڪي هن سنڌ جا منظر چٽيا هئا اهي سمورا اسان کان اهو سوال ٿا ڪن تہ ڇا اوهان ظفر کي اهو ماڻُ مرتبو ڏنو، جنهن جي هو لائق هو.

ظفر ڪاظمي سيد مير محمد شاهہ جي گهر ۾ 25 ڊسمبر 1933ع ڌاري دادو ضلعي جي ڳوٺ آمري ۾ جنم ورتو. هن پرائمري تعليم آمري ۽ نيل داس ڪالوني اسڪول پاڪستان چوڪ ڪراچي مان حاصل ڪئي. انگريزي جو پيو درجو سنڌ مدرسہ السلام ڪراچي مان حاصل ڪيو. 1945ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو ۾ داخل ٿيو جتي هن انٽرميڊيٽ ڊزائين گرڊ ٽاپ پوزيشن سان حاصل ڪيو. 1950ع ۾ جي جي وي ڪراچي مان پاس ڪيائين. 1954ع ۾ حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج مان سنڌ ٽيچر سرٽيفڪيٽ امتحان ٽاپ پوزيشن مان پاس ڪيو. 1979ع ۾ ميوزالائجي ۾ پوسٽ گريجوئيٽ برطانيا مان ڪيائين. ظفر ڪاظمي 1948ع انٽر ڪلاس دؤران پينٽنگ ۽ ماڊلنگ ۾ پهريون انعام حاصل ڪيو. 1951ع ۾ ڪراچي جي اين جي وي اسڪول ۾ ڊرائنگ ٽيچر مقرر ڪيو ويو جتي هو 9 سال استاد رهيو. 1954ع ۾ شاهہ لطيف اسڪول حيدرآباد ۾ پينٽنگ ۾ پهريون نمبر حاصل ڪيائين ۽ 1976 ۾ حيدرآباد گورنمينٽ ڪاليج ۾ آل گورنمينٽ ٽيچر ڪانفرنس ۾ پهريون انعام ڏنو ويو. ظفر ڪاظمي جي پهرين نمائش 1958ع ۾ پٽ شاهہ ۾ ٿي، تنهن جو افتتاح ڏهوڪي صدر ايوب خان ڪيو. 1959ع ۾ آل پاڪستان ٽوئرز ۾ پوسٽر مقابلي ۾ قومي سطح تي ڪيس پهريون انعام ڏنو ويو. 1960ع ۽ 1961ع ۾ ڪاظمي کي سنڌ ايجوڪيشن ڪانفرنس دؤران آرٽ ٽيچر پينٽنگ نمائش ۾ پهريون انعام مليو . ظفر ڪاظمي جي تصويرن جي نمائش 1979ع ۾ انگلينڊ جي برمنگهم ميوزم ۽ آرٽ گيلري ۾ ٿي ۽ 1982ع ۾ سگا طرفان حاجي جمن ابراهيم گولڊ ايوراڊ مليو 1970ع ۽ 1980ع ۾ کيس پاڪستان ۽ فرانس حڪومتن پاران آرڪيالاجي جي ايوارڊ لاءِ نامزد ڪيو ويو. 1985ع ۾ ٿرپارڪر ميلي ۾ کيس سنڌ ايوارڊ ڏنو ويو. هلال احمر حيدرآباد طرفان کيس آزادي واري ڏهاڙي تي 1985ع ۾ بيسٽ پرفارمنس ايوارڊ ۽

آمريڪي اداري طرفان ليڊر شپ ايوارڊ ڏنا ويا. 1997ع ۾ ڪيس ٻاراڻي رسالي نت ڪٽ طرفان لائف تائيم اچيومينٽ ايوارڊ ڏنو ويو. 1998ع ۾ ظفر ڪاظمي اي ڪي پي شيخ ايوارڊ ڏنو ويو. سنڌ ثقافت کيس 1999ع ۾ لطيف ايوارڊ سان نوازيو. 2006ع ۾ يوم مادرن وطن تقريب ۾ ظفر ڪاظمي ثقافت ايوارڊ ڏنو ويو. سيد ظفر ڪاظمي پنھنجي ڪيريئر دؤران ڪيترن ئي اهم عهدن تي رهيو. هو اين جي وي اسڪول ڪراچي جي انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو اولڊ ڪئمپس ۽ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ ڊرائنگ ٽيچر رهي چڪو آهي. سنڌ جي صوبائي ميوزم حيدرآباد ۾ ٽيڪنيڪل آفيس جي عهدي تي رهيو. سنڌ ميوزم ۾ پهرين اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ۽ پوءِ ڊائريڪٽر جي عهدن تي رهي چڪو. هن سنڌ ميوزم حيدرآباد، ٿرپارڪر ميوزم ميرپورخاص، ڀٽ شاهه ميوزم، سيوهڻ ميوزم، لاڙ ميوزم ۽ بدين ميوزم ۾ ڪردار ادا ڪيو. هن شمس العلماءَ علامه بن دائود پوٽا لائبريري حيدرآباد ڀٽ شاهه ۾ شاهه جو باغ ۽ سنڌ مدرسي ميوزم جي اندروني ڊزائين ۽ گيلري جي ڊزائين پڻ ڪئي.

ظفر انتھائي پلو ماڻھو هيو ۽ سنڌي عوام کي آخري پنھنجو پيغام ڏيندي چيو ته اول امان، آخر امان جي پيٽ ۾ انسان ڪيڏو نه خوش هيو هاڻ وري امان جي دنيا ۾ خوش رهندو مٽيءَ کي ماُن ڏيو امان جو گهر آباد ڪيو. لطيف اوسر ڏني. خود غرضيءَ سنڌ جي عظمت وڃائي. سمجهو سکو ۽ پڙهو.

ظفر ڪاظمي جي آخري پيغام کي سمجهڻ جي ضرورت آهي، بابا سائين مرحوم ڪامريڊ تاج محمد ابڙو اڪثر اها ڳالھ ڪندو هو ته اهي ئي ماڻھو آخرت ۽ دنياوي زندگي ۾ ڪاميابي ماڻي سگهن ٿا جيڪي پنھجي وڏڙن جي پيغام تي هلن ٿا. سو ظفر ڪاظمي به سنڌ جو لازوال انسان هو جيڪو بي مثال بڻجي اڄ اسان کان وڇڙي چڪو آهي.

---

**سنڌو ڊائجسٽ، هلچل، عوامي آواز، مقدمو سوڀ، هلال پاڪستان، سنڌ، سڪار، فيصلو عبرت، تعمير سنڌ، خبرون**

# عبدالحميد خان جتوئي

## سنڌ جو ارڏو قومپرست

عبدالحميد خان جتوئي سان منهنجي پهرين ملاقات 1997ع ڌاري ٿي، جڏهن منهنجي پوسٽنگ بحيثيت ايڊيشنل سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن دادو ٿي ته مان عبدالحميد خان جتوئي سان ملڻ سندس ڳوٺ پيرو جتوئي ويندو هئس، حالانڪ ساڻس منهنجون ملاقاتون بلڪل مختصر رهيون پر حياتي ۾ جن سنڌ جي وڏين وڏين شخصيتن مونکي ڪچهرين ۾ متاثر ڪيو، جتوئي صاحب به انهن مان هڪ شخصيت هئو، سندس ڪچهري ۾ وڏو مزو ۽ لطف ايندو هيو، عبدالحميد خان جتوئي منهنجي والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو دوست هئو.

عبدالحميد خان جتوئي پنهنجي ڪچهرين ۾ مونکي بابا سائين جون ڳالهيون به ٻڌائيندو هو، حقيقت ۾ هو پنهنجي سر پاڻ هڪ انجمن ۽ ادارو هيو، سنڌ جي هن ارڏي قومپرست، سنڌ پرست سياستدان سياست جي باقاعده شروعات 1940ع ۾ مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان ڪئي، هو پاڪستان جي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ سرگرم رهيو ۽ جواهر لعل نهرو جي ميهڙ اچڻ تي سندس خلاف سخت نعري بازي ڪئي، 53_1952ع دوران پاڪستان جي پهرين قانون سازي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ ون يونٽ جي سخت مخالفت ڪري سڄي سنڌ ۾ وڏي مڃتا ماڻي، هو 1954ع ۾ مسلم ليگ مان ڌار ٿي ويو ۽ 1956ع ۾ دادو ضلعي مان 6 جي پينل تان اولهه پاڪستان اسيمبلي ۾ ويو جڏهن ته ايوب خان جي مارشل لا بعد 1962ع ۾ ڪنوينشن مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان ايم اين اي چونڊيو، 1965ع وارين چونڊن ۾ جڏهن دادو ضلعو هڪ تڪ هو ته ان وقت جي ايم سيد جي پٽ سيد امداد محمد شاهه جي مقابلي ۾ بيٺو، جنهن ڪانپوءِ ذوالفقار علي ڀٽو جي خالي ڪيل سيٽ تي، لاڙڪاڻي واري تڪ تي سردار پير بخش ڀٽو جي مقابلي ۾ بيٺو ۽ هارائي ويو.

1967ع ۾ جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پ پ ناهي ته پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪيائين ۽ 1970ع وارين چونڊن ۾ پ پ جي پليٽ فارم تان ڪامياب ٿيو، ان وقت هن جو ذوالفقار علي ڀُٽي جي ويجهن ساٿين ۾ شمار ٿيندو هو، ذوالفقار علي ڀُٽي کيس اولهه پاڪستان ڊولپمينٽ ڪاميٽي جو چيئرمين به مقرر ڪيو. انهن ئي ڏينهن ۾ ڪن ڳالهين تان شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي سان سندس اختلاف ٿي پيا، 1973ع ۾ جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي آئين ناهيو ته صوبن کي خودمختياري نه ملڻ ۽ قومن کي نه مڃڻ ڪري هن 1973ع واري آئين تي صحيح نه ڪئي، هو سنڌ جو پهريون اهڙو اڳواڻ هو، جنهن شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جهڙي شخصيت جي به مخالفت ڪئي، 1973ع واري سال ۾ کيس جيل به وڃڻو

پيو، 1976ع واري اليڪشن ۾ پ پ سندس وڏي پٽ لياقت علي جتوئي کي ايم اين اي جي سيٽ لاءِ ٽڪيٽ ڏني، سندس ڪاميابي کان پوءِ عبدالحميد خان جتوئي سياست تان رٽائر ٿيڻ جو اعلان ڪيو پر بعد ۾ دوستن ۽ عوام جي اسرار تي اهڙو فيصلو واپس ورتائين، ضياءَ جي مارشل لا دوران سنڌ دشمن منصوبن خلاف جدوجهد ڪرڻ ۽ ضياءَ جي پاليسين جي مخالفت سبب 1989ع ۾ جيل به ويو.

1985ع ۾ جڏهن غير جماعتي چونڊون ٿيون ته هو وري ايم اين اي چونڊيو ويو ۽ مخالف ڌر ۾ ويٺو، اسيمبلي ۾ هن توڙي ڦاٽڪ واقعي ۽ ڪالاباغ ڊيم معاملي تي ڀرپور آواز اٿاريو. 1988ع ۾ عبدالحميد خان جتوئي سنڌ قومي اتحاد جي پيلٽ فارم تان پ پ جي رفيق مهيسر جي مقابلي ۾ بيٺو، جڏهن 1997ع ۾ پ پ جي رفيق مهيسر کان چونڊ کٽيائين، ان وقت پٽ جي وڏي وزير ٿيڻ تي نواز شريف کان ڪابه وزارت نه ورتائين پر ڪالاباغ ڊيم واري معاملي تي نواز شريف جي ڀرپور مخالفت ڪيائين ۽ پٽ لياقت علي جتوئي کي به وڏ وزارت ڇڏڻ جي هدايت ڪيائين، هن شريعت بل سميت اسيمبلي ۾ پيش ٿيل نواز شريف جي ڪنهن به بل تي به صحيح نه ڪئي، آخر ۾ ڪيس سندس پٽ اعجاز جتوئي جي وچوڙي جهوري وڌو ۽ هن سياست ڇڏي ڏني، پٽ جي لاڏاڻي ڪانپوءِ آخر تائين هن ڪنهن به سياسي تقريب ۾ شرڪت نه ڪئي، گوڏن جي بيماري سبب ويل چيئر تي هلندو هو ۽ گاڏي تي چڙهي باغن جو سير پڻ ڪندو هو، غريب غربي، هارين ۽ ڪمدارن سان بغير ڪنهن وڏائي جي ڪچهريون ڪرڻ سندس عادت ۾ شامل هو. سنڌ ۾ منصفاڻن فيصلن ڪري به عبدالحميد جتوئي جو وڏو نالو هو، ۽ هو فيصلن جي حوالي سان ڏيهان ڏيهه هڪ بهتر عادل طور سڃاتو وڃي ٿو. هن ڪيترائي فيصلا ڪيا، سندس اهم خاصيت اها هئي ته هو قرآن شريف تي فيصلا نه ڪندو هو، عبدالحميد خان جتوئي جهڙا سياستدان سنڌي قوم جو عظيم سرمايو آهن ۽ سنڌ جي سياسي نوجوان ٽهي لاءِ مشعل راهه به آهن.

---

سچ، عوامي آواز، سنڌ، مهراڻ، تعمير سنڌ

# علي احمد بروهي

## اسان جو بزرگ

علي احمد بروهي سان منهنجو واسطو ننڍپڻ کان وٺي هئو جڏهن منهنجو والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو مون کي آڱر کان وٺي علي احمد بروهي وٽ ڪچهريون ڪرڻ لاءِ ويندو هئو. علي احمد بروهي منهنجي والد جي پراڻن دوستن منجهان هڪ هو. بروهي صاحب سان منهنجي گهڻي ڀاڱي ٽيليفون تي ئي ڪچهري ٿيندي هئي، جڏهن بہ زندگي ۾ مون کي ڪا تڪليف پهتي تہ مان ڪيس ٽيليفون تي ياد ڪندو هوس ۽ هو يڪدم منهنجي داد رسي ڪندي چوندو هو تہ "من فڪر نہ ڪريو اسان جو اوهان جا بزرگ ويٺا آهيون"

سندس اهو هڪڙو جملو هاڻوڪي چنبو وجهندو هو ۽ احساس ٿيندو هو تہ والد جي وفات ڪانپوءِ بہ مان ننڍڙو ڪو نہ آهيان ۽ وڏي وڻ جي ڇانو اڃا برقرار آهي. قدرتي طور هن جي مزاج ۾ ننڍن کان نئيو ۽ وڏن سان وڏو واري ڳالهہ سمايل هئي. ڀلي ڪٿي بيمار هجي يا مصروف پر ٽيليفون تي ضرور ڳالهائيندو هو.

سنڌ جي هن جهوني ڏاهي 1920ع تي ضلعي گهوٽڪيءَ ۾ جي تعلقي اوٻاڙي جي ننڍڙي ڳوٺ ڪنيرا ۾ اک کولي، شروع کان ئي محنت ۽ علم سان شوق رکيائين. پرائمري تعليم ڳڙهي ياسين ۾ حاصل ڪيائين. 1940ع ڌاران سنڌ جي وڏي درسگاهہ سنڌ مدرسي ڪراچيءَ مان ميٽرڪ جي تعليم حاصل ڪيائين ۽ ميٽرڪ ۾ سٺين مارڪن سان پاس ٿي نڪتو. 1941ع ڌاران بحري فوج ۾ ڀرتي ٿيو. 1946ع ڌاران ممبئي رائل انڊس نيوي ۾ ڪم ڪرڻ دوران سمنڊ ۾ بيٺل جهازن ۽ ڀرپاسي جي اڏن تي برطانيا حڪومت سان بغاوت جي الزام ۾ ڪيس چار سال سزا پڻ ملي ۽ ملڪ جي آزادي کان پوءِ 1947ع ۾ ان جي سرڪار خلاف تحريڪ هلائڻ ۽ بغاوت جي ڪيس مان جان آجي ٿيس.

1950ع تائين ڪافي اخبارن ۾ لکندو رهيو جنهن دوران 1950ع ۾ هڪ مضمون لکڻ عيوض سندس خلاف گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪيا ويا، انهي ڪانپوءِ وري مختلف کاتن ۾ سرڪاري نوڪريون ڪندو رهيو. شيخ سلطان ٽرسٽ جو چيئرمين پڻ رهيو. جتان آخر ۾ رٽائر ڪيائين.

سنڌ جي هن ڏاهي ڪافي مشهور ۽ معياري قسم جا سنڌ جي عوام کي ڪتاب پڻ لکي ڏنا ۽ ان کان علاوه هزارن جي تعداد ۾ اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون ۽ ڪالم لکندو رهيو. مختلف سرڪاري عهدن دوران سرڪاري طرح دنيا جي ڪافي ملڪن جا دورا ڪيائين، جن ۾ آمريڪا، چين، ملائيشيا، اٽلي،

فرانس، انگلينڊ ۾ پيا شامل آهن. 1946ع کان 1947ع دوران نيوي ۾ بغاوت ڪيس ۾ هندوستان جي مختلف جيلن جي ياترا پڻ ڪيائين.

1947ع ۾ سنڌي اخبار قربانيءَ ۾ نوڪري ڪيائين. پير علي محمد راشدي ۽ جي ايم سيد سندس ويجها دوست هئا، تن ئي ڪيس صحافت جي دنيا ۾ آندو. 1952ع ۾ جوشيلا مضمون ۽ ڪالم لکڻ جي ڪري سندس گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ٿيا، جنهن ڪري سکر مان فرار ٿي خيرپور رياست ۾ روپوش ٿي ويو، جتي خيرپور اسٽيٽ جو وزيراعظم قزلباش هو، جنهن هن سنڌ جي ڏاهي کي مجتا ڏيندي پنهنجو اطلاعات جو آفيسر مقرر ڪيو ۽ بعد ۾ 1955ع ۾ ون يونٽ ٺهڻ دوران علي احمد بروهي جون خدمتون خيرپور رياست مان حڪومت حوالي ڪيون ويون ۽ حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اطلاعات رهيو. 1957ع ۾ ڪميشن پاس ڪري لاهور ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر جي حيثيت سان مقرر ڪيو ويو ۽ ملڪ اندر سياحت کاتي جي پهرين ڊائريڪٽر طور تعيناتي ٿيس. جنهن دوران سياحت کاتي ۾ بهتر ڪم ڪرڻ لاءِ حڪومت ڪيس تربيت هيٺ لنڊن موڪليو . بروهي صاحب کي مختلف وزيرن جي پي آر او، رهڻ دوران انهن سان اختلاف ٿي وڃڻ سبب سردين ۾ ڪوئيٽا ۽ گرمين ۾ ملتان موڪليو ويندو هو.

علي احمد بروهي کي 1970ع ۾ اطلاعات کاتي ۾ ڊائريڪٽر پبلڪ رليشن سنڌ بڻايو ويو. 1972ع ۾ وزيراعظم ذوالفقار عليُ ڀٽو سان اختلاف ٿيڻ ڪري بروهي صاحب کي نوڪري مان ڪڍيو ويو. 1978ع ۾ علي احمد بروهي کي مارشلا حڪومت ۾ وري سڏايو ويو ۽ ڪيس ڊائريڪٽر جنرل ريفرنس اينڊ ريسرچ ڪري مقرر ڪيو ويو ۽ بعد ۾ جلد ئي سيڪريٽري اطلاعات سنڌ مقرر ڪيو ويو، پر پنهنجي ارڏي طبيعت اصولن تي سوديبازي نـ ڪندي، وري هميشـ جيان چيف سيڪريٽري سنڌ سان اختلافات چوٽ چڙهڻ ڪري رٽائرمينٽ حاصل ڪئي ۽ رٽائرمينٽ بعد 1980ع کا ن 2001ع تائين شيخ سلطان ٽرسٽ جو ايڊمنسٽريٽر طور ذميواريون سنڀاليندو آيو.

عمر جي آخري حصي ۾ الطاف حسين کان متاثر ٿي سن 2001ع ۾ متحده قومي موومينٽ ۾ شموليت اختيار ڪيائين ۽ متحده جي رابطا ڪميٽي جو ميمبر ٿيڻ کان پوءِ ڪيس ريسرچ اينڊ ايڊوائيزري ڪائونسل ۾ شامل ڪيو ويو، آخري گهڙي تائين متحده سان واڳيل رهيو. سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ هڪ پل وارو دوستاڻو اهم ڪردار ادا ڪيو.

علي احمد بروهي جهڙا انسان ڌرتي صدين کانپوءِ پيدا ڪندي آهي. سندس اکين پوٽڻ کان پوءِ پيدا ٿيل خال پرڻ پري پري تائين ڏاڍو مشڪل ٿي پيو آهي. سنڌ جي هن سپوت جون ڪيل خدمتون سنڌ جي تاريخ سنهري لفظن ۾ صدين تائين سانديندي ايندي. اهڙا شخص ئي سنڌ جي روايتن جا امين آهن ۽ اسان جي نوجوان ٿهي لاءِ مشعل راهه آهن.

---

**سنڌ، خبرون، مهراڻ، سچ، هلال پاڪستان، سنڌو، هلچل**

# علي شير ڪُھڙ

## سنڌ جو ارڏو صحافي

سنڌ پنھنجي پيٽ مان هزارين سپوت پيدا ڪيا آهن جن مختلف شعبن ۾ محنتون ڪري سنڌ ڌرتيءَ جو مانُ مٿانهون ڪيو آهي. سنڌ جي مشهور شهر خيرپور ميرس ۾ به مشهور شخصيتون پيدا ٿيون جن سنڌ جو ملڪي سطح تي نالو روشن رکيو. جڏهن اسان خيرپور جي فقط صحافي برادريءَ تي ئي رکو نظر وجهون ٿا، ته مرحوم علي شير ڪُھڙ جو نالو سنڌ جي صحافتي دنيا ۾ نمايان نظر اچي ٿو. هن مرد مجاهد ضلعي خيرپور جي ڳوٺ محمد صادق ڪُھڙ ۾ هڪ زميندار گهراڻي ۾ 1940ع ۾ جنم ورتو. علي شير ڪُھڙ جو والد مرحوم صادق ڪُھڙ ان وقت جي رياست خيرپور جو وڏو زميندار ۽ معزز شخصيتن ۾ شمار ڪيو ويندو هو. علي شير ڪُھڙ زمينداراڻي گهر ۾ جنم وٺندڙ ننڍپڻ کان ئي سلڇڻو، سپاجهڙو ۽ خوش اخلاق انسان هو. سندس باري ۾ هڪ ڳالهه مشهور آهي ته سندس والد ڪيس چيو ته بابا تون بنگلي ۾ ويهه ته آئون ڪو ڪم ڪري اچان ٿو. جنهن تي ننڍڙي علي شير سچو ڏينهن والد جي حڪم موجب بنگلي ۾ انتظار ڪندي گذاريو ۽ جڏهن سندس والد واپس رات جو آيو ته هن کي ساڳئي هنڌ انتظار ڪندي ڏسي شفقت منجهان چمندي چيائين ته پٽ اڄ تون پيءُ جو حڪم تي هلندي ثابت ڪيو آهي ته تون زندگيءَ ۾ هڪ وڏو انسان ۽ ڪامياب شخص ثابت ٿيندين. اڳتي هلي سندس والد جا واقعي به چيل لفظ سچا ثابت ٿيا.

هن ابتدائي تعليم ته پنھنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ کيس خيرپور ميرس شهر جي ياترا ڪرڻي پيس، جتان فائينل پاس ڪيائين.

شروعاتي دؤر ۾ پيغمبري پيشي ماستريءَ يعني روشني ڏيندڙ پڙهائڻ واري شعبي سان منسلڪ ٿي ويو، جيئن ته هو هڪ حساس ماڻهو هو ۽ سنڌ ۾ غريب، مسڪين، پيرن اڳهاڙن ۽ اپوجهه طبقي تي وڏيرن، ميرن، پيرن، سردارن ۽ طاقتور ترين جو ڏاڍ ۽ ظلم ڏسي سنڌ جي بي زبان غريب طبقي جي آواز کي ايوانن تائين پهچائڻ لاءِ سندرا ٻڌي ماستريءَ تان استعيفيٰ ڏئي صحافتي دنيا ۾ پير رکيو ۽ ان وقت جي سنڌ جي مشهور اخبار هلال پاڪستان لاءِ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ سنڌ جي مختلف وڏين اخبارن عبرت، سنڌ بليٽن، روزانو سنڌو، سنڌ سجاڳ، هلچل، جاڳو سميت ٻين ڪيترين ئي اخبارن ۾ پڻ ڪم ڪيائين.

مرحوم علي شير ڪپر غريب غربي جو همدرد ۽ هڏ ڏوکي هيو. جنهن جو زندهه مثال اهو آهي تہ مرحوم ڪيترن ئي غريب مسڪين نوجوانن کي روزگار سان لڳايو. جيڪي اڃ بہ نوڪريون ڪري رهيا آهن. خاص طور تي ڪنهن بہ غريب جو مسئلو حل ڪرائڻ ۾ دير نہ ڪندو هو. ڇاڪاڻ تہ سندس جو چوڻ هو تہ غريبن جي مدد ڪرڻ سان مون کي سڪون ملي ٿو. هن پنهنجي علائقي ۾ تعليم، صحت، رستن، روڊن ۽ پين سهولتن ڏيارڻ لاءِ پنهنجي وسان نہ گهٽايو ۽ علائقي جي تڪليفن ۽ اهنجن کي اسيمبلين تائين اخبارن ذريعي پهچايو. جنهن سان علائقي ۾ خوشحالي آئي ۽ غريبن جي داد رسي ٿي. علي شير ڪپر پنهنجي صحافتي دنيا ۾ اچڻ سان ايڏي تہ محنت ڪئي جو ڪيس پنهنجي صحت جو خيال ئي نہ رهيو ۽ ڪيس موذي مرض بلڊ پريشر سان منهن ڏيڻو پيس. آخرڪار 10 مئي 1997ع تي بلڊ پريشر جي مرض پنهنجو اثر ڏيکاريو ۽ سنڌ جو هي جوڌو جوان دنيا جي تڪليفن ۽ مسئلن سان وڙهندي وڙهندي ٿڪجي پيو. صبح جو سوير اٿي نماز پڙهي بس ڪيائين سندس والده نماز لاءِ وضو ڪري رهي هئي، جنهن کي مخاطب ٿيندي چيائين امان اڄ آئون تنهنجي بستري تي سمهي ڏسان؟ جنهن تي والده چيس تہ بابا پيلي. سمهڻ شرط ئي سندس دم ڌڻيءَ حوالي ٿي ويو. سندس والده جيڪا خدا جو فرض ادا ڪرڻ لاءِ وضو ڪري جڏهن پنهنجي پٽ جي مٿان آئي ۽ ڏٺائين تہ سندس سپوت سندس ئي بستري تي دنيا جهان جي تڪليفن سان تہ منهن ڏيڻ جو شير هيو پر موت سان مقابلو ڪندي ڪلندي ڪلندي ابدي ننڊ ۾ آرامي ٿي ويو. اهڙي طرح هي سنڌ جو سپوت جنهن جي گجگوڙ جو آواز سنڌي اخبارن ۾ پڙهيو ويندو هو سو هميشہ لاءِ بند ٿي ويو ۽ اهڙي طرح سنڌ هڪ بيباڪ ۽ ارڏي صحافي کان محروم ٿي وئي.

---

**عبرت، هلال پاڪستان، مهراڻ، هلچل، سنڌ، سڪار تعميرسنڌ، سنڌو، سنڌو ڊائجسٽ، عبرت مئگزين**

# غلام مصطفيٰ جتوئي

## بزرگ سياستدان

شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جو ويجهو ساٿي ۽ اڳوڻو نگران وزيراعظم غلام مصطفيٰ جتوئي ٻه ڪجهه ڏينهن جي علالت بعد لنڊن جي اسپتال۾ لاڏاڻو ڪري ويو. غلام مصطفيٰ جتوئي جي لاڏاڻي تي ملڪي سياست ۾ ٿيل خال کي پُر ڪرڻ ۾ زمانا لڳندا. غلام مصطفيٰ جتوئي ملڪ جو وزير اعظم ۽ سنڌ جو وڏو وزير رهيو ۽ آخري دم تائين پاڻ نيشنل پيپلز پارٽي جو سربراهه هو.

پاڻ زندگي جي 78 سالن ۾ ڪيترائي ڀيرا قومي اسيمبلي ۽ سنڌ اسيمبلي جو ميمبر رهيو پاڻ آڪٽوبر مهيني ۾ لنڊن ويو هو علاج لاءِ جتي مٿس نومبر ۾ فاليج جو حملو ٿيو ۽ سندن دماغ جو ڪاٻو پاسو متاثر ٿيو هو ۽ پاڻ علاج خاطر لنڊن ايندو ويندو رهندو هو.

غلام مصطفيٰ جتوئي 14 آگسٽ 1931ع ۾ نوشهرو فيروز ضلعي جي ڳوٺ نوان جتوئي ۾ جنم ورتو هو. ڇئن ڀائرن ۾ سڀني کان وڏو هو. سندس ڏاڏو خان بهادر امام بخش خان جتوئي 1923/ 1927 ۽ 1931 ۾ بمبئي ليجسليٽو اسيمبلي جو ميمبر رهيو، ان دؤر ۾ سنڌ جي علائقي مان صرف 4 ميمبر بمبئي ۾ موجود هئا. غلام مصطفيٰ جتوئي پرائمري تعليم نوان جتوئي ۽ بعد ۾ ميٽرڪ گورنمينٽ مدرسه هاءِ اسڪول نوشهروفيروز هاءِ اسڪول مان ڪئي ۽ پاڻ روزاني 25 ڪلوميٽر سفر سائيڪل طي ڪري نوان جتوئي کان نوشهروفيروز هائي اسڪول ايندو هو. جنهن کان پوءِ پاڻ ڪراچي گرامر اسڪول ۾ داخلا ورتي. جتي پاڻ سينيئر ڪيمبريج پاس ڪئي.

1952ع ۾ هو بار ايٽ لا ڪرڻ لاءِ انگلينڊ ويو انهيءَ دوران سندس والد جي علالت سبب هڪ سال اڳ ملڪ موٽڻو پيو. هو 1952ع ۾ نواب شاهه ڊسٽرڪٽ بورڊ جو سڀ کان ننڍي عمر وارو چيئرمين بڻيو ۽ 1969ع وارين عام چونڊن ۾ پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تان قومي اسيمبلي جو ميمبر ٿيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي وزارت عظميٰ دوران هو مواصلات سياسي معاملا ۽ قدرتي وسيلن جو وفاقي وزير رهيو ۽ 1973ع کان 1977ع تائين سنڌ جو وڏو وزير رهيو. ڪيس پاڪستان جي ان وقت تائين جي سڀ کان وڏي عرصي تائين وڏ وزارت سنڀالڻ جو اعزاز حاصل رهيو. پاڻ ضياءِ الحق جي مارشلا لاڳو ٿيڻ بعد ايم آر ڊي ۾ شامل ٿي مارشلا خلاف جدوجهد ڪئي ۽ اڳيرو رهيو 1983ع ۽ 1985ع ۾ ٻه ڀيرا جيل پڻ ويو. ايم آر ڊي جي تحريڪ جي عروج وقت مون کي ياد آهي تہ 1983ع ڌاري منهنجي والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي پوسٽنگ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج نواب شاهه ٿي هئي.

هن دؤر ۾ بابا سان گڏ لڪي ڇپي غلام مصطفيٰ جتوئي ساڻ ڪچهريون ٿينديون هيون ۽ پاڻ بابا ڪامريڊ تاج محمد ابڙو کان ملڪي سياست تي وڏا وڏا بحث ڪندو هو. غلام مصطفيٰ جتوئي پيپلز پارٽي سان اختلاف ٿيڻ بعد 1986ع ۾ ملڪ جي ناليوارن سياستدانن سان گڏجي نيشنل پيپلز پارٽي جو بنياد وڌو، جنهن۾ غلام مصطفيٰ کر، حنيف رامي، ايس ايم ظفر، حامد رضا گيلاني، ملڪ حامد سرفراز، غوث بخش رئيساڻي، ڪمال اظفر، ميان ساجد پرويز، نفيس صديقي، آفتاب شاهه جيلاني ۽ ٻيا ساٿس گڏ هئا. 1988ع ۾ پيپلز پارٽي جو اميدوار حاجي رحمت الله ڀهڻ کان قومي اسيمبلي جي چونڊ هارائڻ بعد 1989ع ۾ ڪيس ڪوٽ ادو جي ضمني چونڊ ذريعي قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊرايو ويو. هن ٻين پارٽين سان گڏجي اسلامي جمهوري اتحاد جوڙيو. غلام مصطفيٰ جتوئي سياست جي ميدان ۾ سهپ ۽ رواداري واري اصول جو علمبردار هو. پيپلز پارٽي کان ڌار ٿيڻ باوجود به هن ڪڏهن پيپلز پارٽي جي خلاف نه ڳالهايو.

1958ع ۾ اولهه پاڪستان جو صوبائي اسيمبلي جو ميمبر چونڊجي پنهنجي سياست جي شروعات ڪئي هئي 1990ع ۾ تڏهوڪي صدر غلام اسحاق خان طرفان وزير اعظم بينظير ڀٽو جي حڪومت بر طرف ڪرڻ بعد غلام مصطفيٰ جتوئي کي نگران وزيراعظم مقرر ڪيو ويو ۽ پاڻ 6 آگسٽ 1990ع کان 6 نومبر 1990ع تائين نگران وزير اعظم رهيو. غلام مصطفيٰ جتوئي 1962ع کان 1965ع تائين به ٻيرا گڏيل قومن ۾ پڻ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي ۽ پاڻ 1952ع ۾ ڊسٽرڪٽ بورڊ نواب شاهه جو چيئرمين چونڊيو ويو ۽ ڪيس اهو اعزاز حاصل ٿيو ته هو ننڍي ڪنڊ ۾ سڀني کان ننڍي عمر ۾ ڊسٽرڪٽ بورڊ جو چيئرمين چونڊيو ويو.

غلام مصطفيٰ جتوئي هر سال ڪيتي جتوئي ۾ پنهنجي ساٿين غلام مصطفيٰ کر، مجيب پيرزادو، قانوندان عبدالحفيظ پيرزادو ۽ ٻين سان گڏ شڪار ڪندو هو. هن ٻيري به ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته پاڻ دوستن کي شڪار لاءِ دعوتون ڏنيون هيائين پر طبيعت جي ناچاڪي سبب هو شڪار تي نه وڃي سگهيو.

غلام مصطفيٰ جتوئي به شاديون ڪيون جن مان هڪ ڏاڏي پوٽي مان ۽ ٻي شادي پيار جي پرٽي وسيلي ڪئي. هو نوجوان پٽ طارق جتوئي، جيڪو 2001ع ۾ سنڌو درياءَ ۾ وهنجڻ دوران ٻڏي فوت ٿيو هو، تنهن جو صدمو ڪڏهن وساري نه سگهيو. غلام مصطفيٰ جتوئي، ايم اين اي غلام مرتضيٰ جتوئي، ايم پي اي مسرور جتوئي ۽ ايم پي اي عارف مصطفيٰ جتوئي سميت چار پٽ ۽ ٽي نياڻيون سوڳوار ڇڏيون آهن.

غلام مصطفيٰ جتوئي جي لاڏاڻي بعد سياسي ميدان ۾ پيدا ٿيل خال شايد ڪڏهن به پُر ٿي سگهي.

---

**سنڌو ڊائجسٽ، خبرون، مقدمو، فيصلو، عوامي فورم، تعمير سنڌ، مهراڻ، سنڌو، سُڪار، هلچل، هلال پاڪستان**

# قاضي فضل الله

## سنڌ جو نامور سياستدان

قاضي صاحب منهنجي والد صاحب جو پراڻو ۽ ويجهو دوست هئو. قاضي صاحب جيتوڻيڪ لاڙڪاڻي جو ڪونہ هئو پر تنهن هوندي بہ سنڌ ۾ لاڙڪاڻي واسي ئي مشهور هئو. حقيقت ۾ هو نوشهروفيروز جو هو ۽ هو هڪ عالماڻہ گهر ۾ پيدا ٿيو. جيئن تہ هن جو گهراڻو عالم گهراڻو هئو، تنهن ڪري سندس تربيت بہ ننڍپڻ ۾ ئي اعليٰ درجي جي ٿي هئيس. قاضي صاحب ابتدائي تعليم شهدادپور مان حاصل ڪئي ۽ سيڪنڊري تعليم مٺياڻي ضلع نوشهروفيروز ۾ ورتائين. ان ڪان پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ ڪراچي جي ياترا ڪيائين ۽ اتي سنڌ مدرسة الاسلام ۾ داخلا ورتائين. جتان مئٽرڪ ڪرڻ ڪانپوءِ خلافت تحريڪ ۾ حصو وٺڻ لڳو. سندس سرگرميون سياست ۾ وڌڻ لڳيون، جيڪي نوابشاهہ جي ڪليڪٽر جي ڪنن تائين پهتيون، جنهن قاضي صاحب ۽ سندس والد کي گهرائي سمجهايو تہ بابا ڪاليج ۾ داخلا وٺي وڌيڪ تعليم لاءِ بمبئي ۾ پڙهہ، پر قاضي صاحب چيو تہ آئون داخلا علي ڳڙهہ ۾ وٺندس ۽ اهڙي طرح قاضي صاحب علي ڳڙهہ ۾ داخلا ورتي. ان بعد قاضي صاحب وري علي ڳڙهہ ڪاليج کي ڇڏي جامع مليہ ۾ داخلا ورتي، جنهن جو شيخ الجامع مولانا محمد علي جوهر هئو. هن شاگردن کي حڪم ڏنو تہ پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ وڃو ۽ خلافت تحريڪ ۾ ڪم ڪريو. سندس حڪم تي قاضي صاحب ٺٽي ويو ۽ خلافت تحريڪ ۾ ڀرپور ڪم ڪيائين. تحريڪ ۾ ڪم ڪرڻ سبب سندس تعليم جا ٽي سال ضايع ٿيا.

آخرڪار سندس وڏو ڀاءُ شمس الدين جيڪو حيدرآباد توڙي سڄي سنڌ جو مشهور حڪيم هو، اهو کيس حيدرآباد وٺي آيو. قاضي صاحب حيدرآباد ۾ ڏي جي ڪاليج مان انٽر آرٽس پاس ڪئي، بعد ۾ وري ڏي جي ڪاليج ڪراچي ۾ داخلا ورتي جتان بي اي پاس ڪيائين. آخرڪار 1929ع ۾ لا ڪاليج مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪيائين.

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڙڪاڻو ضلعو سياست جو مرڪز هئو ۽ قاضي صاحب کي بہ ننڍپڻ کان ئي سياست ۾ دلچسپي هئي، تنهن شوق ڪري ئي هو لاڙڪاڻي ڏانهن ڇڪجي ويو ۽ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪيائين.

هڪ ڀيري مون قاضي صاحب کان پڇيو ته اوهان نوشهروفيروز جا رهواسي هن ڏاري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ آخرسياست ۽ وڪالت ۾ ڪامياب ڪيئن ٿيا، ته هو اهو ٻڌي کلي ويٺو ۽ مسڪرائيندي چيائين، ته "نادر بابا منهنجو پنهنجو منفرد طريقو هئو. مون وٽ ڪوبه غريب ڀيرين اگهاڙو ايندو هئو ته مان نه فقط ملندو هئس پر انهن کي پنهجي پرسان ڪرسي تي به ويهاريندو هئس ۽ مٽان وري چانهه جو ڪوپ به پياريندو هئس. جيڪو مون کان اڳ هندو وڪيل اهڙو ورتاءُ ڪونه ڪندا هئا." مونکي قاضي صاحب پنهنجي شروعاتي وڪالت وارن ڏينهن جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ته اسان آڱرين جيترا مسلمان وڪيل هئاسيون. جڏهن به ڪو مسلمان وڪيل نئين وڪالت شروع ڪندو هئو ۽ ڪنهن به جج آڏو ڳالهائيندو هئو ته اڳيان جج به هندو هوندا هئا، ته پويان ڪورٽ ۾ ويٺل وڪيل به هندو هوندا هئا جيڪي مسلمانن وڪيلن خلاف هڪبئي جي ڪنن ۾ سُس پُس ڪندا هئا. يا وري هو ساڙ واري انداز ۾ ڳالهائيندا هئا. جيئن مسلمان وڪالت وارو پيشو ڇڏي ڀڄي وڃن. پر خدا جو چرخو ڦريو ۽ پاڪستان ٺهيو. اهي هندو وڪيل جيڪي پاڻ کي اسان مسلمانن کان معتبر سمجهندا هئا، سي ائين لڏي ويا ڄڻ هئا ئي ڪين. پر اهڙي ڏکي صورتحال ۾ به مون وڪالت ۾ چڱي خاصي مقبوليت حاصل ڪئي.

قاضي صاحب 1934ع ۾ لاڙڪاڻو ميونسپالٽي جي اليڪشن ۾ ڀهرو ورتو ۽ لاڙڪاڻي ۾ فقط ٽي سال رهڻ ڪانپوءِ پنهنجو ايترو ته عوام ۾ اثر رسوخ پيدا ڪيو جو هو اليڪشن کٽي ويو ۽ ضلع جي سردارن، نوابن، جاگيردارن ۽ خانبهادرن کي وائڙو ڪري ڇڏيو. سال 1936ع ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي کي قاضي صاحب ئي آماده ڪيو ته لاڙڪاڻو تڪ مان سنڌ اسيمبلي جي چونڊ ۾ بيهه.

شيخ عبدالمجيد سنڌي ٽي شرط وڌا، ڀهريون ته نامينيشن پيپر ڀرڻ لاءِ پاڻ نه ايندو. ٻيون ته پئسو خرچ نه ڪندو. ٽيون ورڪ به نه ڪندو. جيڪي ٽئي شرط قاضي صاحب قبول ڪيا ۽ اهڙي طرح شيخ عبدالمجيد سنڌي، سر شاهنواز خان ڀٽو کان کٽي ويو. اها حقيقت ۾ ڪاميابي شيخ عبدالمجيد سنڌي جي نه بلڪ قاضي صاحب جي هئي. 1945ع ۾ قاضي صاحب ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ جو چيئرمين چونڊيو ويو ۽ ساڳي سال پڻ لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ چونڊجيو ۽ اهڙي طرح نواب نبي بخش خان ڀٽو کي شڪست ڏنائين. سال 1946ع ۾ ڏوڪري، وارهه تڪ مان سنڌ اسيمبلي جو ميمبر پڻ منتخب ٿيو. سال 1947ع ۾ پاڪستان قائم ٿيو ۽ قاضي صاحب روينيو منسٽر ٿيو. ان بعد قاضي صاحب کي هوم منسٽر به ڪيو ويو. هي وزارت ايستائين هلي جيستائين يوسف هارون استعيفا ڏئي هاءِ ڪمشنر ٿي آسٽريليا هليو ويو. ان کان پوءِ قاضي صاحب کي ئي بنا مقابلي وزير اعليٰ سنڌ ڪيو ويو. سال 1956ع ۾ قاضي صاحب ئي واحد شخص هو جو ٻن ضلعن يعني لاڙڪاڻو ۽ ٺٽي مان ون يونٽ جو ميمبر ٿيو. سال 1970ع ۾ قاضي صاحب اکين جو آپريشن ڪرايو جنهن دوران سندس ڪنن کي نقصان رسيو جنهن ڪري سياست ۾ نمايان ڪردار ادا ڪرڻ کان مجبور ٿي پيو.

قاضي صاحب سڄي زندگي مجرد ٿي رهيو ۽ شادي ڪونه ڪيائين، جنهن جو سبب سياست سان شوق هئس. منهنجي پڇڻ تي مون کي چيائين ته نادر بابا سياست ۾ ايڏو ته مصروف رهيس، جو جواني

گذرڻ جو احساس ئي ڪونہ رهيو. پر جڏهن پوڙهو ٿيو آهيان تہ هاڻي چوان ٿو تہ ڪاش شادي ڪريان ها، تہ هاڻي پنهنجي خدمت چاڪري لاءِ پنهنجو اولاد تہ هجي ها. ڇو جو منهنجا سڀ هم عمر دوست بہ دنيا ڇڏي وڃي الله کي پيارا ٿيا آهن. هن عمر ۾ جڻ پاڻ کي اڪيلو اڪيلو ٿو محسوس ڪريان.

هتي مان اهو بہ واضح ڪندو هلان تہ قاضي صاحب سنڌ جو شايد واحد وزير اعليٰ هئو، جنهن پنهنجي دؤر ۾ غريب، مسڪين ۽ پيرين اگهاڙن جا ڪم بغير ڪنهن لالچ جي ڪيا. سندس هٿ بلڪل صاف هئا هن ڪنهن بہ قسم جي ڪا ملڪيت ڪونہ ٺاهي.

---

**عوامي آواز، جاڳو، برسات، مهراڻ، هلچل، سنڌ، سچ**

# قائداعظم محمد علي جناح

## ڏُکي انسانيت جو درد رکندڙ

اڄوڪو ڏينهن تاريخ جي انهي امر انسان جي جنم ڏينهن جو آهي جنهن جي خدمتن ۽ جدوجهد عيوض اسان جي قوم کي آزادي جهڙي نعمت نصيب ٿي. اڄ سموري پاڪستاني قوم قائداعظم محمد علي جناح جي ولادت انتهائي عقيدت ۽ پاپوهه وچان ملهائي پئي، سندس ولادت25 ڊسمبر ڪراچي ۾ ٿي. ملڪ جي گادي واري شهر اسلا آباد کان ويندي هر ننڍي وڏي شهر ۽ ڳوٺن ۾ قائد اعظم محمد علي جناح جي جنم ڏينهن جي حوالي سان مختلف تقريبون ٿي رهيون آهن، جن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر اهو احساس ڏياريو پيو وڃي تہ هي گلن کان بہ وڌيڪ پيارو ملڪ اسلامي جمهوريہ پاڪستان اسان ڪيڏي وڏين قربانين بعد حاصل ڪيو. قائد اعظم محمد علي جناح ننڍي کنڊ جو عظيم اڳواڻ ۽ دکي انسانيت جو درد رکندڙ اعليٰ انسان هو. جنهن ڪڏهن ڪنهن آڏو جهڪڻ نہ سکيو، اوستائين سک سان نہ ويهندو هو جيسين پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب نہ ٿئي. هن هميشہ پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي حقن جي حاصلات لاءِ ويڙهہ ڪئي، پاڪستان جي خوشحالي لاءِ خواب سرجيندو رهيو، اهوئي ڪارڻ آهي، جو سندس ڪيل خدمتن جي صلي ۾ سندس تي سموري قوم ساهہ ٿي ڏي. قائد اعظم محمد علي جناح انگريزن سان ويڙهہ ڪري اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ، تہ اڄان بہ ڪي آهن جيڪي پنهنجي حقن جي ويڙهہ ڪري ڄاڻن ٿا. پاڻ انتهائي جرت مندانہ فيصلہ ڪندڙ اڳواڻ رهيا. حق ۽ سچ جو علم هٿن ۾ کڻي ماڻهن کي حق ۽ سچ جي راهہ تي مسافر ٿيڻ جي تاڪيد ڪندا رهيا سندس نظر ۾ فرقا ۽ مذهب، قومون ڪڏهن بہ ڪنهن ڪم ۾ حائل نہ رهيون ، پاڻ هميشہ هر ڪنهن کي حق ۽ سچ تي هلڻ جي تاڪيد ڪندا رهيا.

اڄ سندس قوم 130 جنم ڏينهن ملهائي ڪيس لفظن جي ڀيٽا پئي ڏي اها تاريخي حقيقت آهي، تہ قائدِ اعظم محمد علي جناح اسان جي ملڪ ۽ قوم جو اهو روح خيال هو، جنهن اسان جي ملڪ ۽ قوم جي خوشحالي جا، جيڪي خواب ڏٺا تن کي منزل ۽ مقصد تائين پهچايو.

منهنجو بابا ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جن اڪثر ڪچهرين ۾ چوندا هئا، تہ پاڪستان جي خوشحالي ۽ ترقي ۾ قائد اعظم محمد علي جناح جيڪي قدم کنيا تن جو احسان هي قوم شايد ئي ڪڏهن لاهي سگهي. حالانڪہ قائداعظم محمد علي جناح جي ڀيڻ محترمہ فاطمہ جناح بابا سائين ڪامريڊ تاج محمد ابڙو کي مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان اليڪشن وڙهڻ جي بہ آڇ ڪئي جنهن کان هن ڪن سياسي مصلحتن ڪارڻ انڪار ڪيو هو. اها ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي تاريخي حقيقت آهي، تہ هن

ملڪ جي عوام کي آزادي جو سنهري سورج ڏيکارڻ ۾ جيڪو ڪردار قائدِاعظم محمد علي جنا ح ادا ڪيو اهو هيل تائين ڪوبہ ادا نہ ڪري سگهيو آهي.

اسا ن چاهيون ٿا، تہ اچوڪي عظيم ڏينهن تي پاڻ ۾ ويهي اهو وچن ڪيون، تہ اسان هن پياري پاڪستان قائد ملت قائد اعظم محمد علي جناح جي ڇڏيل خوابن جي تڪميل لاءِ رات ڏينهن هڪ ڪري ويهنداسين ۽ ملڪ جي خوشحالي ۽ ترقي ۾ پنهنجي پنهنجي واٽ جو پورو پورو حق ادا ڪنداسين ۽ سموري دنيا کي اهو سنديسو ڏينداسين، تہ قائدِاعظم محمد علي جناح جو ملڪ اڄ بہ اڳئين کان بہ خوشحال آهي، قائد اعظم محمد علي جناح جي 130 جنم ڏينهن جي موقعي تي اسان کي اها بہ تاريخي حقيقت سامهون رکڻ گهرجي تہ ڪيترن مائرن ڀينرن ۽ وڏڙن جي قربانين بعد هي ملڪ حاصل ٿيو هو اڃو تہ اهو عهد وفا ڪيون، تہ اسان هن پياري ملڪ پاڪستان جي خوشحالي جو آواز سموري جڳ ۾ خوشحالي جو نياپو ڪڻي گونجندو رهندو.

مهراڻ، خبرون، سنڌ، سڪار، فيصلو، تعمير سنڌ، هلال پاڪستان، مهراڻ، سنڌو، هلچل

# ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي

## هڪ سرويچ ۽ ڪاهوڙي ڪردار

ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، منهنجي والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جي انتهائي پراڻن دوستن منجهان هڪ دوست آهي، جڏهن کان مون هوش سنڀاليو تہ ڪامريڊ سوڀي جو ذڪر گهر ڀاتين جي زباني ٻُڌو اٿم . منهنجي والد جو هي واحد دوست آهي. جيڪو اسان جي گهر ڀاتين جيان جڻ تہ فيملي جو هڪ فرد آهي. مان بہ ڪامريڊ جي گهر ۾ جيڪي بہ پروگرام ٿيندا آهن، خصوصن سندس سالگرهہ گهر جي ڀاتين سان گڏ موجود هوندو آهيان. بابا سائين جي وفات کان پوءِ ڪامريڊ سوڀي جي اسان جي فيملي سان هر ڏکي وقت ۾ اخلاقي مدد رهي، پر مان ڪامريڊ سان اجا وڌيڪ ويجهو تڏهن ٿيس، جڏهن مون 1993 ۾ لاڙڪاڻي ۾ عبدالرزاق سومرو سان گڏ وڪالت ڪرڻ شروع ڪئي پر جلد ئي عبدالرزاق سومرو سفير ٿي دبئي هليو ويو. تڏهن ئي ڪامريڊ سوڀي مونکي چيو تہ مان وڪالت ۾ ادا تاج محمد جو شاگرد هئس، مونکي وڏي خوشي ٿيندي اگر تون منهنجو وڪالت ۾ شاگرد ٿئين. مان راضپو ڏيکاريو ۽ پوءِ اصل ۾ اهو ڪامريڊ سوڀو ئي هيو، جيڪو مونکي هر ادبي گڏجاڻي ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هئو. اهڙي نموني منهنجي ادبي تربيت ٿي ۽ ڪامريڊ سوڀي جي اصرار تي ئي مون ادبي دنيا ۾ قدم رکيو . ڪامريڊ سوڀي کي مون سان ايترو ئي پيار هيو، جيترو سندس وڏي پٽ ڊاڪٽر ڪنعي سان وڪالت ۾ بہ بحيثيت جونيئر جي مون لاڙڪاڻي ۾ هي واحد وڪيل ڏٺو، جيڪو هٿ جو ڏاڍو ڪشادو هو، مونکي هر ڪيس جي في ملڻ تي ڪجهہ نہ ڪجهہ في منجهان پئسا بطور خرچي ڏيندو هئو ۽ ايئن هن منهنجو کيسو هميشہ گرم رکيو. مون ڪافي اهڙن موقعن تي غريب اصيلن کي ڪامريڊ جي هٿان بجاءِ في وٺڻ جي پنهنجي هڙان وڙان ڪاغذن پٽن جو خرچ برداشت ڪندي ڏٺو پر مرڳو اصيل اگر ڪامريڊ کي چئي وينو، تہ ڪامريڊ ڳوٺ وڃڻ جيترو ڪرايو بہ ڪونہ اٿم . تہ يڪدم ڪامريڊ ڪيسي ۾ هٿ وجهي ڪرائي جا پئسا بہ ڏيندو هئو. نہ فقط ايترو پر ڪيس بہ انهن جا ڪٽڻندي ڏٺو مانس جيڪي ناحقي جيل ۾ هجن، اڳ ۾ هنن کان پڪ وٺندو هئو، تہ واقعي پوليس جا ستايل آهن، پوءِ جي سمجهندو هئو، تہ واقعي اصيل بي ڏوهي ڦاٿو آهي، تہ ڪيس ڪٽڻندو ورنہ ٿڏي تي ئي جواب ڏيندو هئو، پر هڪ موقعي تي تہ مونکي تعجب لڳو، جڏهن ڪامريڊ ڪيس وٺي هلائي رهيو هئو ۽ خبر پيس تہ هي ماڻهو واقعي بہ ڏوهي آهي، تہ هن کان ورتل سموري في واپس ڪندي چيائين تہ مان ڪنهن ڏوهي کي بچائڻ لاءِ وڪالت ڪو نہ ٿو ڪريان.

ڪامريڊ جو وڏو شوق ۽ اصرار هئو، تہ تون وڪالت ڪي ئي جاري رک پر مونکي سرڪاري نوڪري ڪرڻ جو تمام گهڻو شوق هئو ۽ آخرڪار اينٽي ڪرپشن ۾ سرڪل آفيسر ٿيس ۽ ڪامريڊ ڪي ٻڌايم تہ ڪامريڊ منهنجي پيشاني تي چمي ڏئي چيو تہ نادر هاڻي سنڌ جي غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي پارت اٿئي. هي تنهنجو عهدو MNA ۽ MPA کان وڌيڪ اٿئي. ممڪن آهي تہ MNA ۽ MPA ڪي آفيسر جواب ڏين پر توکي ڪونہ ڏيندا. تون انهي عهدي تي رهي سنڌ جي ڏتڙيل پيرين اگهاڙين جي پنهنجي والد وانگر خدمت ڪجانءِ ۽ انهي جو نالو روشن رکجانءِ. ڪامريڊ سوڀي ڪي مون انسان جي روپ ۾ فرشتو ڄاتو. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي زندگي ۾ اهڙو غريب نواز شخص سنڌ ۾ اڄان ڪونہ مليو آهي. ڪوئي بہ در تي آيو، تہ ڪامريڊ پنهنجي وس کان ٻاهر سندس اخلاقي توڙي مالي مدد ڪري هن جي تڪليف ضرور دور ڪندو ۽ پوءِ ئي ساهہ پٽيندو. ڪامريڊ سوڀو جيڪو جيلن ۾ سختين سان تہ ڪلنڊي ڪلنڊي منهن ڏئي آيو، پر مون سندس اکيون آليون ٿينديون ڏٺو، تہ فقط ۽ فقط سندس پٽ ڊاڪٽر ڪنعي جي وفات تي ڏٺو، جنهن لاءِ مون کي چوندو آهي، تہ نادر بابا ڪنعيو پٽ تہ منهنجو هيو پر تنهنجي والد ادا تاج محمد هن کي اڄ کان 20 سال اڳ ۾ ئي سمجهي ويو هيو ۽ مونکي هوشيار ڪندي اڳڪٿي ڪئي هئائين تہ ڪنعيو پنڙي تان لهڻ وارو اٿئي، ڪنٽرول ڪرينس، پر انهيءَ وقت مون سندس انهيءَ ڳالهہ تي بنهہ غور ڪونہ ڪيو. ڇو جو مونکي وهم گمان بہ ڪونہ هئو، تہ ڪنعيو هيڏو شاعر ۽ اديب آهي، مون هن جي وڏي محنت سان تربيت ڪئي آهي، هو غلط صحبت ۾ تہ اچي ئي نہ ٿو سگهي، مگر ٿيو اهو ئي، جيڪو ادا تاج محمد 20 سال اڳ اڳڪٿي ڪئي هئي. پر ڪامريڊ ايڏي وڏي صدمي سهڻ کان پوءِ بہ هماليہ جبل وانگر مضبوط ۽ ارڏو پنهنجي مشن سان لڳل نظر اچي ٿو.

شال ڪامريڊ چنڊ ۽ ستارن جيڏي ڄمار ماڻي ۽ تازي گلاب جي گل وانگر ٽڙندڙ رهي، سندس خوشبو جي سڳند سان سنڌ واسيل رهي.

---

**عبرت، عوامي آواز، تعمير سنڌ، هلال پاڪستان، سنڌ، سنڌو**

# ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي

## اڙانگي راهه جو راهي

اڄ سنڌ جي هڪ اهڙي مهان انسان جي ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي، جنهن کي ڌار ٿئي اڄ 38 سال مڪمل ٿي چڪا آهن مگر هن جو نظريو اڄ به ڪالهه وانگي سنڌ جي نوجوانن جي سرير ۾ پلجي ٿو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي شخصيت تي لکڻ ڪو سولو ڪم ناهي ۽ نه ڪي وري ئي مون وٽ ايڏا سارا لفظ آهن، جنهن سان سندن کي پيڙا ڏيان. هو هڪ وڏو ادارو هو، جنهن پنهنجو رت جو آخري ڦڙو به مظلوم طبقي جي حقن جي حاصلات لاءِ وهائي ڇڏيو. ڪڏهن ڪنهن موڙ تي همت نه هاري ۽ سدائين وڙهندو رهيو. جيستائين سندس سيني ۾ دل ڌڙڪندي رهي. ڪامريڊ لفظ جي هوندئن ته معنيٰ تمام وڏي آهي. جنهن کي ڪي سمجهو ئي سمجهي سگهن ٿا پر ڪامريڊن جو به هڪ دؤر هو. جڏهن حيدر بخش جتوئي جهڙا جوڌا جوان انساني بهبود ۽ ترقي لاءِ زندگي جي اڙانگي راهن تي پنهنجا ڪم ڪار ڇڏي دنيا کان بي خبر بڻجي نڪتا هئا. اهي ئي حقيقي غريبن جا همدرد هئا.

حيدر بخش جتوئي وڏيرا شاهي خلاف جنگ جوٽي اهڙو ته انقلاب مظلوم طبقي ۾ آندو، جنهن جو ڪنهن تصور به نه ڪيو هو. سنڌ ۾ مزدورن ۽ هارين جي جياپي لاءِ هلايل تحريڪ سنڌ جي تحريڪ جو اڻ ڪٽ باب بڻيل آهي. ڪڏهن به پاڻ سک ساڻ نه ستو ۽ هر لمحي پين جي ڀلائي لاءِ ئي سوچيندو رهيو. هن هر وقت پيڙهيل طبقي لاءِ آواز بلند رکيو. سندس جي هن ڪاڄ ۾ ايڏي ته وسيع محنت ۽ سچائي هئي، جنهن جو مثال شايد ئي مشڪل سان ملي سگهي. نه ته هاڻوڪي دؤر ۾ ڀاهرين ملڪن مان غربت جي نالي تي ڊالر ميڙيندڙ اين جي اوز به اهو ڪم ناهن ڪري سگهيون، جيڪو هن ڪيو. حيدر بخش جتوئي ۽ بابا ڪامريڊ تاج محمد ابڙو وچ ۾ انتهائي ويجهڙائي وارا تعلقات هئا. هر مسئلي تي پاڻ ۾ صلاح مشورا ڪندا هئا. ڪامريڊ بابا جي ڏاهپ تي ناز ڪندو هو ته اتي وري بابا، چاچا ڪامريڊ جي حوالي سان اڪثر اها ڳالهه چوندو هو ته هو سنڌ جي مظلوم طبقي جو ساٿاري آهي.

خير انهن ڳالهين کي زمانا گذري چڪا، اهي ماضي جون يادون بڻجي رهجي ويون آهن پر اها به حقيقت آهي، ته اسان جي ماڻهن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي شخصيت کي هيل تائين اها موت ناهي ڏني، جيڪا کين ڏيڻ گهرجي ها. جيڪا اسان جي سڀ کان وڏي خامي آهي، ته اسان پنهنجي هيروز کي وساريندا پيا وڃون. اڄ هن شخص کي وڇڙي 38 سال گذري چڪا آهن پر اسان سندس پورهئي کي ڪهڙي موت ڏني؟ سندس نالي پويان نه ڪو ادارو قائم ڪيوسين ۽ نه ئي ڪا ٽرسٽ جوڙي سگهيا آهيون. اڄ به حيدرآباد جي شهر جو مک چوسول "حيدر چوڪ" اسان جي ذهن کي جهنجهوڙي هر

ايندڙ ويندڙ کان ڪئي سوال ڪندو ٿو وتي. هن چوڪ تي هن جون ڪئي يادون دفن ٿيل آهن. هن شهر ۾ هن شخص پويان ڪو ادارو قائم ڪيو وڃي ها. جنهن شهر ۾ گهٽين ۽ چوراهن تي ويهي ڪري هن مظلوم طبقي جي نمائندگي لاءِ پلان جوڙيا. هن شهر ۾ ئي هن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. آخر چو.........؟!! جيڪا ڳالهه انتهائي حيران ڪندڙ ٿي لڳي. ايڏي سچي انسان جي نالي سان ٿيل ويڏن تي ڪير هجي، جيڪو ڪجهه چوڻ جي جرئت تہ ڪري. اڄ هن جي 38 هين ورسي آهي پر ڪنهن بہ اداري وڏي پيماني تي سندس جي ورسي ملهائڻ جو اهتمام ناهي ڪيو. سواءِ چند تنظيمن ۽ دوستن جي. اهي ڳالهيون ايندڙ وقت ۾ اسان لاءِ چئلينج بڻبيون.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي مست فقير، ملنگ صفت انسان دوست ۽ انسانيت جو جهر جهنگ تبليغ ڪندڙ سنڌ جو مهان انسان هو. اڄ ورسيءَ جي موقعي تي آئون سموري سنڌ جي وس وارن کي اهو عرض ڪندس تہ هو باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جي ورسي جي ڏهاڙي تي سندن ياد ۾ ڏهاڙا ملهائين تہ جيئن ان جي شخصيت کي ۽ سندن چڱيل نياپي کي عام ماڻهو تائين پهچائي سگهجي. ان سان گڏ خاص طور تي سنڌ جي مظلوم ۽ هاري طبقي کي اڄوڪي ڏينهن جي مناسبت سان پراڻين يادن کي تازو ڪندي امن، پريت ۽ محبتن جو سنديسو ڪٽي، امن ريليون ڪيڻ کپن غريب ۽ مظلوم، ڏکويل انسانن سان همدردي جتائڻ کپي. اها ئي اڄوڪي دؤر جي ضرورت آهي ۽ اهو ئي ماڻهو جو نظريو هجڻ گهرجي. اهي ئي ماڻهو امر ٿي ويندا آهن. جيڪي ٻين لاءِ جيئڻ جو فن ڄاڻن ٿا.

---

سنڌو ڊائجسٽ، هلچل، خبرون، مهراڻ، سوپ، هلال پاڪستان، سنڌ، سڪار، عبرت، تعمير سنڌ، فيصلو، سنڌو، شام

# ڪامريڊ تاج محمد ابڙو

## ۽ مچ ڪچهريون

لطيف سائين جي ڌرتي سنڌ جيڪا مختلف روايتن ڪهاوتن ڪارڻ هر وقت ڪنهن لاءِ ڪنهن حد تائين پر ڪشش رهي آهي. ان سر زمين تي هميشه محبت جا ميلا متل رهيا آهن، اهي ميلا مختلف روين ۾ سجندا رهندا آيا. ميلن ملاڪڙن کان وينديِ اوطاق ڪچهريون سنڌ جون پراڻيون روايتون ۽ هڪ ٻئي جا سور سٽڻ جو جتي مرڪز بڻيل رهيون آهن ته اتي وري سياري جي سرد هوائن ۾ سنڌ اندر ٿيندڙ مچ ڪچهريون مشهور آهن. توڙي جو اتي اجوڪي دؤر ۾ اهو رواج گهٽ ٿيندو وڃي پر تنهن باوجود سنڌ ۾ اڃا تائين مچ ڪچهريون ٿيندو اچن. انهن ڪچهرين ۾ پرپاسي جي ڳوناڻن کان وينديِ دوستن تائين ٻاهه جي چوطرف محبتن جا ميلا مچايا ويندا آهن. هڪ ٻئي سان جتي گلائو ۽ شڪوائون هجتن جا پل پسڻ لاءِ ملن ٿا. لاڙڪاڻو ضلعو انهيءَ حوالي سان تمام گهڻو زرخيز رهيو آهي. اتي مچ ڪچهرين جي روايت ۽ سلسلو تمام آڳاٽي زماني کان هلندو اچي ۽ اڃا تائين اهوئي مچ ڪچهرين جو جوڀن جاري آهي.

هتي جڏهن به مچ ڪچهرين جو تذڪرو ٿيندو ته اتي پلا ڪيئن مرحوم ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي لاڙڪاڻي واري اوطاق کي وساري ٿو سگهجي، جتي سموري سنڌ جا ڏاها اچي مچ تي محبتن جا ميلا مچائيندا هئا. اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀُٽو کان وينديِ سوڀي گيانچنداڻي تائين هر مڪتبه فڪر جو ماڻهو ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي مچ ڪچهريءَ جو روح روان هوندو هو. انهن ڪچهرين ۾ جتي ٻاهه جي شعلن تي عظيم اراده سرجيا ويندا هئا ته هتي وري ايندڙ صبح جي پليڪار جا جتن ڪيا ويندا هئا ۽ هڪ ٻئي جا لڙڪ اگهي ڪين آٿت ڏني ويندي هئي. انهيءَ مچ ڪچهري ۾ جيڪو شرڪت ڪندو هو تنهن جي اٿڻ لاءِ دل نه ڪندي هئي. اهي مچ ڪچهريون ڪامريڊ تاج محمد ابڙو سجائي انهن وسيلن علم ادب جو درس ڏيندو هو ۽ سموري سنڌ کان سواءِ بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب جا سلجهيل اديب ۽ سماج سڌارڪ انهن مچ ڪچهرين ۾ اچي ڪجهه پرائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ اتي تمام وڏو سياسي سماجي ۽ادبي بحث ٿيندا هئا، پر اڄ سيٽلائيٽ دؤر جا ڪجهه آثار ضرور هن مچ ڪچهرين تي اثر انداز ٿيا آهن ۽ ماڻهن ۾ انهيءَ حوالي سان اڳيون چاهه ناهي رهيو ۽ سماجي قيد خاني ۾ بند ٿي رهجي ويا آهن پر تنهن پڄاڻا به ڪي آهن جيڪي انهن مچ ڪچهرين کي آباد رکيو اچن ۽ هر ڪنهن کي سڏي گڏ ڪري مچ مچائيندا اچن.

انهن مڇ ڪچهرين کي لاڙڪاڻي ۾ آباد رکڻ ۾ جتي پيا طبقا سرگرم آهن، اتي وري لاڙڪاڻي ضلعي ۾ مڇ ڪچهرين جو رواج وجهندڙ مرحوم تاج محمد ابڙو جو فرزند ايڊووڪيٽ مظهرعلي تاج ابڙو به ڪنهن کان پنتي ڪونهي ساڳيو علم هٿ ۾ کڻي لاڙڪاڻي ۾ ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو درس ڏيندو ۽ ادبي سماجي ميلا مچائيندو اچي. اهوئي ڪارڻ آهي جو اڄ لاڙڪاڻي جي عوام ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي لاڏاڻي ڪانپوءِ سندس جي سڪ مظهر علي تاج ابڙو مان لاهي ٿي جيڪو انهن مڇ ڪچهرين ۾ پاڻ ملهائيندو اچي، جيڪا ڳالھ انتهائي پلوڙ آهي.

سنڌ جي سمورن نوجوانن کي اهي مڇ ڪچهريون ۽ پراڻن جي چڱيل روايتن کي پاڻي ڏئي اڳتي وڌائڻ گهرجي، ڇو جو پراڻن جون چڱيل انهن روايتن ۾ اسان جي سماج لاءِ هڪ محبتن جو سنديسو سمايل آهي. ڪامريڊ تاج محمد ابڙو اڪثر اها ڳالھ ڪندو هو تہ جن بہ قومن پنهنجن وڏن جو ڏنل درس ڇڏيو تہ اهي تباھ برباد ۽ نقصان ۾ ويون آهن. انهي لاءِ اسان ماڻهن کي هن وقت تائين انهن مامرن کي ويجهائي کان وٺي ڪم ڪري پنهنجو پاڻ ۾ ڪنهن حد تائين متحرڪ ٿيڻ جي قوت پيدا ڪرڻ کپي تہ جيئن اسان وڏن جي چڱيل روايتن کي قائم ۽ دائم رکي سگهون.

اڪثر طور تي وقت نہ هجڻ واري عام ۽ غيرذميواري ڪارڻ انهي جا اثرات اسان تي ڀاري نموني اثرانداز ٿيندا رهندا آهن. هاڻ جڏهن سياري جا پڇاڙڪا پل ماضي بڻجي گذري رهيا آهن، تہ مڇ ڪچهريون بہ پڄاڻي تي پهچي چڪيون آهن.

---

خبرون، سنڌو ڊائجسٽ، هلچل، سنڌ، مهراڻ، عوامي آواز، مقدمو، فيصلو، عبرت، سڪار، تعمير سنڌ، هلال پاڪستان، نوائي وقت، خبرين، وڪتوريہ

# مخدوم طالب الموليٰ

## جيڪو سنڌ سان نينهن نيائي ويو!

سنڌ ۾ چند اهڙيون هستيون آهن، جيڪي ڌرتي جي سڄاڻپ بڻيل رهيون آهن. اهڙين هستين ۾ سنڌ جي روحاني جماعت سروري جي روح روان سنڌ جي لافاني شاعر، بي شمار خوبين جو حامل، قبلا سائين مخدوم طالب الموليٰ جو بہ شمار ٿئي ٿو. قبلا سائين مخدوم طالب الموليٰ جي اڄ ارڙهين ورسي سموري سنڌ ۾ ملهائجي رهي آهي ۽ ان سلسلي ۾ قبلا سائين مخدوم طالب الموليٰ جي اباڻي شهر هالا ۾ مک تقريب جو اهتمام ڪيو ويو آهي، جتي سندس هزارين چاهيندڙ ۽ موجوده گادي نشين درگاهہ حضرت نوح قبلا سائين مخدوم امين فهيم، مخدوم سيد الزمان، مخدوم شڪيل الزمان، مخدوم جميل الزمان، مخدوم خليق الزمان سميت هزارين سندن چاهيندڙ مزار تي پڙ چاڙهي جتي خصوصي دعائون گهرندا تہ اتي قبلا سائين مخدوم طالب الموليٰ جي زندگي تي روشني پڻ وجهندا.

قبلا سائين مخدوم طالب الموليٰ جي شخصيت تي مون وٽ ڪي ايڏا وڏا لفظ نہ آهن جيڪي سندس شخصيت سان ٺهڪي اچن. هو تہ هڪ اسان لاءِ خواب بڻجي ويو، اهو خواب جنهن کي اسان اڄ ايڏو سارو وقت گذرڻ باوجود بہ وساري ناهيون سگهيا. قبلا سائين مخدوم طالب الموليٰ بہ حيثيت هڪ شاعر جي جيڪر ڏسجي تہ سنڌ جو اهو لافاني شاعر هو، جنهن جي شاعري ۾ لفظ رقص ڪندي سندن محتاج ٿا نظر اچن. چوٽي جا گائڪ سندن شاعري ڳائڻ لاءِ هر دؤر ۾ پياسا نظر آيا. سندن شاعري ملڪي توڙي غير ملڪي فضا ۾ جيڪا هلچل مچائي، دليون پگهاريون تنهن جو ذڪر اڄ بہ گهٽين ذهنن تي ڪلهہ جيان تازو آهي. سندن شاعريءَ ۾ لفظن جي ادائيگي اهڙي تہ مهارت سان ٿيل هوندي هئي، جيڪر ڪو هڪ ڀيرو سندن شاعري ٻڌندو هو تہ هو ڀيهر هر هر سندس شاعري ٻڌڻ جي خواهش ظاهر ڪندو هو. قبلا سائين مخدوم طالب الموليٰ جي دؤر ۾ هالا ۾ ادبي ميلا متل نظر ايندا هئا، سندن اوطارن تي سنڌ جا وڏا وڏا اديب اچي ادبي اڄ اجهائيندا هئا. قبلا سائين مخدوم طالب الموليٰ پنهنجي سموري ڄمار ادبي خدمتن تي نڇاور ڪئي، سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين هئڻ جي ناتي ڪان پاڻ بہ ادبي دنيا لاءِ نہ وسارڻ جوڳيون جتي خدمتون سرانجام ڏنيون اتي پاڻ مڃايو ۽ ادبي بورڊ جي فلاح ۽ بهبود لاءِ هنگامي بنيادن تي جيڪي قدم کنيا، سي اڄ بہ تاريخ جو حصو آهن.

اڄ تمام گهڻي خوشي جي ڳالهہ آهي تہ جنهن بورڊ جا چيئرمين قبلا سائين مخدوم طالب الموليٰ جن هئا، اڄ انهي بورڊ جا چيئرمين سندن ئي فرزند مخدوم امين فهيم جا پٽ مخدوم جميل الزمان آهن، جيڪي قبلا سائين مخدوم طالب الموليٰ وانگي سنڌي ادبي بورڊ ۾ خدمتون سرانجام ڏيندي نظر ٿا اچن

سندن ڪيل ڪمن ڪي سنڌي ماڻهو انتهائي سار اهه پرين نگاهن سان ڏسن ٿا قبلا سائين مخدوم طالب المولیٰ جتي ادبي دنيا ۾ پاڻ ملهايو ۽ تاريخ جو حصو بڻجي ويا ته اتي به حيثيت سروري جماعت جي روحاني پيشوا هئڻ جي ناتي ڪان به پاڻ مڃايو ۽ هن وقت تائين سندن شخصيت جا ڪيترائي عاشق سموري سنڌ ۾ موجود آهن، جيڪي سندن شخصيت تي ساهه ڇڏين ٿا پاڻ روحاني جماعت سروري جا جنهن وقت روح روان هئا، تنهن وقت ۾ امن، پائيچاري جي فضا ڪي جنم ڏيڻ محبت جو پيغام گهر گهر پهچائڻ جو پنهنجي جماعت وسيلي درس ڏيندا رهيا ۽ هرحال ۾ پنهنجي سروري جماعت سان زندگي جي آخري ساهه تائين وفا ڪئي، پنهنجي مريدن ڪان پنهنجو حقيقي عشق موت جي پاڪرن ۾ پرجڻ تائين نڀايو. سندن شخصيت جي اهڙي بيشمار خوبين ڪي ڏسندي گهڻا ماڻهو مٿس ساهه ڇڏيندا هئا ۽ سندن واڪاڻ ڪرڻ بغير رهي نه سگهندا هئا.

قبلا سائين مخدوم طالب المولیٰ جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون، سندن جيڪو ڪردار رهيو، اهو تاريخ جو هڪ نه وسارڻ جوڳو باب بڻجي رهجي ويو آهي، جنهن ڪي سنڌي ماڻهو ورهين تائين ڳائيندا رهندا. مون ڪي ياد آهي ته جڏهن لاڙڪاڻي ۾ قبلا سائين مخدوم طالب المولیٰ ايندا هئا ته جماعت الشعرا سنڌ جي ڪامريڊ تاج محمد ابڙو هائوس تي ٿيندڙ گڏجاڻي جي صدارت ڪندا هئا، ادبي ميلا مچائيندا هئا جتي بابا مرحوم ڪامريڊ تاج محمد ابڙو ۽ قبلا سائين مخدوم طالب المولیٰ جون نه وسارڻ جهڙيون يادگار ادبي ڪچهريون رچنديون هيون، انهن ڪچهرين ۾ ڪنهن حد تائين مان به شامل رهيس ۽ قبلا سائين مخدوم طالب المولیٰ جا ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي لاڙڪاڻي واري چيمبر ۾ چيل لفظ ۽ ادبي ڪچهريون اڄ تائين آئون وساري ناهيان سگهيو. مون ڪي ائين لڳندو آهي ته اڄ به قبلا سائين مخدوم طالب المولیٰ حيات آهن ۽ بابا سائين ڪامريڊ تاج محمد ابڙو سان سندس لاڙڪاڻي واري چيمبر تي ڪچهري پيا ڪن. اڄ ايڏو سڄو وقت گذري وڃڻ باوجود به هن جي موت جي خبر برداشت ڪرڻ جي سگهه سرير ۾ ناهي ، اهو هن لاءِ جو اسان ڪي سندن شخصيت سان عشق رهيو آهي، اهو عشق جو موت ٽوڙي ئي سگهي!

سندن لاڏاڻي ڪان پوءِ ادبي حوالي سان تمام وڏو خال پيدا ٿيو ته اتي سروري جماعت ڪان انهن جو روح روان الڳ ٿيو پر سندن لاڏاڻي بعد قبلا مخدوم امين فهيم هالا جون رونقون بحال پيا ڪيو اچن ۽ پنهنجي سروري جماعت ۽ پنهنجي مريدن جو پنهنجي اولاد ڪان به وڌيڪ خيال ٿا رکن اتي ادبي سرگرميون به والد مرحوم قبلا مخدوم طالب المولیٰ وانگي شروع ڪيون آهن ۽ بزم مخدوم طالب المولیٰ سموري سنڌ ۾ ادبي حوالي ڪان سرگرم آهي ۽ قبلا سائين طالب المولیٰ جو اڌ ۾ ڇڏيل ادبي سفر هن تنظيم وسيلي سنڌ ۾ پڪڙجي رهيو آهي، جيڪا اسان لاءِ تمام وڏي ڳالهه آهي ته اتي قبلا سائين مخدوم طالب المولیٰ وانگي مخدوم جميل الزمان سنڌي ادبي بورڊ ڪي پيهر جيئندان ڏياري نوان لاڙا متعارف پيا ڪرائين، سا ڳالهه سموري سنڌ لاءِ باعث فخر آهي جڏهن سنڌ ۾ ٻوڏ آئي ته قبلا سائين مخدوم امين فهيم پاڻ ملهايو. واهن جا ڪپ ٻڏڻ ڪان ويندي ڀاڙوٽ جي مقام تي پنهنجي مريدن جون ڊيوٽيون لڳايون ۽ پاڻ هن ڪم جي نگراني ڪندي حيدرآباد، مٽياري ۽ هالا سميت سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ڪي ٻڏڻ ڪان بچايو. سندن اهڙي جرئت ۽ همٿ ڪي ڏسندي گهڻا ماڻهو سندن شخصيت جا عاشق بنجي

ويا. قبلا مخدوم امين فهيم هر موڙ تي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي پنهنجي جماعت جو پنهنجي اولاد وانگي خيال ڪيو آهي ۽ انهن سان هر حال ۾ وفا ڪئي آهي ۽ اڄ قبلا سائين مخدوم طالب المولیٰ جي ورسي جي موقعي تي به قبلا مخدوم امين فهيم اهو ازم پيا دهرائن ته

طالب تو اپني دل کو تو ديوانا نہ بنادي،
يون نقش غم بار سيبتخا نہ بنادي.
دشمن کي زبان پر تيرا ذکر هو هر دم،
اي يار! ميري زيست کو افسانہ نہ بنادي.
ساقي تيري ان مست نگاهون کي مين صدقي،
اورون کي طرح مجهہ کو بهي ديوانا نہ بنادي.
اي پردا نشين آه تيرا ناز حقيقت،
باز آکر کهين مجهہ کو تماشا نہ بنادي.
اس زلف پريشان کي لئي اي ميري دلبر،
الله ميري هاتهون کو توشا نہ بنا دي.

---

خبرون، سنڌو ڊائجسٽ، هلچل، سنڌ، مهراڻ، عوامي آواز، مقدمو، فيصلو، عبرت، سڪار، تعمير سنڌ، هلال پاڪستان، سوڀ، سنڌو

# مولانا جان محمد عباسي

## سنڌ جي مشهور مذهبي شخصيت

مولانا جان محمد عباسي جو شمار سنڌ جي اعليٰ مذهبي سياستدانن ۾ ڪيو وڃي ٿو. هن لاڙڪاڻي ضلعي جي معزز شخصيت مولانا غلام رسول عباسي جي گهر ۾ تاريخ پهرين جنوري 1925ع ۾ لاڙڪاڻي تعلقي جي ننڍڙي ڳوٺ پيڙو چانڊيو ۾ اک کولي ۽ هن تي سندس ڏاڏي جو نالو رکيو ويو. مولانا جان محمد عباسي جو گهراڻو ۽ سندس والد مولانا غلام رسول عباسي سنڌ، بلوچستان وينديءَ افغانستان ۽ ايران تائين علم ۽ طب جي حوالي سان مشهور رهيو آهي. جيئن تہ مولانا جان محمد عباسي جو مذهبي گهراڻي سان واسطو هو، ان ڪري سندس ننڍپڻ کان ئي تربيت مذهبي طرز تي ٿيڻ لڳي. شروعات ۾ پنهنجي ڳوٺ پيڙو چانڊيو منجهان ئي پرائمري پاس ڪيائين ۽ پوءِ بہ اڳتي تعليم جي جستجو ۾ سنڌ يونيورسٽي مان عربي جو امتحان صوبي ليول تي پوزيشن ۾ پاس ڪري نڪتو ۽ پوءِ ڪوئيٽہ مان مولانا عبدالعزيز کان درس حاصل ڪيائين.

مولانا جان محمد عباسي کي مذهب سان گڏوگڏ سياست جو بہ شوق هيو ۽ حقيقت ۾ مولانا جان محمد عباسي سياست جو آغاز 1940ع کان قاضي فضل الله ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سان گڏ ڪيو ۽ بعد ۾ پنهنجي طبيعت مطابق ملڪ جي تمام وڏي مذهبي ۽ مشهور پارٽي جماعت اسلامي ۾ شموليت اختيار ڪئي. ڪيس پارٽي طرفان سندس محنت جي ڪري جماعت اسلامي جو 1954ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جو امير مقرر ڪيو ويو.

مولانا جان محمد عباسي جا ملڪ توڙي ملڪ کان ٻاهر ڪافي مذهبي توڙي سياسي شخصيتن سان سُٺا ناتا رهيا، انهن ئي منجهان سيد ابو الاعليٰ مودودي بہ هڪ آهي. جيئن تہ مولانا جان محمد عباسي جو ڳوٺ لاڙڪاڻو هيو جو پوري دنيا ۾ سياست جي حوالي سان سياستدانن جي ڌرتي طور مشهور آهي. جتي وڏيرا شاهي شروع کان ئي سياست تي قابض رهندي آئي آهي. لاڙڪاڻو جتي سر شاهنواز خان ڀُٽو، خان بهادر محمد ايوب کهڙو ۽ قاضي فضل الله جن جو سياست تي باقاعده ڏاڪو ڄميل هيو. اتي جماعت اسلامي جو ٻج ڇٽڻ لاءِ بہ وڏي گردي جي ڳالهہ هئي. اهڙي ڏکي سياسي علائقي ۾ پنهنجي پير نہ ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ ڪو مولانا جان محمد عباسي کان سکي ها.

مولانا جان محمد عباسي سان منهنجي ملاقات 1985ع ۾ ٿي. منهنجو والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو سيشن ججيءَ تان رٽائر ٿي ڪري اچي پنهنجي اباڻي ڳوٺ لاڙڪاڻي ۾ قيام پذير ٿيو. بابا سائين

جي اوطاق هند سنڌ ۾ ڪچهرين جي حوالي سان مشهور رهي آهي. جنهن ۾ 1970ع تائين سنڌ جا سيئي سياستدان، اديب ۽ شاعر اچي ڪچهريون ڪندا هئا. اتي ئي مولانا جان محمد عباسي به ڪچهريون ڪندو هيو. مگر ڪچهري لاءِ جڳهه ڪونه هجڻ ڪري منهنجي والد صاحب اڱڻ ۾ ڪرسيون رکي ڪچهري واري پنهنجي پراڻي روايت برقرار رکي، اها جاءِ مولانا جان محمد عباسي کي پسند نه آئي ۽ منهنجي والد صاحب کي چيائين ته گهر اڳيان هڪ ڪمرو سرڪاري پلاٽ تي ٺهرايو ته اتي گهٽ ۾ گهٽ ڇت جي هيٺيان ته اچي ڪچهري ڪريون. مولانا جان محمد عباسي جي صلاح ڪانپوءِ اسان هڪ ڪمرو سندس فرزند قربان علي عباسي جو ان وقت لاڙڪاڻي ميونسپالٽي جو چيئرمين هئو تنهن جي اجازت سان ٺهرايو، جتي مولانا جان محمد عباسي به ڪڏهن ڪڏهن ايندو هئو. مولانا جان محمد عباسي جي صابرين، بااخلاق ۽ بي ضرر طبيعت ۽ غريب مسڪين ماڻهن سان غمي خوشي ۾ ميل جول ۽ سندن داد رسي جي سبب ڪري ماڻهن جون دليون کٽيون. پاڻ 1960ع کان 1971ع تائين يونين ڪاميٽي جو مسلسل چيئرمين ۽ بعد ۾ لوڪل بورڊ جو ميمبر پڻ چونڊيو. صدر ايوب خان جماعت اسلامي تي 1964ع ۾ پابندي وڌي ته ٻين سان گڏ مولانا جان محمد عباسي کي به گرفتار ڪيو ويو. ۽ بعد ۾ سپريم ڪورٽ جي حڪم تي آزاد ڪيو ويو.

1970ع ۾ هن ممتاز علي ڀٽو ۽ مسلم ليگ جي قاضي فضل الله سان مقابلي ۾ قومي اسيمبلي جو فارم ڀرايو، 1977ع ۾ تنهن وقت جي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي مقابلي ۾ پي اين اي جي پليٽ فارم تان واحد اميدوار طور سامهون آيو انهي اليڪشن ۾ مولانا جان محمد عباسي جي ذوالفقار علي ڀٽو سان سخت سياسي اٽڪت شروع ٿي، جنهن بعد ئي پي اين اي جي پليٽ فارم تان ذوالفقار علي ڀٽو خلاف تحريڪ شروع ٿي، جنهن ۾ پڻ مولانا جان محمد عباسي کي گرفتار ڪيو ويو. انهي سياسي جهيڙي مولانا جان محمد عباسي کي پوري دنيا ۾ مشهور ڪرايو.

مولانا جان محمد عباسي جو لکڻ پڙهڻ سان چاهه پڻ هئو. انهي سبب ڪري ئي هو هفتيوار پاڪستان جو ايڊيٽر پڻ رهيو. مولانا جان محمد عباسي جون مختلف ملڪن جي سياستدانن سان روبرو ڪچهريون به ٿيون. جن مان خاص امام انقلاب آيت الله خميني جن به آهن.

مولانا جان محمد عباسي وفات تائين جماعت اسلامي پاڪستان جو نائب امير هيو ۽ هو جماعت اسلامي جي حوالي سان ذهين ڏاهو ۽ جماعت اسلامي کي پاڪستان ۾ مضبوط ڪندڙ رهنما تصور ڪيو وڃي ٿو. خدا تعاليٰ سندس کي جنت الفردوس عطا فرمائي (آمين)

**عوامي آواز، مهراڻ، سنڌ، هلچل، سچ، هلال پاڪستان، تعمير سنڌ**

# مسڪين جهان خان ڪوسو

## ٿر جو امر ڪردار

ٿر جو نالو وٺڻ سان ذهن جي آغوش تي پراڻي يادن جي ڊائري جا ورق ڪنهن ماضي وانگي اچي بيهي رهندا آهن ۽ مون کي اياز جون اهي سٽون ياد پونديون آهن تہ:

جت لڪ لڳي جتي اڪ پڇن
سو ديس مسافر منهنجو ڙي!

اڄ 23 جولاءِ انهي ٿر ڇائي ڪارونجهر جي رکوالي مسڪين جهان خان ڪوسي جي ورسي جو ڏينهن آهي پر اسان سڀ معاشرتي تنگ نظري سبب ڪيس وساري ويٺا آهيون، ڪنهن کي ياد ڪونهي، تہ ڪو اڄ 23 جولاءِ تي مسڪين جهان خان ڪوسي جي ورسي آهي ۽ نہ وري منهنجي ناليج تائين اهڙو ڪو سنڌ ۾ ڪٿي پروگرام رکيو ويو آهي، اها اسان جي ڪيڏي بدنصيبي آهي، جو اسان پنهنجي محسن کي وساريندي پراڻيون روايتون ڇڏيندي رڳو مفادن جي جنگ پويان پيل آهيون.

مون کي ياد پوي ٿو تہ جڏهن منهنجو والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو ميرپورخاص ضلعي جو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج هو، تہ انهي وقت مٺي ۽ عمرڪوٽ ضلعا ميرپورخاص سان سلهاڙيل هئا. ميرپورخاص ۾ رهندي والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو واتان خبر پيم، تہ هن علائقي جو هڪ وڏو سماج سڌارڪ آهي جيڪو پاڻ کي مسڪين ٿو سڏائي. منهنجي والد مسڪين جهان خان ڪوسي جي حوالي سان ڪوڙ ساريون ڳالهيون ٻڌايون جنهن کي ٻڌڻ بعد دل ۾ خيال آيو تہ مسڪين جهان خان ڪوسي سان ضرور ملبو.

انهي نيت هيٺ ميرپورخاص ريلوي اسٽيشن لڳ موجود عثمانيہ مسافر خانو جتي ٻڌو هيم تہ مسڪين جهان خان ڪوسو رهندو آهي اتي وڃڻ ٿيو، بعد ۾ خبر پئي تہ پاڻ ننگر پارڪر ڏي ويل آهن. هوٽل تي ويٺل هڪ پيرسن سان مسڪين جهان خان ڪوسي جي حوالي سان حال احوال اوريا سين تہ هن هڪ ڪٽ ڏانهن اشارو ڪندي چيو تہ اها ڪٽ مسڪين جهان خان ڪوسي جي حوالي ٿيل آهي. پاڻ سڄو ڏينهن اتي آرام ڪندا آهن ۽ وٽن ٿر مان لا تعداد ٿريا ڪم لاءِ ايندا آهن. پاڻ بغير ڪنهن لوڀ لالچ جي آفيسن ۾ وڃي انهن جا ڪم ڪرائي ڏيندو آهي. هن پيرسن ٻڌايو تہ سندس سماجي خدمتن جي سبب هوٽل مالڪ مسواڙ بہ ناهي وٺندو.

تنهن بعد بابا سائين جي ميرپورخاص مان بدلي ٿيڻ ڪارڻ مسڪين جهان خان ڪوسي ساڻ ملاقات جو خواب اڌورو رهيو پر سندس شخصيت جي حوالي سان جيڪي ڪجهہ ٻڌو، تنهن کي ٻڌڻ بعد ذهن چڪرائجي ويو، دل ۾ اهو خيال آيو تہ ڪو ٿر جهڙي پٺتي پيل وارياسي علائقي مان سنڌ جي ايڏي سچي تاريخ ساز شخصيت بہ جنم وٺي سگهي ٿي.

جيڪر ٿر مان مسڪين جهان خان کوسي جو نالو ۽ ڪارونجهر جو پرچار ڪتجي تہ ٿر ۾ باقي ڇا وڃي رهندو. مسڪين جهان خان کوسو بنيادي طور فقير صفت انسان هو، هن ٿرين جي هر قسم جي سار لڌي انهيءَ وقت ۾ جڏهن ٿر جي اندر پٽيل راج جو داٻو هو، مسڪين جهان خان کوسي کان غريبن جي حالت ڏٺي نہ ٿيندي هئي هو انهن جي اکين ۾ آيل ڳوڙهن کي برداشت نہ ڪري سگهندو هو، اهو ئي سبب هو جو جڏهن ٿر ۾ پيانڪ ڏڪار آيو ۽ ٿريا ماني ڳيپي لاءِ پريشان هئا، تہ انهي وقت ۾ مسڪين جهان خان کوسي پنهنجا سمورا غم وساري پنهنجي سموري ملڪيت کپائي سمورو پئسو غريب ٿرين ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو. جڏهن تہ ان وقت ۾ مسڪين جهان خان کوسي جو شمار ٿر جي امير ماڻهن ۾ ٿيندو هو، مسڪين جهان خان کوسي جي سماجي خدمتن ۽ انسان دوست رويي سبب ڪيس آمريڪا جي هڪ تنظيم آمريڪن بايو گرافيڪل انسٽيٽيوٽ پاران مڃتا ايوارڊ ڏيڻ جو اعلان ڪيو، اهڙو اطلاع مسڪين جهان خان کوسي جي پٽ مسڪين بجر خان کوسي کي تنظيم جي اختيارن هڪ ليٽر ذريعي ڏنو پر هو غربت سبب آمريڪا نہ وڃي سگهيو نہ ئي ايوارڊ وصول ڪري سگهيو پر ان وقت جي عمرڪوٽ جي ايس پي سيد احسان شاهہ راشدي پوليس جي پڳهارن ۾ ڪٽوتي ڪئي ۽ مسڪين بجر خان کوسي کي ڏوڪڙ ڏنا، تہ هو آمريڪا وڃي پنهنجي والد جو مڃتا ايوارڊ وٺي اچي، پر اهي بہ ڏوڪڙ آمريڪا وڃڻ لاءِ ناڪافي هئا. جڏهن تہ انهي آڙ ۾ عمرڪوٽ جي چند سفيد پوش ماڻهن چندا پڻ ڪيا، جيڪي ڏوڪڙ مسڪين جهان خان کوسي جي پٽ بجر خان کي نہ مليا. بعد ۾ پريس ڪلب عمرڪوٽ جي اندر پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مسڪين بجر خان کوسي چيو تہ هاڻ هو ايوارڊ وٺڻ لاءِ ڪنهن جي آڏو هٿ نہ ڦهلائيندو، پوليس واري ڊيوٽي کان رٽائرمينٽ وٺڻ بعد انهن پئسن مان آمريڪا وڃي مسڪين جهان خان کوسي کي مليل مڃتا ايوارڊ وٺي ايندو پر سپنو هن جو ساپيان نہ ٿي سگهيو. هو پوليس واري ڊيوٽي تان تہ رٽائرڊ بہ ٿيو تہ وري بہ ڏوڪڙن جي کوٽ ان لاءِ مسئلو بڻيل هئي.

اڄ انهي ٿرين جي هڏ ڏوکي انسان مسڪين جهان خان کوسي جي ورسي جو ڏينهن 23 جولاءِ آهي، پر وري بہ ڏک ان ڳالهہ جو آهي تہ اسان هن مهان انسان لاءِ ڪجهہ بہ ناهيون ڪري سگهيا، هن جا خواب اڌورا رهجي ويا اڄ ٿر ۾ ٿرين جي نالي تي ڪوڙ اين جي اوز ڪم ڪن پيون پر اهي اهڙو ڪوبہ انقلاب نہ آڻي سگهيون، نڪو وري انهن اهڙو ڪو ٿرين کي شعور ڏنو آهي، جيڪو مسڪين جهان خان کوسي ڏنو هو. منهنجي سنڌ حڪومت کي اها وينتي آهي، تہ ٿرپارڪر ضلعي ۾ هر 23 جولاءِ تي مسڪين جهان خان کوسي واري ورسي واري ڏينهن عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي ۽ سرڪاري طرح سان ٿرپارڪر ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر يا ننگر پارڪر ۾ ورسي ملهائي وڃي، مختلف شخصيتن جن پنهنجي فيلڊ ۾ نانءُ ڪمايو آهي، تن کي مسڪين جهان خان کوسو ايوارڊ ڏنا وڃن ۽ مسڪين جهان خان کوسي جي نالي تي ٿر ۾ ڪاليج، يونيورسٽي، اسٽيڊيم ۽ ميوزيم وغيره قائم ڪيا وڃن. ائين ڪرڻ سان اسان دنيا جي اڳيان اهو چورائڻ جي لائق ٿي ويندا سين تہ اسان پنهنجن محسنن جي تهہ دل سان عزت ڪيون ٿا.

---

**خبرون، سنڌو ڊائجسٽ، هلچل، عوامي آواز، مقدمو، سوڀ، هلال پاڪستان، سنڌ، مهراڻ، سنڌو، سڪار، عبرت، فيصلو، تعمير سنڌ**

# مخدوم جميل الزمان

**۽ اميدون**

سنڌ ۾ روحانيت جي پرچار تمام آڳاٽي دؤر کان ٿيندي رهي آهي. روحانيت جي سفر پويان صوفي ازم جا پيروڪار هر دؤر ۾ مايوسين جي در چڙهيل سماج ۾ خوشيون ڦهلائيندا رهيا آهن، سنڌ ۾ گادين ۽ انهن جي مريدن جو سلسلو تما م آڳاٽو آهي ۽ مريد پنهنجن مرشدن کي دلين اندر جاءِ ڏيندي انهن جي هر حڪم تي لبيڪ چوندا رهيا آهن. سنڌ جي تاريخي شهر هالا جنهن جي سماجي توڙي سياسي ۽ ادبي حساب سان هڪ الڳ حيثيت رهي آهي، ان شهر جي فضائن ۾ محبتن جي پرچار ملي ٿي، هن شهر ۾ سروري جماعت جيڪا سوا نَو لک گودڙي جي جماعت ليکي وڃي ٿي، تنهن جي گادي بہ هن ئي شهر ۾ آهي ۽ هن جماعت جو سلسلو تمام پراڻو رهيو آهي ۽ سروري جماعت جا مريد پاڪ ۽ هند ۾ وڏي انگ ۾ موجود آهن. سروري جماعت کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ جڏهن قبلا سائين مخدوم طالب المولىٰ گادي نشين هئا تہ پاڻ تمام اثرائتي نموني گادي کي سنڀاليندي سروري جماعت ۽ انسانيت جي تمام گهڻي خدمت ڪئي ۽ پنهنجي دؤر ۾ پاڻ جتي ادبي ميلا رچايا تہ اتي سماجي ڪمن ۾ اڳڀرا نظر آيا تہ سياسي حوالي سان بہ پاڻ مڪمل طور تي راڄ ڪيو ۽ هن دؤر ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بہ پيپلز پارٽي جو بنياد رکڻ لاءِ مخدوم صاحب جي شهر هالا جي چونڊ ڪئي هئي ۽ پاڻ لاڙڪاڻي کان هالا اچي پارٽي جو بنياد رکيو.

مخدوم طالب المولىٰ جي لاڏاڻي بعد موجوده گادي نشين قبلہ سائين مخدوم امين فهيم بہ ساڳئي راهہ تي هلندي نظر ٿا اچن ۽ سندس شخصيت کي ملڪي توڙي بين القوامي طور تي وڏي حيثيت حاصل آهي، انهي خاندان جو چشم و چراغ ۽ قبلہ مخدوم امين فهيم جي فرزند قبلہ مخدوم جميل الزمان کي وزير اعلىٰ سنڌ ، سيد قائم شاهہ پاران سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪا تمام گهڻي خوشي جهڙي ڳالهہ آهي ۽ سنڌ جي تمام حلقن وزير اعلىٰ جي ان قدم کي ساراهيو آهي، مخدوم جميل الزمان جي چيئرمين مقرر ٿيڻ بعد بورڊ ۾ جتي انقلابي تبديليون اچڻ شروع ٿيون آهن تہ اتي سنڌي ادبي بورڊ جي فلاح و بهبود لاءِ هينئر کان ئي تڪڙن بنيادن تي قدم کنيا پيا وڃن.

بابا مرحوم ڪامريڊ تاج محمد ابڙو اڪثر ڪچهرين ۾ قبلہ سائين مخدوم طالب المولىٰ سان ڪيل ڪچهرين جو قصو ٻڌائيندا رهندا هئا ۽ لاڙڪاڻي جي ابڙا خاندان ۾ ڪامريڊ تاج محمد ابڙو ۽ هالا جي مخدومن جي وچ ۾ انتهائي ويجهڙائي وارو رشتو رهيو آهي ۽ منهنجو پنهنجو بہ ذاتي طور تي هن گادي سان انتها جو عشق رهيو آهي ۽ مخدوم قبلہ سائين جميل الزمان سان ڪڏهن ڪچهري ڪراچي ۾ تہ

ڪڏهن وري هالا ۾ ٿيندي رهي آهي، سندن ڪچهرين ۾ جيڪو قرب محبت سنڌي عوام لاءِ پسجڻ لاءِ ملي ٿو اهو شايد ئي ٻئي ڪنهن جي ڪچهري ۾ سرور پسجڻ لاءِ ملي ٿو. اهڙي ادب دوست ۽ انسانيت دوست انسان کي ادبي بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪرڻ سان جتي ادبي بورڊ کي نوان رنگ نصيب ٿيندا ته اتي ان جي ترقي به ٿيندي ۽ پاڻ جيڪي شروعاتي قدم کنيا آهن اهي انتهائي تعريف لائق آهن ۽ انهن قدم کڻڻ جي سنڌي قوم منتظر هئي.

دعا آهي ته شل قبله سائين مخدوم طالب الموليٰ وانگر قبله سائين مخدوم جميل الزمان هن ادبي بورڊ کي هن جو وچايل جوڀن موٽائي ڏين. جنهن جي لاءِ سموري سنڌ جي عوام منتظر آهي ۽ انهن جون نگاهون قبله سائين مخدوم جميل الزمان ۾ آهن.

---

سوڀ، سنڌو ڊائجسٽ، مقدمو، سنڌو، سڪار، عوامي آواز،

هفتيوار سدابهار، هلچل

# نواب نبي بخش خان پيٽو

## هڪ اعليٰ شخصيت

نواب نبي بخش خان پيٽو سان منهنجو واسطو منهنجي جمڻ کان اڳ جو هو. هو منهنجي والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي انتهائي پراڻن دوستن منجهان هڪ دوست هو. 1985ع ۾ جڏهن بابا سائين ڊسٽرڪٽ سيشن جج جي عهدي تان رٽائر ٿيو، تہ پنهنجي اباڻي ڳوٺ لاڙڪاڻي ۾ اچي، رهائش پذير ٿيو. 1985ع ۾ نواب صاحب سان منهنجي پهرين ملاقات بابا سائين ڪرائيندي چيس تہ هي اوهان جو پائيٽيو نادر علي آهي. نواب صاحب حالانڪ انهيءَ وقت بہ انتهائي ضعيف هو پر وڏي زور، گرم جوشي ۽ محبت منجهان ڀاڪر پائي، پيشاني تي چمي ڏيئي مليو ۽ مونکي پنهنجي پرسان ڪرسيءَ تي ويهاريائين ۽ هڪ ملازم کي سڏ ڪري چيائين تہ بابا شهزادي کي منهنجي اوطاق گهمايو ۽ سندس اوطاق ڄڻ هئي ڪو بادشاهي محل هو. اوطاق ڏسي اچي نواب صاحب جي پرسان ويٺس. ڪافي دير ڪچهري هلي بعد ۾ منجهند جي ماني پڻ زوري نواب صاحب ڪارائي. ڪجهہ مهينن ئي بعد بابا سائين وفات ڪري ويو. نواب صاحب ضعيفي جي حالت ۾ اچي اسان وٽ تڏي تي تعزيتي دعا گهري ۽ تعزيتي بڪ ۾ لکندي چيو تہ "اڄ منهنجو هڪ بازو ڪٽجي ويو آهي. تاج محمد خان ابڙو منهنجو پائرن جهڙو دوست مون تي ڏاڍو مهربان ۽ همدرد هو. مونکي هو هر وقت ياد هوندو آهي." نواب صاحب جي بابا سائين سان انتهائي گهرائپ هئي، اهو ئي سبب هو جو مان هن وٽ تقريبن هر سال سندس ڳوٺ ميرپور پيٽو وڏي سڪ منجهان ويندو هئس. موت ۾ نواب صاحب بہ مونکي جيڪا محبت ۽ پيار ڏيندو هو سا وسارڻ جوڳي ناهي. هو خاموش طبع انسان هو. گهٽ ڳالهائيندو، هميشہ الله جو ذڪر زبان تي ڪندڙ ۽ قرآن پاڪ جون ڪيسٽون ٻڌندڙ، جانورن سان پيار ڪندڙ، انسان ذات جي دل سان خدمت ڪندڙ، مسجدن ۽ مدرسن تي تمام گهڻو خرچ ڪندڙ غريب مسڪين ماڻهن کي خيرات ججهي ڏيندڙ، مسڪين نياڻين جي لاءِ ڏاج وغيره جو خرچ خوشيءَ سان برداشت ڪندڙ هو. سندس ننگر جواني کان آخري وقت تائين جاري رهيو.

مون کي ياد آهي اهو ڏينهن جڏهن مان ساڻس ڪچهري ڪرڻ ويس. اتي ڳالهين ڳالهين ۾ مونکان پڇيائين تہ "پائيٽيا اوهان جي ننڍي واري زمين جو ڇا حال آهي." منهنجي ٻڌائڻ تي تہ اها پئسا نہ هجڻ ڪري غير آباد آهي. اهو ٻڌندي ئي هڪدم ذاتي سيڪريٽري کي چيائين تہ "اها سڄي زمين اڄ کان آباد ٿيڻ کپي، خرچ جا سمورا پئسا مان پاڻ ڏيندس." هن دؤر ۾ اهي لفظ مون کي ڪنهن انسان جا نہ بلڪ ڪنهن فرشتي جا پئي محسوس ٿيا. ڄڻ تہ مون کو خواب پئي ڏٺو پر نہ اها حقيقت هئي. هٿ ٻڌي مهرباني چيم ۽ چيو مانس تہ چاچا اوهان جا ٿورا ٿيا پر مونکي اها زمين جلد ئي وڪڻڻي آهي، سو جلد ئي چند ڏينهن ۾ وڪامجي ويندي. نواب صاحب کي سياست سان تمام گهڻي دلچسپي هئي تنهن

ڪري ڪافي وقت سنڌ هند جي سياست ۾ رهيو. نواب صاحب سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ جڏهن به ڪنهن اليڪشن ۾ بيٺو هميشه ڪاميابي ماڻيائين.

سنڌ جي هن بزرگ سياستدان 1904ع ۾ نواب الاهي بخش خان ڀٽو جي گهر ۾ جنم ورتو. نواب صاحب جو گهراڻو سنڌ جو معتبر گهراڻو هو. پڙهيل، سلڇڻو، تدبر، فهم ۽ فراست سندس طبيعت ۾ رب پاڪ ڪُٽي ڪُٽي ڀري هئي. نواب صاحب جو سئوٽ سر شاهنواز خان ڀٽو جڏهن بمبئي سرڪار ۾ مرڪزي لوڪل سيلف گورنمنيٽ جو وزير مقرر ٿيو ته انهيءَ دؤر ۾ نواب صاحب وري 1934ع دوران ضلع لوڪل بورڊ جو صدر چونڊيو ويو. 11 سال صدر رهيو. قائداعظم محمد علي جناح نواب صاحب سان ڪافي ويجهو رهيو. اهو ئي سبب آهي جو 1938ع تي قائد اعظم لاڙڪاڻي آيو ته نواب صاحب سان گڏ سندس ڀرپور ميزباني سرانجام ڏني. نواب صاحب پاڪستان واري آزادي واري جدوجهد ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هي ڪنهن به سياسي ڌر سان وابسته نه رهيو، هو هميشه آزاد حيثيت ۾ چونڊ وڙهندو هو. هن 1945ع ۾ قاضي فضل الله (جيڪو سنڌ جو وزير اعليٰ پڻ رهيو پر انهيءَ وقت مسلم ليگ جي طرفان وزير هيو.) پڻ شڪست ڏني، اسان جي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ هي واحد ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو چيئرمين هو. جيڪو بجيٽ ۾ خساري هئڻ جي صورت ۾ پنهنجي گهران پئسو خرچ ڪري پورت ڪندو هو. نواب صاحب بمبئي ڪائونسل جو ميمبر پڻ رهيو ۽ بمبئي کان سنڌ جي علحيدگي واري تحريڪ ۾ ڀرپور ۽ اهم ڪردار ادا ڪيو. 1952ع تائين سنڌ اسيمبلي جو ميمبر پڻ رهيو. پوءِ سندس پائٽي شهيد ذوالفقار علي خان ڀٽو جي سياست ۾ اچڻ تي چونڊ تڪ سندس حوالي ڪيو ۽ پاڻ سياست کي خير آباد چيو. نواب صاحب جون ڪيترين ئي نوابن، مهراجن سان دوستيون هيون، جن ۾ هندوستان جي پٽيالا، ۽ نابا جا مهراج سندس ويجها دوست هئا. نواب صاحب سنڌ جي سياستدانن ۾ هڪ منفرد سياستدان رهيو. پاڻ سرڪاري دٻاءَ هيٺ وفادارين مٽائڻ ۽ پنهنجي ووٽ جو ذاتي مفادن خاطر سودو ڪرڻ پنهنجي سياسي قد ڪاٺ مطابق پاڻ کي سياسي بازار ۾ نيلام ڪرڻ جهڙي عام سنڌ جي سياستدانن جهڙي موذي بيماري کان هميشه پنهنجو پاڻ کي پاڪ رکيو. سنڌ جا اهڙا سياستدان سنڌي قوم جو عظيم سرمايو آهن ۽ اسان جي نوجوان سياسي ٿهيءَ لاءِ مشعل راهه آهن.

شال سنڌ جا هاڻوڪا سياستدان به نواب نبي بخش خان ڀٽو جي ڏنل راهه تي هلن ته اسان جي سنڌ جو مسڪين ۽ غريب طبقو پاڻ کي ننڌڪو محسوس نه ڪري.

منهنجا هي ڪجهه جملا نواب صاحب جي هماليه جبل جيڏي وڏي شخصيت آڏو ڪجهه به ڪين آهن پر تنهن هوندي به هن جي ياد تازي ڪن ٿا. موت شل موت پوئي جو ههڙيون عظيم هستيون اسان جي سنڌ کان جلد کسيو ڇڏين.

---

**عوامي آواز، مهراڻ، سنڌ، عبرت، هلچل، تعمير سنڌ، هلال پاڪستان**

# هدايت منگي

## صحافي، اديب ۽ نقاد

هدايت منگي سان منهنجي پهرين ملاقات ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي وٽ ٿي. منهنجو ڪامريڊ سوڀي تعارف ڪرائيندي چيس تہ هي ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جو فرزند اٿئي. هدايت منگي پهرين ملاقات ۾ ئي ايترو تہ ويجهو ٿي ويو، ڄڻ ڪو پراڻو دوست هجي. پوءِ انهيءَ محبت ملڻ جي ڪري ئي هدايت منگي سان منهنجين تڪڙين ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿي ويو. اسان تقريبن هر ادبي گڏجاڻين ۾ گڏ هوندا هئاسين. ڳالهائڻ جو چٽو اکر ڳالهائيندو تہ زير زبر سان ڳالهہ واضح ۽ چٽي ڪري ڳالهائڻ جو ڏانءُ قدرتي طور مليل هئس، غريب هوندي بہ دل جو درياءُ هو. هو يارن جو يار هو. هر دوست جي غميءَ خوشيءَ ۾ اٿڻ ويهڻ وارو سندس ياري باشي سڄي سنڌ جي اديبن، سياستدانن ۽ صحافين ۾ هئي. لاڙڪاڻي جو تہ هي سينيئر صحافي هو ئي پر سنڌ جي سڄي صحافي برادري ۾ هو تمام گهڻو مقبول ۽ يارويس هو.

مون کي ياد آهي اهو ڏينهن جڏهن فقير محمد لاشاري جي وفات جو ٻڌئين تہ انهي کي ياد ڪندي اکيون پاڻي سان ڀرجي آيس. صحافت بہ اهڙي صاف سٿري ڪيائين جو نوجوان صحافين لاءِ مثال هو. غريب مسڪين ماڻهن جا مسئلا پريس ۾ آڻي سندن داد رسي ڪرڻ ڪو هن کان سکي ها. هن جو سنڌ ڌرتي سان ڏاڍو پيار هو ۽ سنڌ ڌرتي جي هر ذات سان محبت هئي. مون کي هڪ دفعي ٻڌايائين تہ نادر هڪڙي دفعي سماٽ قوم جي سيڻي سردارن ۽ چڱن مڙسن جو هڪ ميڙاڪو ٿيو. جتي مون کي ڳالهائڻ لاءِ مدعو ڪيو ويو. سيڻي پئي سماٽ جي حق ۾ ڳالهايو، آخر ۾ جڏهن مون کي موقعو ڏنو ويو تہ مون فقط ٻن ٽن منٽن ۾ سڄي ميڙاڪي کي چپ ڪرائيندي چيو تہ هي سنڌ ۾ ڪهڙيون نفرتون ۽ ويڇا پيا وجهو. اسان جو باباءِ سنڌ ئي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ٻروچ هو. جڏهن سنڌ جو بابو ئي ٻروچ آهي تہ پوءِ سماٽ ۽ ٻروچ واري ويڇي نہ پئو، ٻروچ تہ سنڌي قوم جو اڻ ٽٽ حصو آهي. منهنجا اهي لفظ ٻڌي سڀ ڏاڍا شرمسار ٿيا ۽ اهو ميڙاڪو جو شايد اڳتي هلي چٽنگ منجهان ڪو وڏو ممڻ مچائي ها. انهيءَ ڪان سنڌ کي آجو ڪيائين. سندس اهڙين سنڌ ڌرتي سان پيار وارين ڳالهين کي ڪڏهن بہ تاريخ نظرانداز نہ ٿي ڪري سگهي.

هن درويش صفت صحافي جو گذر سفر آخري ڏينهن ۾ مالي طرح سان ڏاڍو ڏکيو هيو. انهيءَ ڪري لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڪتابن جو دوڪان کوليائين، پر ڪن سببن ڪري اهو هلي نہ سگهيو. پوءِ هن گذر سفر لاءِ ڪافي پرائيويٽ نوڪريون بہ لاڙڪاڻي ۾ ڪيون. ڏينهن رات نوڪرين ۾ محنت هن کي جهوري بہ وڌو پر پورهيو ڪرڻ آخري وقت تائين ڪونہ ڇڏيائين.

هن مون کي هڪ دفعي چيو تہ نادر تنهنجو والد وڏو عظيم انسان هو، پر هن جي وفات کان پوءِ ڪيس ياد ڪرڻ وارو ڪوئي بہ ڪونهي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪجھ نہ ڪجھ ڪرڻ کپي. آخر پئي جتا گڏجي ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي وٽ پهتاسين. جن کان هن صلاح ورتي تہ انهيءَ سلسلي ۾ ڇا ڪجي، آخر ڪامريڊ سوڀي جي صلاح تي تاج محمد ابڙو يادگار ڪاميٽي تشڪيل ڏيڻ جو فيصلو ڪيوسين. اها يادگار ڪميٽي ئي هئي، جنهن جي اجلاس ۾ سنڌ جي مشهور اديبن بابا سائين تي مضمون لکي اخبارن ۾ شايع ڪرايا، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ جنهن شخص جون ايڏيون صحافت ۽ ادب ۾ خدمتون هيون. ان ادبي ۽ صحافتي شخصيت تي ڪوبہ قلم ڪڻڻ لاءِ تيار نہ آهي. هڪ تہ بدقسمتي سان سنڌ ۾ ادارا ڪونہ بچيا آهن جو هاڻي اسان کي عظيم انسان پيدا ڪري ڏين ۽ آهستي آهستي سنڌ منجهان عظيم انسان بہ موڪلائي رهيا آهن. جڏهن اهڙا حالات هجن پوءِ بہ اسان پنهنجن محسنن کي وساري ويهون تہ پوءِ اهڙن حالاتن ۾ نوجوان ٿهيءَ جو آخر ڇا ٿيندو؟

نوجوان ٿهي کي سنڌ جي اهڙن سپوتن جي خدمتن بابت تہ گهٽ ۾ گهٽ ڄاڻ ڏيڻ کپي، جو هو انهن شخصيتن کي مشعل راهہ ڪري هلن. هدايت منگي هن مهل اسان جي وچ ۾ ڪونہ آهي، پر هو پنهنجن خدمتن جي حوالي سان سنڌ جي ادبي ۽ صحافتي تاريخ ۾ زندهہ رهندو.

منهنجا ڪجھ جملا هن جي تمام وڏي شخصيت لاءِ ڪجھ بہ ناهن پر پوءِ بہ اڄ هن جي ياد تہ تازي ڪن ٿا.

---

خبرون، هلال پاڪستان، سنڌ، فيصلو، سڪار، عبرت، مهراڻ، هلچل، سنڌو، سنڌ عوامي آواز، تعمير سنڌ

# سنڌ سلامت

# ڪتاب گهر